سال:14. شمارو:167. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانى قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

## وچور



### شيام ڪمار کي سالگره مبارڪ:

نندڙيون ڪهاڻيون — شيام ڪمار
فئنٽسي... — شيام ڪمار
پاتم جهاتي جهان ۾ (آتم ڪٿا-23) — شيام ڪمار

### تنوير عباسي جون سارو ٽيون:

هوءُ ڳالهيون هوءُ ڳُڻ... — ناز سنائي

### سنڌ جي عظيم شخصيت:

سناسي خان بڪڪ... — ج.ع.منگهاڻي

### هڪ مڪالمو:

شهزادو ۽ درويش... — پڇن لال

### نقطءِ نظر:

منٽو جا سؤ سال... — ڊاڪٽر رسول ميمڻ
غزل جي ارتقا... — ذوالفقار گاڏهي
تخليقيت جو پرسپيڪٽو... — تاج بلوچ

### جديد سوچ جو آهنگ:

ستارا ۽ تقدير... — شوڪت لوهار

### ڪهاڻي:

انبن جي موسم... — ڊاڪٽر رسول ميمڻ
ٹُڪ جي رلي... — پير عبيد راشدي
ٽوٽل پورو... — انور شيخ
اڻ-هريا مَ هير... — حيسب ڪانهيو
ڊسڪنيڪٽيڊ رسيور... — رئوف ڪوسو

### نظم:

مارو جمالي، مصطفيٰ انڙ ۽ تاج بلوچ.

### غزل:

سعيد ميمڻ، ذوالفقار گاڏهي، حسين جاگيراڻي، ساڻي محبوب زنگيجو، امر ساحل، منتظر گولو، مصطفيٰ انڙ، منور ملاح، نماڻو صديق مهيسر ۽ بيتاب ناپر.

### جي مارن مونڊي موڪليا:

پڇن لال، سلمان پٺاڻ، حليم جوش ۽ عزيز گل.

## ٽچ مي پليز...

علم، ساڪت ۽ جامد ناهي. علم، لڳاتار متحرڪ ۽ اوسر ماڻي ٿو. علم جي اوسر، سڌو سنئون 'صحيح ادراڪ' (living perception) سان. خيال ڏانهن سفر ڪري ٿي.

لينن چيو، "... 'صحيح ادراڪ' کان مجرد خيال (abstract thought) ۽ 'مجرد خيال' کان، حرڪت (عمل) طرف سفر ڪري ٿو. اهو اصل ۾ سچائي کان 'ڄاڻ' جو 'جدلياتي گس' (dialectical path) آهي."

'حسي ڄاڻ' هميشه انسان جي حسي عضون جي واهر سان، ٻاهرين دنيا جي شين جي اپياس جو ساهس ٻڌجي ٿي. ۽ اها ڄاڻ، انسان روزاني جي تجربن مان حاصل ڪري ٿو. ڪنهن نامانوس شيءِ جي اپياس خاطر، ان شيءِ کي اسين آڱرين سان ڇُهي ۽ چکي ڄاڻ سان چکي، شين جي سڌي سنئين ڄاڻ يا ادراڪ ماڻي سگهون ٿا. ۽ انهيءَ کي ئي علم جي گس تي هلڻ جو شروعاتي سفر ۽ پهرين وک چئجي ٿو.

انسان پنهنجي عملي سرگرمي وقت قدرتي شين ۽ مظهرن کي ڏسندي پنهنجي حواسن ذريعي حاصل ڪيل عڪس کي پنهنجي ذهن ۾ هڪ تاثر يا اميج طور محفوظ ڪيو ڇڏي. 'انساني حواس' اصل ۾ هڪ 'دروازو' آهي جنهن جي معرفت تخليقڪار ٻاهرين دنيا کي پنهنجي ذهن جو حصو بڻائي ٿو.

حس، (extra scenery perception) حسي تجربي/ڄاڻ جي خاص صورت آهي. جيڪا شين جي عڪس يا جمالياتي پيڪر جي مختلف ۽ پاڻ ڏانهن موهي ڇڪي وٺندڙ نرالين خوبين کي پاڻ ۾ ضم ڪري ڇڏيندي آهي. پوءِ انهن شين جي نوعيت ڪيئن ۽ ڪهڙي به هجي؟ هلڪيون هجن يا ڳؤريون، سخت هجن يا پاڙيات. نرم هجن يا کهريون. خشڪ هجن يا سٽپيون!! ٿڌيون هجن يا ڪوسيون. اهي سڀ شيون انساني حس کي متاثر ڪن ٿيون. ۽ حسي ادراڪ جي تيز ٿيڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون.

انساني وجود جي حسي جوڙجڪ جي عضوياتي سرشتي ۾ سمورا حسي تجربا، هڪ 'پُرشور جاڳرتا' معرفت ذهن تائين رسائي حاصل ڪري وٺن ٿا، جيئن بجلي جي تارن ۾ بجلي جو وهڻ/هلڻ يا ڪرنٽ وغيره. ذهن جا ٻه ڪميونسٽ ٻيا به آهن، جتي 'پرشور جاڳرتا (awakened excited stirred up) شديد حس جي صورت اختيار ڪري ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ روشنيءَ جي حس ٻڌجيو پوي.

حسي ڄاڻ جي Sharpness شين جي چنڊچاڻ ۽ سونهن جي لافاني اپياس واري ڪيفيت ۾ پرڪيف خوشي آڻي ٿي. لينن انهيءَ عمل کي Objective World (معروضي دنيا) جي Subjective Shape (موضوعي صورت) قرار ڏنو.

معروضي (objective) طور، شين جو ادراڪ (perception) هوندي به ميڪانيڪي طور، اهڙو نقش انساني ذهن ۾ مثالي (عيني) صورت ۾ پَسبو. ۽ اهڙي شبيهه کي موضوعي (subjective) چئبو. ڇاڪاڻ ته انجو لاڳاپو، ٻاهرين دنيا جي پيٽ ۾، انسان (موضوع) ۽ نوع انساني سان جڙيل آهي.

حِسنُ جي فطرت، انساني نفسيات جي خاص قانونن سان تخليقڪار جي ذاتي خوبين ۽ سڀ کان وڌيڪ سماجي حالتن ۽ ماحول جي اثر هيٺ تيزيءَ سان شين بابت حاصل ٿيل علم/ادراڪ ذريعي تجريدي خيال تائين جو سفر، پراثر ۽ لاپائتو ٻڌجي ٿو.

هڪجهڙي ذهني سطح رکندڙ ٻه شخص جڏهن سنفني ٻڌن ٿا ته، هڪ ڄڻي جي موضوعي حس ۾ آرڪيسٽرا ۽ آوازن جي رل مِلَ هن جي ذهن ۾ ڌار ڌار شبيهون ۽ عڪس جوڙي ٿي، جڏهن ته ٻئي ماڻهو ڪو تاثر نه ورتو. حس جي اهڙي معروضي فطرت جي مثال مان ظاهر ٿيو ته ٻه نارمل ماڻهو هڪجهڙي ذهني سطح رکندي به، اثر وٺڻ جي ڏس ۾، ڌار ڌار ادراڪي تجربي جا حامل آهن.

حسي علم، حِسنُ کانسواءِ ادراڪ ۽ خيال تي به ٻڌل هوندو آهي. ادراڪ، حسي ڄاڻ جو اعليٰ ذريعو آهي، جيڪو شين جي ڪليت کي ظاهر ڪري ٿو. پر شين جي ٻاهرين پاسن کي ظاهري خوبين کي گهيري ۾ نه ٿو آڻي.

مارڪسزم-لينن ازم ان اسم بابت، خيال کي، فنڪار جي ذهن ۾ پوئين ادراڪ جي ٻيهر جوڙجڪ (re-production) ڪوٺيو آهي. جيئن آئون چوان، 'پٽائي' ڪيئن هوندو؟ جڏهن ته مون نه پٽائي ۽ نه ئي ان جي دور کي ڏٺو ئي ناهي.

Idealist پسندانه فلسفي جي پيٽ ۾ حسي صداقت جا پيمانا ڌار آهن، جن ۾ هٿ، پير، اکيون، ڪن، نڪ يا ٻيا گهربل اوزار گهربل هجن ٿا. يا هڪ فرد جي حواسن کي ٻي ماڻهو جي حواسن سان پيٽي حسي صداقت جو ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو.

علم، ساڪت ۽ جامد ناهي. ادراڪ ۽ تجريدي خيال جو سفر (عمل) حقيقت کان، ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو جدلياتي رستو (dialectical path) آهي.

**تاج بلوچ**

OFF: 021_37705502
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail: tajbaloch2505@yahoo.com
sojhromonthly@gmail.com

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

خريداريءَ جا اگهه:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

آفيس ايڊريس:
بنگلو نمبر: 177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.
فون: 021_34019264_5

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.



# هُو ڳالهيون هو ڳُڻَ...

ناز سنائي



ادبي دنيا جون ڳالهيون جي ويهي لکجن ته اها به هڪڙي تاريخ ٿهي وڃي. اديبن جا رويا، ڪچهريون ميل جول به جي رڪارڊ تي اچي وڃن ته سندن شخصيت جو هڪڙو پهلو اجاگر ٿي پوندو. اديبن جي سوانح، انهن جي علمي ادبي ڪمن ڪارين جو تفصيلي جائزو پنهنجي جاءِ تي پَر انهن جون ڪي ڪي ڳالهيون، سدائين ياد رهنديون آهن. اهي پلي سمورن کي ياد نه هجن چوته اهي رڪارڊ تي نه هونديون آهن. ڪتابن ۾ موجود نه هونديون آهن. مضمونن ۾ به نه هونديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪِٿي ڪِن ذاتي ڪچهرين ۾ پيون ورجائبيون آهن.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جهڙو کِلٽو ملٽو مور ماڻهو هاڻي اسان جي منهن ۾ ڪونهي. شاعر ته سٺو هو ئي پر شخصي طور تي به لاجواب هو. هُن جي مُرڪ ته لاجواب هئي. ٺهڪ ڏيندو هو ته هُن جو سڄو جسم ڄڻ ٺهڪ ڏيندو هو. سَرمد جي گهر، ڪلينڪ واري ڪرسيءَ سچل چيئر ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويهي جڏهن ٺهڪ ڏيندو هو ته ڄڻ ڪرسي به رقص ڪندي هجي ۽ پوءِ هُن جون اهي ماڻڪيون پاڻيءَ سان پرجي ايندڙيون هيون. آئون انهن کي ڳوڙها ڪونه چوندس چوته وڏن ٺهڪن ۽ سڄي جسم جي رقص ڪانپوءِ به اهي ڳوڙها انهن اکين مان ڪِرندي مون ته ڪونه ڏِٺا. اهي ماڻڪيون، عطيي طور ڏيڻ جو ايل.ايم.سي ڄامشوري جي جنهن پروگرام ۾ هُن اعلان ڪيو هو. آئون اتي به اتفاق سان موجود هوس. اهي ماڻڪيون جن سان هن دنيا کي وري وري پئي ڏسڻ گهريو. اهي مٽيءَ ۾ مدفون ٿي ويون يا عطيي طور ڪنهن ماڻهوءَ کي مليون اها خبر سچي ته مون نه رکي چوته جڏهن هن جي وفات واري خبر نشر ٿي ته مون پنهنجي گهر واريءَ کي چيو ته مان خيرپور ويندس جو اُن دوستن کي الوداع ڪرڻ ٿو گهران. تيار پيو ٿيان ته خبر پئي ته مظلوم ڌرتيءَ جو مظلوم شاعر، ظالمن جي ڌرتيءَ تي پوريو ويندو ته پوءِ خبر ڇاجي رکجي؟

هو چرچن گُهبن جو ماهر هوندو هو. جڏهن ايل. ايم.سي ۾ اکيون عطيو ڏيڻ جو اعلان ڪيائين ۽ هيٺ مليو ته اسان دوستن ڪيس چيو ته 'تنوير واهه جو ڪم ڪيو اٿئي، واقعي دنيا ايڏي حسين آهي ڇا جو اُن کي بار بار ڏسڻ ٿو گهرين؟ چي، هاڻي الله کي پيو ڏسان ته ائين ڪونهي. جيئڻ اسٽيج تان ان جي خوبصورتي پيو ڏسان. ڊاڪٽرياڻيون ته ڏسو، جنت جون حورون آهن. مون اهو اعلان انهن لاءِ ڪيو آهي، متان ڪو اوهان مان پڙوڪلمِ ڪري. ۽ اسان ٺهڪن ۾ به هجون.

ڪراچيءَ جي هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ سنڌ بابت ڪو سيمينار ٿيو هو. اتي سوئمنگ پول هو. مون اتي ڏٺو ته ڪي پول ۾ اندر هئا ڪي ٻاهر ويٺا هئا. آرام ڪرسين تي اڇين برف جهڙين ڇهنگن واريون يورپين عورتون به ويٺل هيون. اسان جو تنوير به هڪڙي آرام ڪرسيءَ تي سگريٽ پي انهن کي ڏاڍي مسرت سان ڏسي رهيو هو. مان پري بيهي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کي ڏسي رهيو هوس ۽ رڳو اهو تصور ڪري رهيو هوس ته جي هن وقت پاڃائيءَ قمر پهچي وڃي ته مون واري يار تنوير جو ته سڄو تاج محل ڊهي اچي پَٽَ پوي.

'ڪينجهر' لاءِ هن جو انٽرويو ڪرڻ لاءِ اسين به ٽي دوست آسي زميني، الطاف ملڪاڻي خيرپور وياسين. سچل چيئر ۾ هن جو انٽرويو ڪيوسين. شام ٿي ويئي. انٽرويو پئي هليو. آخر ۾ چيائين، ماني ڪاڏي اٿوَ؟ اسان چيو ويٺا ته هتي تو وٽ آهيون... چي، 'جوش مليح آباديءَ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته هو پاڪستان گهمڻ لاءِ پنهنجن پراڻن دوستن وَٽ ويو. لاهور ۾ ڪو دوست چوي. جوش! فلاڻي جاءِ تي هلي ٿا ويهون. پراڻيون يادون تازيون ڪريون. فلاڻي دوست وٽ ٿا هلون... نيٺ جوش انهن اڳيان سُٺڻ لاهي، اُٺوٽي چيو، 'پڙوا، مونکي بدفعلي ڪيو. سڀ پريشان... جوش هي ڇاهي؟ چي يارو، پيٽ ۾ ٻُهه ته ويندو.' ۽ اسين سڀ کِلڻ ۾ پورا هُجون.

هڪڙي پيري، خيرپور جي سچل هال ۾، سچل سائينءَ جي ميلي يا ڪنهن ٻئي حوالي سان مشاعرو هجي، مون کي پياري قربان منگي زور پري اُتي گهرايو.

ڊاڪٽر تنوير ۽ حميد سنڌي وائيس چانسلر جا اختلاف هلندڙ هئا. مون ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کان سوال پڇيو، 'اختلاف ڪٿي پهتا؟' چي، 'عملي طور مشاعري ۾ ڏسجان.' مشاعرو ٿيو. اهي نوجوان جيڪي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ سان، ان جي شخصيت ۽ شاعريءَ سان پيار ڪندڙ هئا. سڄي هال ۾ موجود هئا. حميد سنڌيءَ ڪجهه چوڪرن کي، ڊاڪٽر تنوير عباسي کي بي عزتو ڪرڻ لاءِ تيار ڪري هال ۾ پويان ويهاري ڇڏيو هو. تنوير کي ٻيهر عرض ڪرڻ لڳو. ڊاڪٽر سڄو هال منٿن ميڙين ۾ ڏنو ته واپس اسٽيج تي آيو ۽ شعر پڙهڻ لڳو ته پويان ويٺل ساڳين چوڪرن وري هوٽنگ شروع ڪئي ته ڊاڪٽر صاحب ڊائري اُڇلائي ۽ سخت جذبات ۾ پاڻ اسٽيج تان هيٺ لهي آيو. سمورن گڏجي، هوٽنگ ڪرڻ وارن کي مارَ ڪٽ ڪري پوليس حوالي ڪيو. تنوير سان گڏ سندس گاڏيءَ ۾ مان وينس. مانيءَ جو انتظام ڪيل هو. ڪاهوٽل وغيره هئي. تنوير مونکي چيو، 'نازل ڏٺئي نه حميد ۽ منهنجا اختلاف ڪٿي پهتا آهن؟ مونکي ان سڄي سازش جو پتو هو، تڏهن تو کي چيو هوم ته مشاعري ۾ ڏسجان!"

مانيءَ واري ٽيبل تي تنوير، مان ۽ ٻيا دوست هئاسون. هن کي ڏک ته هو پر ان جو ذڪر ئي نه پيو ڪري. هتان هُتان جون ڳالهيون. ماني ڪائي بس ڪئي سون ۽ اُٿڻ وارا هئاسين ته ان کان اڳ تنوير ٻڌايو، 'هڪ دفعي سچل جي ميلي تي وزير دفاع مير علي احمد ٽالپر تقرير ڪندي چيو ته اوهان جي مٽي تي چڙهي مونکي پنهنجي ٽنگ ٽوري پچائڻي آهي.' ٺهڪن ۾ ونجي وياسين ۽ انهن ٺهڪن ۾ ئي تنوير ٿو مونکي چوي، 'ناز تون ته مون سان هلندين؟' مون چيو، 'يار مونکي به ٽنگ ناهي پچائڻي' ۽ ان تي وري ايڏو



پي ٽي وي جي پهرئين مشاعري ۾ تنوير عباسي، مخدوم طالب المولا، احسن الهاشمي، تاج بلوچ ۽ امداد حسين سان گڏ



ڪابي ڪان ساڄي: (گنجي ۾) مرحوم تنوير عباسي، فتاح ملڪ، مرحوم الطاف عباسي، امداد حسيني، مرحوم رشيد ڀٽي، مرحوم نور عباسي، مرحوم ٻرڙو سنڌي، مرحوم عبدالڪريم گدائي، تاج بلوچ ۽ مرحوم سرويچ سجاولي خيرپور ۾ سنڌي ادبي سنگت جي اليڪشن دوران

ڪلياسون جو سڀ دعوتي اسان ڏي متوجه ٿي ويا.

هڪ دفعي ڊاڪٽر تنوير مونکي خاص طور گهرايو. قومي تحريڪ سان هو انتهائي سچو هوندو هو. ڪيترين مَهلن ۽ موقعن تي هو مونکي گهرائي سائين جي ايم سيد لاءِ ڪي صلاحون مشورا، ته هن وقت هيئن ڪرڻ گهرجي هي ڪم ڪرڻ گهرجي. مونکي چوڻ لڳو ته 'ناز، شيخ اياز قومي تحريڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو. اياز جو ڪيترو ڪلام، هوبهو ترجمو آهي ۽ مون اهو مضمون وڏي محنت سان لکيو آهي. اهو مضمون تون پنهنجي نالي تي ڇاپائي ڇڏ. مون جڏهن مضمون پڙهيو ته ڪيس چيم ته 'ادا، ڪم ته واهه جو آهي. پر منهنجي نالي تي نه اچڻ گهرجي. ان جا ٽي سبب آهن، (1) ته مون کي انگريزي اچيئي ڪا نه ڪو مون ڪو ٻاهريون ادب پڙهيو آهي. مضمون ۾ سڀ حوالا انگريزيءَ جا آهن، (2) مان سڄي سنڌ ۾ اياز جو دشمن مشهور ڪيو ويو آهيان ۽ (3) ڪابه اهڙي تحرير ناهي جيڪا لکي ٻي هجي ۽ منهنجي نالي تي ڇپي هجي.

تنوير چيو بروبر. سڀ ڳالهه صحيح پر مضمون اچڻ گهرجي. مون سوچي سوچي ڪيس چيو، 'چڱو مان سپاڙي ايندس.' مان مولائي شڪارپور ارشاد شيخ 'آدرش' وٽ آيس، جيڪو سنگت جو ڪارڪن رهيو هو. لکڻ پڙهڻ به شروع ڪيو هئائين. سو ان کي ذهني طور تيار ڪري مضمون هيءُ اتاري وٺي ۽ پوءِ آدرش اهو مضمون اتي ويهي اُتاريو. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن، 'ڪتي لڌي هريڙ پاڻ خيرپور وٺي آيس. تنوير سان ڳالهه ڪيم چئي پلي.



مرحوم تنوير عباسي (1981) ۾ ذوالفقار سيال جي ڪتاب جي مهورت جي موقعي تي

ڪي سونارو سمجهڻ لڳو' سو آدرش کي خيال آيو ته جي اهو مضمون اياز کي ڏيکاريندو ته چاندو پاٽي ڪرائيندو. اياز جي سخاوت ته سڄي سنڌ ۾ مشهور هئي پر اوهه ڪُتي لوهه کي شڪارپوري شڪارپوريءَ مان ڪجهه ڪرڻ لاءِ وڃي اياز وٽ پهتو. ادل سومري معرفت هو اياز وٽ پهتو ته ڪيس چوڻ لڳو ته مونکي اڪيلائيءَ ۾ اوهان سان اهم مسئلي تي ڳالهائڻو آهي. اياز جيستائين ڳالهاءِ پر هن ادل سومري جي موجودگيءَ ۾ ڳالهائڻ نه پئي گهريو. ڇو جي انتهائي اهم مسئلو آهي اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائيو. اياز چيس ته 'جنهن ماڻهوءَ معرفت آيو آهين ان جي موجودگيءَ ۾ به نه ٿو ٻڌائڻ گهرين ته پوءِ ضرورت ڪانهي. اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ جي.'

اياز تي ڊپ گهڻو سوار هو، سو اڪيلائيءَ ۾ هُن سان نه ڳالهايائين ۽ همراهه ڪاوڙ ۾ پاٽي به پلئه نه پوڻ ڪانپوءِ آسرو لاهي، منهنجو ڀرم رکيو ۽ مضمون عبرت مئگزين ۾ ڇپجي ويو. اياز، مدد علي سنڌيءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي سنگتين ساٿين کي فون ڪري ڏک ۽ ارمان ڪرڻ لڳو ته اهو مضمون نه ڇپجڻ گهرجي ها. آدرش لاءِ جڏهن ادل ڪيس ٻڌايو، 'هي اهوئي آهي جنهن اوهان سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ پئي گهريو.' اياز جي آدرش سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائي ها ۽ آدرش کي ڪجهه ڏئي ها ته مان تنوير وٽ مياري ٿي پوان ها.

اياز ۽ سندس ساٿين کوج لڳائڻ لاءِ گهڻي ئي ڪوشش ڪئي. آخر ان نتيجي تي پهتا ته مضمون يا ته ڊاڪٽر تنوير يا تاجل بيوس جو لکيل آهي. تنوير پاڻ به وڏي پڪائيءَ سان پيو پڇائون ڪندو هو ته اهو آدرش آهي ڪهڙو؟ جي ڪو چوندو هو ته سائين چئو ته ڪٽي اوهان سان ڪيس ملايون ته ڪلي چوندو هو، 'ڀڄ پري.'

مون هند جي ڏهن شاعرن جي شاعريءَ تي هڪڙو ڪتاب 'روشني آ شاعري' لکيو. ان جو مهاڳ ڊاڪٽر تنوير لکيو. واهه جو مضمون لکيا اٿس. پياري نصير به شاندار ۽ طويل پيش لفظ لکيا. ڪتاب جو ٽائيٽل ڇپيل ۽ ڪتاب پيسٽنگ ٿيل مون وٽ سالن کان پيو آهي. پر پبلشنگ اهڙو گورک ڌنڌو آهي جو پنهنجيون تحريرون ڇڏي، ٻيا ڪم ٽا ڪرٽا پون. ورنه اهو ڪتاب ته ويهارو سال ڪن اڳ ڇپجڻ گهرجي ها ۽ ڊاڪٽر تنوير جي مون بابت اها تحرير به رڪارڊ تي اچي وڃي ها. ■



ساڄي کان کاٻي: سرفراز راڄڙ، ذوالفقار سيال، شبنم موتي، مرحوم تنوير، مهتاب اڪبر راشدي، آغا سليم ۽ قمر شهباز

مُرُڪٽُ (منهن مونن ۾ هٽي) ڪريو پيا آهيون... پرائو هنڌ آهي مُئي ساهه تا ڪٽون. پوءِ به هتي جا وڏيرا ۽ زميندار اسان کي نٿا سهن!!“

سناسي خان بڪڪ جا پرون ڪاوڙ مان مٿي ٿي ويا. ۽ سندس عقاب جهڙيون تيز تکيون اکيون ٿانڊن جيان جرڪي پيون، ’ڪيئن نٿا سهن؟ ڇا ٿا چون؟ اوهين ته ڪنهن جي به زمين تي رهيل ناهيون. هي ته جهنگ آهي. جيڪو سرڪار جو آهي؟‘

پوڙهي انهرو ٿي چيو، ’ابا، اهي سرڪار به ته پاڻ آهن نه...‘

سناسي خان تکو ٿي چيو، ’نه چاچا، اهي سرڪار ناهن. هاڻي ٻڌاءِ ماجرا ڪهڙي آهي؟‘

پوڙهي جا لڙڪ واري ڇلڪڻ لڳا، ’ابا، وڏيرن جا نوجوان پٽ ٻاڙها ريشمي رومال ڪنڌن ۾ وجهي گهوڙن تي چڙهي اچي اسان جي واڙن ۽ لوڙهن مٿان بيهي هل هڪلون ڪندا ڳالهائيندا، اسان جي پونگن ڏانهن اَوڪاسي (ڪنڌ مٿي ڪٽي) نهاريندا ٺهڪ ڏيندا رهن ٿا ۽ اها روز جي ڳالهه آهي. اسين ڪمزور ۽ هيٺا، بيعزتي ۽ بيغيرتي ته گهٽوئي لڳي پر ڇا ڪريون. وس ئي ڪونهي. ڇوڪرا گهٽيون ئي اُپڪون (اڇلون) ڏيئي اٿن. پر آئون ڪين جهليان ته مارجي ويندا. هڪ ڏينهن آئون لوڙهي ڪان ٻاهر ويٺو هوس ته هي پيادل ٺهڪ ڏيندا ٺٺوليون ڪندا پي آيا. مونکي دڙڪو ڏيئي چيائون، ’اڙي ڪوڳ، ڪهڙا پيو نظارا ڪرين. اندر ڇو نٿو وهين؟‘

چيم، ’ابا، نظارا ڪهڙا. واسري تي ويٺو آهيان پنهنجي ئي واڙ جي اڳيان.‘ مون بس رڳو ايترو چيو. منهنجي ايتري چوڻ تي انهن نڪا ڪئي هم نڪا تم اچي مونکي لتن ۽ چماٽن سان وارايائون.

ايئن چئي پوڙهو ڍنڍڪارون ڏيئي روئڻ لڳو. سناسي خان جو خوبصورت گلابي چهرو ڪاوڙ مان ٻاڙهو رت ٿي ويو. هڪدم ٽپ (ٽپو) ڏيئي اٿيو ۽ پوڙهي ڪان پڇيائين، ’تون انهن کي سڃاڻين ٿو؟‘

پوڙهي ورندي ڏني، ’ها، آئون ڪين سڃاڻان ٿو، به وڏيري جا پٽ هئا ۽ ٻيا سندن مائٽ ۽ دوست آهن. ۽ وڏيرو پاڻ به الائي ٻچڙو ۽ ظالم آهي. آئون جڏهن ڪين اها دانهن ڏيڻ ويس ته ان وري ٻيڻو بيعزتو ڪيو.‘

سناسي خان بڪڪ انهيءَ مهل وڏيري سان ڳالهائڻ لاءِ پوڙهي جي پٽ کي ساڻ وٺي وڏيري جي اوطاق تي پهتو ته وڏيرو پاڻ وڏي ٺاٺ سان ڇپر کٽ تي ويٺو هو. ۽ ٻيا سندس ڪارندا هيٺ پٽ تي ويٺل هئا.

سناسي خان بنا ڪنهن سلام جي اندر اوطاق ۾ گهڙيو ته وڏيرو هن ارڙي خوبصورت جوان کي ڏسي ٿورو هٻڪيو. پر وري سانگئي وڏيرڪي ٺٽ ٻٽاڪ مان هيٺ پٽ ڏانهن اشارو ڪري چيائين، ’اچو، اچو، ويهو.‘ سناسي خان بڪڪ بنا ڪنهن ورندي ڏيڻ جي بيپرواهيءَ مان وٽس اچي چيو، ’تنهنجا پٽ ڪٿي آهن؟‘

وڏيرو هن بهادر، ارڏي ۽ بي ڊپي نوجوان ڏانهن حيرانيءَ مان نهارڻ لڳو. جيڪو سندس ئي اوطاق ۾ اچي ڪيس نظرانداز ڪري رهيو هو. وڏيري جا ماڻهو اکيون ڦاڙي ڪيس حيرانيءَ مان تڪي رهيا هئا.

سناسي خان وري به ڪيس چيو، ’تنهنجا پٽ ڪٿي آهن؟‘

وڏيرو سامت ۾ اچي ويو، ’ڇو؟‘

سناسي خان بڪڪ نهايت سپاٽ لهجي ۾ چيو، ’ڇو ته اهي مياري آهن. بلڪ ڏوهي آهن. انهن ڏوهه ڪيو آهي.‘

وڏيرو يڪو حيران هو. چيائين، ’ڇا ڪيو آهي انهن؟ ۽ تون ڪير آهين؟‘

سناسي خان بڪڪ برف جهڙي انداز ۾ چيو، ’آءون ڪير به آهيان. پر تنهنجي پٽن هڪ پوڙهي جي بيعزتي ڪرڻ ۽ ڪين مارڻ وارو ڏوهه ڪيو آهي.‘

وڏيري اطمينان سان چيو، ’اڇا، اڇا. اهو پوڙهو جيڪو جبل مان اچي هتي واندو ٿيو آهي.‘

’ها.‘ سناسي خان مختصر جواب ڏنو ته وڏيري مشڪي بيپرواهي مان چيو، ’جوان مڙس آهن، رت ۾ جوش اٿن پوڙهي به ضرور ڪا حرڪت ڪئي هوندي، ڇريا ته ڪونهن...‘

سناسي خان چڙي چيو، ’حرڪتون پوڙها ڪندا آهن يا جوان؟‘ ۽ ڇريا ته آهن جو ايئن ڪيو آهي.‘

وڏيرو جيئن ته ڪيس سڃاڻندو نه هو سندس لفظن ڏانهن بنا ڪنهن توجه ڏيڻ جي هيٺ پٽ تي ويٺل پنهنجن ماڻهن ڏانهن نهاري مشڪي چيائين، ’ابا، جوان مڙس سان اسين ته پڄي نٿا سگهون، الهڙ آهن ڇا ڪريون... ٻار ته ناهن جو مار ڏيون.‘

اهو ٻڌي سناسي خان بڪڪ بس رڳو ايترو چيو، ’ٺيڪ آهي جوان مڙسن ۽ الهڙن سان اسين پڄي وينداسين. تون فڪر نه ڪر.‘ ۽ پوءِ هڪدم وڏيري کي پٺي ڏيئي وڏيون وکون کڻندو اوطاق مان ٻاهر نڪري ويو. پوڙها جا پٽ جيڪي ساڻس گڏ هئا اهي ڊوڙندا سندس پويان ٻاهر نڪتا.

پوڙهي وٽ اچي ڪائونس پڇيائين، ’اهي ڪهڙي مهل ايندا آهن؟‘

پوڙهي جواب ڏنو، ’ابا، واٽ اهائي اٿن. گذرندا روز آهن. باقي انهن جي اچڻ وڃڻ جي ڪائي مهل ڪانهي.‘

چيائين، ’ٺيڪ آهي چاچا، اڄوڪو ڏينهن ۽ رات اوهان جو مهمان آهيان.‘

پوڙهو ۽ سندس پٽ رڳو ڪيس حيرانيءَ مان ڏسڻ لڳا جنهن وٽ ڪنهن به خوف ۽ ڊپ جو ڪو نالو ۽ نشان نه هو.

وچينءَ (ٽپهريءَ) جي ويل ٽري ويئي هئي. سانجهي ٽيڻ واري هئي ته لوڙهي جي ٻاهران ڪل ۽ ٺهڪن جو هُل ٿيو. پوڙهي جا ڪن ڪڙا ٿي ويا ته سناسي خان بڪڪ پڇيو، ’ڇا جو گوڙ آهي؟‘ پوڙهي چيو، ’ابا، اهي ئي ڇوڪرا آهن.‘

سناسي خان پنهنجي لٺ هٿ ۾ جهلي اٿيو ۽ لوڙهي جي ڪُڙَهَ (در) وٽ آيو ته ڏهه پندرهن نوجوان لاڳيون ڏيندا، مستيون ڪندا، کلندا بيپرواهيءَ مان لوڙهي ۾ لؤٽا هٽندا ڪڙهه وٽ آيا. سناسي خان جيڪو ڪڙهه تي ايستاده (بيٺل) هو ان کي ڏسي ٿورو هٻڪيا. پر وري پوڙهي کي ڏسي همٿ ٽين جيڪو سناسي خان جي پٺيان بيٺل هو. چيائين، اڙي، هي ڪهڙا رنگ رنگيلا مهمان پيو آٽين. اڃا سبق نه مليو اٿئي ڇا؟‘

انهن جو ايترو چوڻ ۽ سناسي خان بڪڪ جي لٺ وڄ وراڪا ڪري حضرت موسيٰؑ واري عصا وانگر ڇڻ پاڻ ئي وڙهڻ لڳي. ڪن پل ۾ اهي ڏهه پندرهن نوجوان مُڇ/ گڏجي هيٺ ڪري پيا. پوڙهو ۽ سندس پٽ اهو لقاءُ ڏسي سڪتي ۾ اچي ويا. جن کي هڪل ڪري سناسي خان رسيون گهرائي سيني کي ٻڌايو. ۽ پاڻ گهوڙي تي چڙهي وڏيري وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين، ’چاچا، سان وهنوار/ حساب ڪتاب ڪر، نه ته تنهنجا ڇيڳڙا ڇورا مون وٽ ٻڌل آهن. آئون ڪٽيو ٿو وڃان جبل.‘

وڏيري جي مٿي ۾ به اڃا مڳي هئي. چيائين، ’ڇوڪرن کي ڇڏائڻ لاءِ مون وٽ وڏا هٿ آهن.‘ اهو ٻڌي سناسي خان جهڙپ هڻي وڏيري کي ڪنڌ ۾ جهلي گهوڙي تي اونڌو ليٽائي ڪٽي اتي آيو جتي وڏيرڪا ٻار ٻڌل هئا. ڇوڪرن کي هوش اچي ويو هو. ۽ هو سناسي خان بڪڪ جي هٿن ۾ وڏيري کي قابو ڏسي ڏڪڻ لڳا. سناسي خان، وڏيري کي گهوڙي تان هيٺ اڇلائي پوڙهي ڏانهن اشارو ڪري وڏيري کي چيو، ’ڇورن کي چئو ته چاچا ڪان پيرن پئي معافي وٺن.‘

وڏيرو ڪو بنيادي بي حيا هو. چيائين، ’ڇوڪرا مرضيءَ وارا آهن...‘

ڇوڪرن دانهون ڪري چيو، ’اسين معافي وٺون ٿا. پيرن پئي معافي وٺون ٿا.‘

وڏيري ڇوڪرن کي چيو، ’تڪ هَجَو پاڙيا.‘

سناسي خان ڪاوڙ مان هڪل ڪري چيو، ’سڄي بيغيرتائي وڏيري جي آهي.‘ وري جو وڏيري کي ڪنڌ ۾ جهليائين ته هو هيڊو ٿي ويو. ۽ ٽنگون گهريندو هلڻ لڳو. سناسي خان وڏيري کي سندس ڇورن سميت گهرن ڪان پري جهنگ ۾ وٺي آيو. ساڻس گڏ پوڙهو ۽ پوڙهي جا پٽ ۽ پائيتا هئا.

جهنگ ۾ پهچنديئي سناسي خان وڏيري کي چيو آخري ڀيرو ٿو چوانءِ ته تون ۽ تنهنجا ڇورا چاچا ڪان پيرين پئي معافي وٺون نه ته...‘

وڏيري چيو، ’پوڙهي سان جيڪو ڪيو مون ڪيوءِ سٺو ڪيو.‘

وڏيري جو ايترو چوڻ ۽ سناسي خان سَٽَ ڏيئي وڏيري کي جهيل ان جا ڪپڙا لاهي ڪيس سندس پٽن اڳيان اگهاڙو ڪري وڻ سان ٻڌو. ۽ پوڙهي کي چيائين، ’تو کي جيڪا به وڻي اها سزا ڏينس.‘

پوڙهي ۾ بدلي جي باهه ڦڙتي آٽي چڏي. ۽ پوءِ پوڙهي سيني جي اڳيان ڪيس اهڙي اذيت ناڪ سزا ڏني جو سندس ماڻهن شرم ڪان اکيون پوري ڇڏيون ۽ وڏيري جي رڙين سان جهنگ ٻُري ويو. جنهن ڪان پوءِ سناسي خان سيني کي آزاد ڪيو ته وڏيري جا پٽ پيءُ جي سزا ڏسي پاڻ مرادو پوڙهي جي پيرن تي پئي معافيون وٺڻ لڳا. ۽ سناسي خان بڪڪ کين اها ڌمڪي ڏيئي گهوڙي تي چڙهي جبل ڏانهن روانو ٿيو، ’هاڻي اوهان جي ڪابه شڪايت مونکي ٻڌڻ ۾ نه اچي.‘ ۽ واقعي ان واقعي ڪان پوءِ جيترا سال به پوڙهو اتي واندو ٿي رهيو سندس ڪکن جي ويجهو ڪو به نه آيو.

اهڙو ئي ۽ ان سان ملندڙ ٻيو به واقعو آهي ته ايئن

جبل جا ڪي ماڻهو وانديا ٿي ڪنهن ٻي علائقي ڏانهن ويل هئا جن ڪي اتي جي پوليس وارن ڏاڍو تنگ ڪيو. ٻي ٽي ڏينهن گهوڙن تي چڙهي اچي چون ته 'اسان ڪي ڪاڏي لاءِ ٻڪر ڏيو.' هي غريب ويچارا جيڪي رهيل ٿي مال سانگي هئا. اهي ڪين ننڍين ٻڪرن مان هڪڙو ٻڪر ڏيئي ڇڏيندا هئا. هڪ ڀيري آيا ته انهن جواب ڏنو ته 'هاڻي اسان وٽ ڪو به ننڍو ٻڪر ڪونهي.' ته انهن وڏو ٻڪر گهريو ته وڏو ٻڪر ڏيڻ کان انهن واندين انڪار ڪيو ته پوليس وارا چرچي (مچرجي) پيا ۽ واندين جي پرئي مڙس ڪي ٻانڌن سان ڏاڍي رڪيائون. ۽ مٿا سوائي ڏمڪي ڏيئي ويا ته ٿاڻي تي اوهان جي مٿان ڪيس داخل ڪنداسين.'

اتفاق سان سناسي خان بڪڪ اوچتو انهن واندين وٽان وڃي نڪتو. خير اتفاق ته نتو چئي سگهجي جو اهو سندس معمول هو ته پنهنجن جي سار لهجي. پر اتفاق ائين ٿو چئي سگهجي ته پوليس وارو واقعو اڃا تازو هو. سناسي خان بڪڪ اتي پهتو. اهي هراسيل هئا. خبرون ورتائين ته انهن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. پڇيائين، 'وري ايندا؟' چيائون، 'ها، اڄ اچڻ جو چيائون آهي.'

سناسي خان بڪڪ جيڪو مڙسن جو مڙس هو ان اطمينان سان چيو، 'اوهان بنا ڪنهن فرق جي اڳ وانگيان ئي سندن سڏ تي ٻاهر نڪري وڃجو.' اڃا ٿوري دير مس ٿي هئي ته گهوڙن جي ٽاپ ۽ هٽڪ ٿي ته انهن ٻڌايو، 'اچن پيا.' ته ڪين چيائين، 'وينا هجو. اٿجو نه.' هي وينا ئي رهيا.

پوليس وارا گهُڙن سوڏو واڙ لتاڙي اندر اچي پونگن جي در تي بيهي هڪلون ڪرڻ لڳا. 'او ٻڍا، ٻاهر نڪر.' پوڙهي ڪي سناسي خان اشاري سان ٻاهر وڃڻ جو چيو ته پوڙهو ٻاهر نڪتو. پوڙهو جيئن ئي ٻاهر نڪتو پوليس وارن گارين جي ريهه لائي ڏني، 'اڙي حرامي پڙوا، اڄ به ٻڪر ڪونه ڏيندين ڇا؟' انهن جو ايترو چوڻ سناسي خان بڪڪ شينهن وانگيان ٺاهه ڏيئي اٿيو. ۽ گجگوڙ ڪري ٻاهر نڪتو. پوليس وارا ڪي ٽي چار هئا. انهن سيني جي مٿان ايئن ڪاهه ڪري آيو جو انهيءَ اوچتي ڪاهه انهن جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا ۽ سناسي خان جي لٺ سندن پيرا پيري ويئي. جڏهن سيئي پوليس وارا پٽ سان ملي پٽ تي ويا ته ساڳيئي شينهن واري گجگوڙ ڪري چيائين، 'اوهان جي پيءُ جو مال آهي جو ٽيسو تاريخ ٻڪو لاءِ بينا آهيو؟ هلو، آئون ٿو هلان ٿاڻي تي.' پوليس وارا هٿ ٻڌي معافيون وٺڻ لڳا ته سناسي خان چيو، 'چاچا جي پيرن تي پئو حرامي. جيڪو اوهان جي پيءُ جيڏو آهي.' پوليس وارا پوڙهي جي پيرين پئي هٿ ٻڌي روئي معافيون وٺڻ لڳا. ڪين لٺ جي نوڪر سان اٿاري چيائين، 'پگهارون حرام جون ٿا کٽو جو غريبن جون ڪلون ٿا لاهيون، آئون اوهان جي وڏن ڪي به سڃاڻان ٿو... ساڻن ملندس ته پتو پوندؤ.' انهن هٿ ٻڌي چيو، 'سائين، هن پاسي رخو نهاريون ته ڏوهي ٿيون.' سناسي خان چيو، 'هنن جي حفاظت ڪجو هي مسافر وانديا آهن. سندن ملڪ وسندو ته هليا ويندا.' پوليس وارا هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندا گهوڙن جون واڳون هٿن ۾ جهلي جوتا گسڪائيندي، گهريندا لوڙهي کان ٻاهر نڪري ويا.

سناسي خان بڪڪ جي شخصيت ايڏي باوقار ۽ رعب دار هئي جو ڪنهن ڪي به ساڻس اڳرائي ڪرڻ جي همت نه ٿيندي هئي. پوءِ اڳيان ڀلي ڪيڏو به وڏي پاور ۽ طاقت وارو ماڻهو ڇو نه هجي.

پهرين مهاڀاري جنگ کان پوءِ جڏهن ترڪن خلاف انگريزن ڏرتي ٿامو ڪري ڏني هئي ته ننڍي کنڊ جي مسلمانن سان گڏ ڪوهستان جا ماڻهو پڻ ترڪن جا حمايتي هئا.

اهو ڪو مذهب جو معاملو نه هو. پر ظالم ۽ مظلوم جي ڳالهه هئي. انگريزن جي سياست ۽ حڪمت عملي هر ڪنهن وٽ ساريل هئي ته هو پنهنجي مفاد خاطر ڪيئن هنڌ هنڌ، جتي ڪٿي ننهن اٽڪائيندا آهن. خلافت تحريڪ به انهن ئي انگريزن جي ڪونس ڦتاين ۽ ظلمن جي خلاف تحرڪ ۾ آئي.

جبل جي ماڻهوءَ وٽ اسڪولي تعليم نه هوڻ جي باوجود شعور ۽ آگهيءَ جي ڪا ڪمي نه هئي ۽ اهي دنيا سان ڳنڊيل رهيا. اها وڏي حيرت جي ۽ سڄيءَ سنڌ لاءِ نئين ۽ قابل فخر ڳالهه آهي ته جڏهن انگريز، ترڪ جنگي قيدين ڪي بحري جهازن ذريعي ڪٽي اچي ڪراچيءَ جي بندر گاهه جي ويجهو اچي سمنڊ ۾ ٻوڙي مارينداهئا. (جڏهن ته پنهنجي واريءَ مهل 'جنگي قيدين' سان سٺي سلوڪ وارا معاهدا عمل ۾ آندائون جن جي پوئيواري نه ڪرڻ جي سزا طور جاپان تي ايٽمي حملا ڪري لکين ماڻهو ماريا ۽ ڪاريا.)

ترڪ فوجي قيدين ڪي سمنڊ ۾ ٻوڙي مارڻ جي پروڙ سڀ کان پهرين ڪراچي ۾ رهندڙ بڪڪن ڪي پيئي جيڪي تڏهن سرڪاري ملازمت ۾ هئا. انهن اها ڳالهه سناسي خان بڪڪ تائين پهچائي. پوءِ ته اها ڳالهه سڄي ڪوهستان ۾ هُلي ويئي. ۽ ڪوهستان جو شينهن سناسي خان بڪڪ ڪراچي پهتو ۽ سيني گڏجي هڪ صلاح سان حڪمت عملي جوڙي جنهن ۾ سناسي خان بڪڪ سان گڏ حاجي نور محمد بڪڪ، ابراهيم بڪڪ ۽ جهونجهار بڪڪ (ٻئي سناسي خان جا پائر)، گل محمد جورڪاڻي، دريائي ڇتو ۽ ٻيا شامل هئا. اهي رات جو لڪي ٻيڙين ۾ چڙهي اڌ رات جو برٽش نيوي جي جهاز کان پري ٻيڙيون لڪائي پاڻ تري اندران ئي اندران پاڻيءَ مان ترڪ فوجين ڪي ڪٽي پنهنجي ٻيڙين ۾ چاڙهي محفوظ ڪنارن تائين بچائي آڻي پهچائيندا هئا. ۽ اتان ڪين وٺي ڪراچيءَ ۾ ئي پنهنجن گهرن ۾ آڻي ڪارائي پياري سندن ورديون لهرائي پنهنجا ڪپڙا پارائي وري لڪ ڇپ ۾ ترڪي اماڻي ڇڏيندا هئا. ايئن انهن تمام گهڻن ترڪيءَ جي فوجين جي جان بچائي ڪين ترڪي موڪليو. الائي ڪيئن انگريزن ڪي خبر پئجي ويئي پوءِ ته ڪوهستانين لاءِ انهن رڻ ٻاري ڏنو. سندن گهرن تي ڇاپا ۽ جهڙتيون ڏنيون ٻارن ٻچن ڪي ڏڪا ٿابا... اهو سڀ ڪجهه ساهو ڪوهستاني سهندا رهيا. پر حاجي نور محمد بڪڪ (جيڪو سرڪاري ملازم هو) ان جي گهران جهڙتي ڏيندي ترڪ فوجين جون قيدين واريون ورديون ملي ويون. جنهن کان پوءِ گرفتارين لاءِ ڇاپا هنيائون. ۽ ڇاپن ۾ مقامي ماڻهن جي ئي ساٿ دغا ۽ سازشن سان حاجي نور محمد بڪڪ، ابراهيم ۽ جهونجهار بڪڪ گرفتار ٿيا جن ڪي بصره (عراق) جي قيدخانن ۾ وڃي قيد ڪيائون.

سناسي خان لاءِ وڏا ڇاپا هنيائون پر اهو ملي نه سگهيو. انهن ڇاپن ۾ ڪين حاجي نور محمد بڪڪ جو سڪيلڏو پٽ فقير محمد بڪڪ هٿ اچي ويو، جنهن ڪي گرفتار ڪري 'پوني' جي جيل ۾ موڪلي ڇڏيائون.

(ڪوهستانين جو انگريزن سان نفرت ڪرڻ جو هڪ اهو به مثال آهي ته ٻي مهاڀاري جنگ ۾ جڏهن ترڪن جرمنين جو ساٿ ڏنو ته ڪوهستاني ماڻهو جيڪي اڳ ئي ترڪن جا حمايتي هئا انهن جو هٽلر هيرو ٿي ويو ڇو جو هٽلر ترڪن ڪي سنو رت ۽ سنو نسل قرار ڏنو هو. اڄ به ڀلي دنيا هٽلر ڪي ظالم يا ڊڪٽيٽر يا ڇا به چوري پر ڪوهستانين جي نظر ۾ هو هيرو آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجي قوم لاءِ سچو آهي. اهو ٻين به سچن جي عزت ڪندو. ۽ ٻي وڏي ڳالهه ته هو غيرتمند هو، جنهن شڪست کان پوءِ به دشمن جي هٿان پاڻ ڪي گيندڙائي مارڻ بجاءِ پاڻ ڪي پاڻ موت جي حوالي ڪيو. (اهي غيرت ڪوهستان جي قيمتي وٿ آهي.)

سناسي خان بڪڪ لاءِ مسلسل ڇاپا هنيا پي ويا. پر هُو ته پنهنجي علائقي جي پٽري، مُٽڪي جو واقف هو ڪيس خبر هئي ته ڪٿي خطرو ۽ ڪٿي حفاظت آهي.

هو جبلن ۾ پنهنجي ساٿين سان سفر ڪندي هڪ جاءِ تي آرام ڪري رهيو هو ته اتان ڪو انگريز فوجي (ميجر) پنهنجي ماتحتن سان لانگهائو ٿيو. هو ڇرڪي پيا. پر اهي سناسي خان کان واقف نه هئا. بس مڳي ۽ وڏاندري ڪندي انگريز ميجر انهن کان پڇيو، 'اوهان ڪير آهيو؟' سناسي خان ڪي سندس انداز ۽ سوال نه وڻيو. چيائين، 'ڇو؟' انگريز ميجر ساڳي مڳيءَ ۾ چيو، 'ان لاءِ ته اهو سوال پڇڻ جو آئون حق رکان ٿو!' سناسي خان جيڪو اڳ ئي انگريزن کان سخت نفرت ڪندو هو ان ڪي انگريز ميجر جو لهجو ڪاوڙائي ويو. چيائين، 'ڪنهن به پرڏيهيءَ ڪي ڪنهن به ڏيهي کان اهو پڇڻ جو ڪو به حق ناهي ته تون ڪير آهين؟ ها اهو اسان جو حق آهي ته اوهان کان پڇون ته اوهين ڪير آهيو؟'

نوجوان انگريز ميجر اهو ٻڌي تپي ويو. 'ڇي، آئون حاڪم آهيان. ۽ تون غلام...' اهو جملو اڃا اڌ ۾ هو ته سناسي خان جو هٿ مٿي ٿيو. ۽ انگريز ميجر جي گلابي منهن تي وڏين آڱرين جا گهرا ڳاڙها نشان ڇڏي ويو. انگريز ميجر ڏڏي ته ويو. پر پنهنجي سخت ٽريننگ جي ٻَل تي هڪدم پاڻ سنڀالي پنهنجي بندوق سنڀالي ۽ پنهنجي ماتحتن ڪي حڪم ڏنو، 'هن ڪي گرفتار ڪريو.' هو اڃا ڪجهه ڪن تنهن کان اڳ سناسي خان جي لٺ ٻاتاڙيل انگريز ميجر ڪي ڪيرائي وڌو. ۽ سندس ساٿين بجليءَ وانگر انگريز ميجر جي ماتحتن ڪي قابو ڪري ورتو.

سناسي خان، انگريز ميجر ڪي ٻڌي پنهنجي گهوڙي تي اونڌو ليٽايو ۽ سندس ماتحتن ڪي اتي ئي وڻن سان ٻڌو ۽ پاڻ انگريز ميجر ڪي ڪٽي روانا ٿيا.

اڃا مس ڪو پنڌ ٿيو هوندو ته سناسي خان سَٽ ڏيئي انگريز ميجر ڪي وارن کان جهلي مٿي ڪنيو ۽ ڪيس نفرت سان ڏنو ۽ هڪدم پنهنجي کيسي ان چاقو ڪڍي ان جو نڪ وڍي ڇڏيائين. هو دانهون ڪندو رهيو ۽ هو ڪيس موٽي سندس ماتحتن وٽ آيو ۽ پوءِ انن جا سيپئي بندوقون ۽ هٿيار ڪٽي ڪين وڻن ان ڪولي آزاد

ڪري پاڻ روانا ٿيا ۽ پنهنجن رازدان گونا گون جبلن جي پناهن ۾ هليا ويا.

اهو ڪو معمولي واقعو نه هو. پوءِ ته وٺ وٺان ٿي ويئي. سناسي خان جيڪو اڳ ئي حڪومت کي گهربل هو. انهيءَ جي تلاش ۾ سڄو ڪوهستان اٿلائي ڇڏيائون.

جڏهن ڪيس لهي نه سگهيا ته سندس ڳوٺ تي ڪاهه ڪيائون جتي سندس گهر هو. ٻه ننڍڙا ٻار، 8 سالن جي هڪ ڌيءَ ۽ 6 سالن جو هڪ پٽ ۽ سندس گهر واري جيڪا سندس سوٽ هئي ۽ جهڙس ئي سوڀياوان ۽ سورهيه هئي. ۽ سندس صابر ستير ماءُ هئا.

سناسي خان جي عمر ان وقت تقريباً 30-31 سال هئي. ۽ سندس مڙسي ۽ دانائيءَ جي هاڪ هنڌ هنڌ سرهاڻ جيان پکڙجي ويئي هئي. ۽ سندس چاهيندڙن ۽ دوستن جو به وڏو حلقو هو جنهن ۾ ڪراچيءَ جو بيريسٽر عبدالرحمٰن صاحب پڻ هو (جنهنجا پٽ بيريسٽر حسن علي عبدلرحمٰن ۽ جنهنجي ڌي شيري رحمان جيڪا هن وقت آمريڪا ۾ سفير آهي، ٻيو پٽ طفيل علي عبدالرحمٰن جيڪو ملڪ جو اٽارني جنرل ٿيو هو/هئا.)

پوليس جڏهن سناسي خان ٻڪڪ جي گهر ۾ ڇاپا هڻڻ لاءِ سندس ڳوٺ پهتي ته انهن سان حڪومتي رول موجب بيريسٽر عبدالرحمٰن پوليس اٿالي سان گڏ هو. اتي اچي ڪيس خبر پيئي ته پوليس سناسي خان ٻڪڪ جي گهر ۾ ڇاپو هڻڻ آئي آهي ته هن پوليس کي چيو، 'آئون اڪيلو ئي گهر جي اندر ويندس مونسان گڏ اندر هلڻ جي ڪنهن کي به ضرورت ناهي.' هن ڪان اڳ بيريسٽر عبدالرحمٰن ڪڏهن به سناسي خان جي ڳوٺ يا گهر نه آيو هو. گهر ۾ اندر گهڙيو ته سناسي خان جي پردہ نشين گهرواري وڏي چادر ۾ ويڙهجي سندس سامهون آئي جنهن کي ڏسي ۽ جنهن جي ڏاهپ ۽ شائسته انداز واري گفتگو ٻڌي هو ڏاڍو متاثر ٿيو. ۽ سندس مٿي تي شفقت مان هٿ رکي چيو، 'بابا، سڀ خير ٿي ويندو.' ۽ سناسي خان جي ماءُ کي دلاسو ڏيئي ۽ ٻارن کي پيار ڪري گهر مان ٻاهر نڪري پوليس کي چيائين، 'گهر ۾ ڪجهه به ڪونهي هلو...'

بهادرن جا دوست ۽ ساٿي به بهادر هوندا آهن. پر ڪي بدنيت ڪانئر وچ ۾ وار ڪري ويندا آهن. پوليس سناسي خان ٻڪڪ جي ڳولا ۾ سرگرم هئي. پر ڪيس لهي نٿي سگهي.

هڪ ڀيري هو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي هڪ دوست وٽ ساٿين سميت آيل هو ته سندس ڪنهن دشمن مخبري ڪري پوليس کي سندس موجودگيءَ جو اطلاع ڏنو جنهن اچتو گهيرو ڪري کيس سندس ساٿين سميت گرفتار ڪري ورتو. سندس دوست سڀئي پهچي ويا. پر انگريزن کي ڊپ هو ته جي ڪيس ڪراچيءَ ۾ هلندو ته هو ڪيس سنڀالي نه سگهندا ۽ انهن ڪراچي ۾ ڪيس هلائڻ نه چاهيو ۽ ڪيس هڪدم ممبئي وٺي وڃڻ جو حڪم ڏنائون.

جڏهن ڪيس سندس ساٿين سميت ممبئي وڃڻ لاءِ پوليس جي سخت گهيري ۾ بندرگاهه تي آندو ويو ته انهيءَ ڪوهستاني شينهن کي ڏسڻ لاءِ دنيا اٿلي پيئي هئي جيڪي روئي رهيا هئا. ۽ جڏهن ڪيس بحري جهاز ۾ سوار ڪيو پي ويو ته سندس گهرواري، ٻه ننڍڙا ٻار، ماءُ، ڀائر، سؤٽ ۽ سڀئي مائٽ عزيز ۽ دوست بندرگاهه تي ساڻس موڪلائڻ آيا هئا جيڪي ملاقات جي اجازت نه ملڻ ڪري سڀئي پري کان ڪيس ڏسي هٿ مٿي ڪري لوڏي ساڻس موڪلائي رهيا هئا ته اوچتو پاڻ هڪل ڪري چيائين ته 'منهنجا ٻئي ٻار مٿي ڪڻو ته آئون ڏسان ۽ جڏهن سندس مائٽ ۽ دوست اوڇنگارون ڏيئي ٻارن کي مٿي ڪلهن تي چاڙهي جهليو ته سندس به اکيون آليون ٿي ڏيئن جيان ٻرڻ لڳيون. ۽ سندس روشن پيشاني تجلا ڪري رهي هئي. مائٽن جي وچ ۾ بيٺل سندس پرجهلي گهرواري باوقار بيٺي گونگا ڳوڙها ڳاڙي لاڪيٽي لطيف جا بيت جهونگاري رهي هئي،

**مون اُپي تَرَ وَٽَ، پرينَ پَڳَهه ڇَوڙِيَا**
**ڪا مُنِهين ۾ گهٽِ، نا ته سڄڻ سڀاجها گهڻو**

-

**مون اپي تڙ جهل، پرين پڳهه ڇوريا**
**ڪا منهين ۾ ال، نا ته سڄڻ سڀاجها گهڻو**

سناسي خان ٻڪڪ جي ممبئي اسهڻ کان پوءِ جبل چڻ ته ٻُسو ٿي پيو. سندس گهر واري جنهن جي عمر ان وقت 27 سال هئي.

**سَيئي جَوپن ڏينهن، جڏهن سَڄڻ سَفر هليا**
**رُوئان رَهن نَه سپرين، آيل ڪريان ڪِيئن**
**مونکي چاڙهي چِينئَن، وِيو وَڻجارو اُهِري.**
*(شاهه ؒ)*

اها سندس وڇوڙو نه سهي بستري حوالي ٿي ويئي ٻار ڏاڏي ۽ چاچن جي حوالي هئا. سناسي خان جي سؤٽ ڇُتي خان ٻڪڪ جڏهن ممبئي وڃڻ چاهيو ته سناسي خان جي دوستن ڪيس جهليو ته متان اتي اوهان کي به سؤٽ هجڻ جي ناتي سان گرفتار ڪيو وڃي، اسين وڃون پيا ملاقات به ڪنداسين ۽ وري اچي اوهان کي حال احوال به ڏينداسين.

هو روانا ٿي ويا.

سناسي خان کي ٻه اٺ نو مهينا ٿي ويا هئا. ۽ سندس دوستن به ورڻ ۾ دير ڪئي هئي ان وچ ۾ سندس گهر واري جيڪا چوندي هئي، 'شال آئون سڄڻ (سناسي خان) کان اڳ وڃان ۽ سندس وڇوڙو نه سهندي 28 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويئي.

**ٻاروچا ٻيا به گهڻا، منهنجو اجهو آرياڻي**
**چوندي رکيم چِتِ ۾، ساجن سڄاڻي**
**جا وندر وڪاڻي، تنهن جو موٽڻ مَسَ ٿيئي.**
*(شاهه ؒ)*

ڏک ۾ ڏک آيو سڀئي مائٽ هيڻا ۽ ڏڪويل ٿي پيا.

اوچتو اها خبر هُلي ويئي ته سناسي خان جا اهي دوست ممبئيءَ مان موٽيا آيا آهن جيڪي ساڻس ملاقات ڪرڻ ويا هئا. سڀڪو انهن ڊڪي ڊوڙ ويو ته انهن اوڇنگارن سان ٻڌايو، 'انگريزن اسان سان ڌوهه ڪيو ۽ انهن بنا ڪيس هلائڻ جي سناسي خان کي ڪاڌي ۾ زهر ڏيئي شهيد ڪري ڇڏيو.'

**ڪوپا ڪلي ڪوڏيا، راوت ڪين رهن**
**يُجَاهِدُونَ فِي سَبيلِ الله، ڪم اهوئي ڪن**
**حورون هار ٻڌن، سهرا شهيدن کي.**
*(شاهه ؒ)*

دوستن ٻڌايو ته جو ڏي جوان اتي به ڪين ڪين مڃيو. ممبئي جيل جي قيدين ٻڌايو ته جڏهن جيل ۾ ڪيس دال ماني ڏنائون ته هن اها وٺي هيٺ رکي. جيلر کي به شايد ڪٿيءَ ڪنيو هو سو اهڙي اٽموٺ سان ڇيڙ ڪندي چيائين، 'نهارين ڇا ٿو دال ۾، هتي اهائي ملندئي.' قيدين ٻڌايو ته اسين ان وقت دم بخود ٿي وياسين جڏهن سناسي خان پنهنجو ٽانڊا اکيون مٿي ڪٽي جيلر کي ڏنو ۽ وچ جيان دال واري پليٽ ڪٽي زور سان جيلر ڏانهن اڇلائي ته جيلر جو نرڙ ٻه اڌ ٿي ويو. ائين پيي لڳو ته سندس مٿو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو هو. پوءِ ته ڪيس سڀني کان ڌار اڪيلي ڪوليءَ ۾ الائي ڪٽي بند ڪيائون. پوءِ ته جيڪو ساڻس ٿيو اهو اڪيلي ٿيو. قيدين ٻڌايو ته اسان هيڏو بهادر ماٺهو نه ٻڌو نه ڏٺو هو...

سڀيئي ڊنڊ ڪرون ڏيئي روئڻ لڳا. سندس دوستن ممبئي مان آندل سناسي خان جا ڪپڙا ۽ لَٽ سندس ڀائرن ۽ سؤٽن جي حوالي ڪئي ته نئين سئين پٽڪارو پئجي ويو. دوستن ٻڌايو ته ساڻس گڏ ويل ساٿين کي سزا اچي ويئي آهي جن ۾ سندس دل گهريو دوست گل محمد جورڪاٽي به شامل هو. سناسي خان ٻڪڪ جهڙن پٽن تي ڪوهستان جيترو ناز ۽ فخر ڪري اهو ان جو حق رکي ٿو جن سر ڏنو پر آڻ نه مڃي.

**طبعي بهم رسان که، بسازي بعانمي**
**يا همستي که ازسر، عالم توان گذشت**

(يا اهڙي طبيعت ڏاريو جو دنيا سان ٺهيءَ منجهس کپي ويو، يا اهڙي همٿ جو مور ڳو دنيا کان ٻاهر نڪري وڃو.)

## سنگت جي عظيم اڳواڻ
# منٺار سولنگيءَ
## جي ٽين ورسي ٺٽون ديرو ۾ ٿي گذري

سنڌي ٻولي، ادب ۽ سنڌ جي ثقافتي ۽ تنظيمي خدمتن ۾ جهان ڪان اڳري نوجوان ۽ سنڌي ادبي سنگت جي عظيم اڳواڻ، مرحوم منٺار سولنگي جي ٽين ورسي نئون ديرو ۾ وڏي احترام ۽ اهتمام سان ٿي گذري.

ورسيءَ تقريب جي صدارت، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي ڪئي. خاص مهمانن ۾ حسين بخش ناريجو، محمد علي پٺاڻ، غفار تبسم، پرهه سڪينه گاد ۽ ادبي سنگت سان واڳيل سينئر ڪارڪن به شامل هئا.

ڪامريڊ سوڀي پنهنجي صدارتي خطبي ۾، منٺار سولنگي جي بي لوث ڪردار ۽ انجي تخليقي پورهئي کي خراج پيش ڪندي چيو، 'منٺار سولنگيءَ جو نوخيزي ۽ نوجواني جو وڏو حصو ادب ۽ فن جي خدمتن ۾ گذريو. ۽ ادبي سنگت جي تنظيم کي مجهول هٿن کان بچايو.'

ان موقعي تي خاص مهمان، ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ڊرامہ نويس محمد علي پٺاڻ، منٺار جي شاعرانہ جهتن جو جائزو ورتو. پروفيسر غلام حسين ڪٽپر، منظور اُڇڻ، منظور منگي، ڄام جمالي، عزيز قاسماڻي، بيتاب سولنگي، لطيف ڪرٽيو، لطيف سولنگي، خالد چانڊيو، ناياب سرڪش، طالب چنو، غفار تبسم ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن کان آيل سنگت جي مختلف ڪارڪنن ۽ اديبن شرڪت ڪئي. ■



# شهزادو ۽ درويش



پڇن لال

**پڌيمان** بابا لال ديال پنجاب جي بٽالا اسٽيشن لڳ سنہ 1355ع ۾ پيدا ٿيو. 10 ورهين جي عمر ۾ ڪنهن مهاتما، لاهور شاهدرا، ندي ڪناري هن کي برهم گيان ٻڌايو. ۽ هن پرمارٿ جو پختو پالڻ ڪري پاڻ کي 300 سال هلايو. ۽ سنہ 1665ع ۾ برهم ۾ لين ٿي ويو.

شاهجهان بادشاهہ جي وڏي پٽ شهزادي، داراشڪوه کي بابا لال ديال جي اپديش جي خبر پئي تہ هو هن سان ملڻ لئہ ماندو ٿيو ۽ هن سان ملڻ لاهور آيو. ۽ گهٽيون سيائون ٿيون. ۽ سوال جواب هليا جيڪي فارسي ۾ هئا. سوال داراشڪوه ڪيا. ۽ جواب لال ديال جي جا آهن.

سوال: فقير جو آد ۽ انت ڇا آهي؟
جواب: آد فنا ۽ انت بقا. (امر ٿيڻ)
سوال: فقير جي سربلندي ڪهڙي ڳالهہ ۾ آهي؟
جواب: سر جهڪائڻ ۾ يعني پاڻ کي ننڍو سمجهڻ ۾.
سوال: فقير جي عقلمندي ڪهڙي ڳالهہ م آهي؟
جواب: ان ڳالهہ ۾ تہ سواءِ پنهنجي پريتم (يعني مالڪ) جي ڪنهن شيءِ ۾ دل نہ لڳائي.
سوال: هر هڪ جي پويان ڇا آهي؟
جواب: موت.
سوال: فقير کي شڪ ڪنهن ڳالهہ جو رهندو آهي؟
جواب: عبادت جيڪا مان ڪيان ٿو اها قبول پوندي يا نہ.
سوال: فقير کي ڇا اُچت آهي؟
جواب: ننڊ ۽ آرس کي نہ ويجهو اچڻ ڏيڻ.
سوال: فقير کي ڪاهلي ڪنهن شيءِ سان ٿيندي آهي؟
جواب: گهٽي کائڻ سان.
سوال: فقير کي چُستي ڪهڙي ڳالهہ ۾ آهي؟
جواب: قائدي ۽ احتياط سان کائڻ پيئڻ ۾.
سوال: فقير جو ڪن ۽ زبان ڪيئن هجڻ کپي؟
جواب: ڪن مالڪ جي گڻ واد ٻڌڻ لئہ ۽ زبان بيهوده ڳالهائڻ کان خاموش رهڻ لئہ.
سوال: فقير جي جا ڪوڙ؟
جواب: مالڪ کي ياد رکي.
سوال: فقير جي گهر جو چراغ ڇا آهي؟
جواب: سورج ۽ چنڊ.
سوال: فقير جي وِهڻ ۽ سمهڻ جو هنڌ ڪٿي؟
جواب: فرش.
سوال: فقير کي هميشہ ڇا ڪرڻ کپي؟
جواب: دينتا ۽ شڪر.
سوال: فقير جي اِڇا (ڪامنا) ڇا آهي؟
جواب: انهيءَ منزل تي پهچڻ جتي پريتم هميشہ گڏ هجي ۽ دنيا جي تعلقات کان دل بي تعلقِ ٿي وڃي.
سوال: فقير جي هوشياري ڪنهن شيءِ ۾ آهي؟
جواب: پنهنجي دين ۽ ايمان کي مضبوط ڪري ۽ ان تي دل سان قائم رهي.
سوال: فقير جو ڪردار؟
جواب: گذريل ڳالهہ تي افسوس ڪرڻ ۽ جو آئينده ٿيڻي آهي ان کان ڊڄڻ.
سوال: نشو ڪهڙو سٺو آهي جنهن ۾ مستي اچي ۽ خمار نہ ٿئي؟
جواب: معرفت الاهي (گيان) ۽ رات جو جاڳڻ سڀ کان ڀلو.
سوال: فقير جي سلامتي ڇا ۾ آهي؟
جواب: ملامت (نندا) کي دوست رکڻ ۾.
سوال: فقير جو مطلب ڪيئن پورو ٿيندو آهي؟
جواب: مطلب نہ رکڻ سان.
سوال: فقير وٽ دردمندي جي دوا ڇا آهي؟
جواب: دُعا.
سوال: فقير کي سوال ڪرڻ جائز آهي يا نہ؟
جواب: اگر ضرورت پئي ۽ ڪنهن جي تڪليف دور ڪرڻ لئہ سوال ڪري تہ جائز آهي.
سوال: فقير جو دشمن ڪير آهي؟
جواب: نفس يعني من.
سوال: فقير جي عطا (بخشش) ڇا آهي؟
جواب: پنهنجي مجلس (ستسنگ) ۾ جڳهہ ڏيڻ.
سوال: فقير جي مردانگي ڇا آهي؟
جواب: جنهن جو هٿ پڪڙي، ڇڏي نہ برابر دستگيري ڪري.
سوال: ڇا هر ڪنهن سان نيڪي ڪجي؟
جواب: جيڪا مناسب ٿئي، ٿي سگهي، پنهنجي وس ۾ هجي.
سوال: ڇا مريد ڪرڻ درست آهي؟
جواب: جيستائين خود پير ڪامل نہ ٿئي، مريد نہ ڪرڻ کپن.
سوال: فقير لئہ ڪنهن سان دوستي ڪرڻ سٺي آهي؟
جواب: خدا ۽ خدا دوست ماڻهن سان.
سوال: ۽ دنيادارن سان؟
جواب: دنيادارن سان دوستي ۽ دشمني ٻئي سٺيون نہ آهن.
سوال: فرض ڇا آهي؟
جواب: قرض جو ادا ڪرڻ.
سوال: برن ڪمن ۾ برو ڪم ڪهڙو آهي؟
جواب: (1) ناحق ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ، (2) احسان برباد ڪرڻ. ■





# غزل جي ارتقا، تعريف ۽ تشريح



ذوالفقار گاڏهي

هڪ ڊڪشنريءَ ۾ غزل جي تشريح ڪجهه هن طرح ٿيل آهي، ”عورتن سان ڳالهيون ڪرڻ ۽ اصطلاح ۾ اُهي شعر، جن ۾ حسن ۽ عشق، وڇوڙو ۽ ميلاپ، آس ۽ نراس جون ڳالهيون، جن جو تعلق عشق سان هجي، لکيون وڃن. غزل جا بند پنجن کان گهٽ ۽ سترنهن بندن کان مٿي نه هجن.“

مٿئين تشريح مان جيڪا ڳالهه سامهون ٿي اچي، اُن مان صاف ظاهر آهي ته غزل جو موضوع صرف بجاج لاءِ ئي موزون آهي. انقلابي، سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن جي ڪابه اپٽار ٿيل ناهي. يعني، اهو موضوع غزل پنهنجي جهول ۾ ڪٽي هلڻ کان قاصر آهي. مان پاڻ انهيءَ راءِ جو آهيان ته غزل کي عشقيه موضوع کان ٻاهر ڪڍي، اُن کي سياسي، سماجي يا اصلاحي مسئلن جي ڏيڻ ۾ ڦاسائي اُن جي حسن کي ڌڪ نه رسائجي. ڇو ته ائين ڪرڻ سان غزل جو حسن باقي نه رهندو. ٻين موضوعن لاءِ ٻيون ڪوڙ صنفون آهن. بهرحال، غزل متعلق ڪتاب، ’ماڪ ڦڙا‘ جي مهاڳ ۾ مخدوم احمد مجتبيٰ غالب لکي ٿو، ”غزل جي شروعات تصوف جي موضوع سان ٿي.“ مان ان راءِ کي ڪونه ٿو مڃان، جيڪڏهن انهيءَ راءِ کي مڃجي ته پوءِ مٿئين راءِ پاڻ مرادو رد ٿي ويندي. ۽ اسان وٽ مٿئين راءِ جي پاسداريءَ لاءِ دليل آهن. اُن لاءِ ڊاڪٽر وزير آغا جي مضمون، ’غزل جي فني حيثيت‘ مان هڪ ٽڪرو اوهانکي پڙهائڻ چاهيندم، ”غزل جو بنياد جذبي تي آهي. جذبي جي سينگار، سنوار جو اهو عمل غزل جي ٽن ٿنڀن تي آهي. پهريون آزادگي پسند لاڙو، ٻيو تصوف ۽ ٽيون عشق.“

”غزل جي آزادگي پسند رَوَشَ ۾ زاهد، محتسب ۽ ملا، شيخ ۽ برهمڻ کي طنز جو نشانو بڻايو ويجي ٿو ۽ ڪين قائدن ۽ ضابطن جي زنجيرن ۽ بندشن جي علامت قرار ڏئي مٿن ملامت ڪئي وئي آهي.“ جنهن کي نقاد ’آواره روي‘ چون ٿا. انهن جي غزلن ۾ مي جون ڳالهيون آهن، شاعرن کي نوجوان ڇوڪرين سان گڏجي شراب پيئڻ ۾ لطف اچي ٿو ۽ زاهدن، اُن عمل کان هنن کي روڪيو ٿي ۽ هنن جوش ۾ اچي زاهدن کي ٽوڪيو. ۽ برو ڀلو سڏيو جو اهي زاهد ’سيڪس ليس‘ هئا. اهو دليل به مٿئين دليل جي حق ۾ وڃي ٿو. نمبر ٻئي تي ڊاڪٽر تصوف کي رکيو آهي. اچو ته اُن جي به ڇنڊڇاڻ ڪريون، ڊاڪٽر جو چوڻ آهي، ’تصوف جي فڪري تاريخ ۽ ارتقا کي نظرانداز ڪندي، ان جي فلسفيانه توجيهه تي غور ڪجي ته پوءِ تصوف جي ساري تاريخ اُن احتجاج کي منظرعام تي آڻي ٿي، جو خدا کان بندي جي فرق سان وجود ۾ آيو. هت اُن حقيقت کي به مدِنظر رکڻ گهرجي ته خدا جي بنيادي صفت اُن جي ’جُز‘ جي آهي. ان طرح ’ڪُل‘ ۽ ’جُز‘ جي فرق جي نوعيت واضح ٿي رهي. تنهنڪري تصوف جي ان بنيادي عنصر ’ڪل‘ ۽ ’جز‘ جي احساس جي ترجمانيءَ جو بهترين اظهار غزل آهي.“

مڃيوسين ته آهي. پر اهو تصوف وارو فلسفو گهٽو پوءِ ٿو اچي، اُن لاءِ پهريان ’مجاز‘ جون ڏاڪڻيون چڙهڻيون ٿيون پون. حقيقت جي پڌر ۾ گهڙڻ لاءِ مجاز جي ڪڙهه لاهڻي ٿي پوي.

بقول ڊاڪٽر جي ته غزل جي ٽئين ڪڙي عشق آهي. ’واضح رهي ته غزل ۾ ’محبت‘ جي بدران ’عشق‘ جو لفظ ارادي ۽ شعوري طرح سان استعمال ٿئي ٿو، اهو صرف اُن ڪري جو ’عشق‘ غزل جي مخصوص مزاج جو عڪاس آهي. ۽ ’محبت‘ نسبتاً هڪ ڪيفيت آهي، جنهن ۾ هڪ خاص فرد ۽ هڪ خاص هستيءَ سان پريم ۽ پيار ڪيو وڃي ٿو. اُن جي مقابلي ۾ ’عشق‘ هڪ وسيع تر ڪيفيت آهي. جنهن ۾ ’معشوق‘ شخصي حيثيت جي جاءِ تي عمومي حيثيت وٺي اڀري ٿو.

ٻي پاسي جڏهن قديم غزل، نئون وڳو پاتو. ۽ ڏار ڏار ادبي ۽ فڪري ڌرين جي منطقي دليل بازي ۽ عوامي مڃتا اهڙي غزل کي به قبول ڪيو جنهن جا مضمون ڌار هئا. پر ورتاءُ جي انداز ۾ جيڪا لفظي جنبش ۽ معروض جون جهلڪون موجود هيون. تڏهن غزل جي صنف جي محدود دائرن ۾ وسعت آئي. ۽ روايت ۽ جدت جي وچ م ناهه کي قبول ڪيو ويو. غزل جي روايت کي ڪنهن به ڌر ترڪ نه ڪيو. پر پراڻي روايت ۽ پراڻن مضمونن جي جاءِ تي نوان مضمون آيا جن ۾ هر طرح جي مامرن کي هڪ طاقتور ۽ ابلاغ ڪندڙ زبان جو واهپو عام ٿيو. ۽ اهو فڪري مغالطو به دور ٿيو ته فن جي معنيٰ رڳو ’بحر-وزن‘ آهي. حالانڪ فن جي معنيٰ اهو ادراڪ ۽ ڄاڻ آهي، يعني ڌرتي ۽ اپ جي وچ ۾ جيڪي به دل لڀائيندڙ يا هانءُ ڦاڙيندڙ منظر آهن، انهن کي انساني وسندي جي تجربي جو حصو بڻائڻ ئي فن يا آرٽ آهي. فڪر جو جيستائين تعلق آهي ته حاصل ڪيل تجربي کي عام ماڻهو جو تجربو بڻائڻ مروج ’ڄاڻ‘ - (اطلاع نه) جنهن لاءِ ٽي.ايس ايليٽ چيو، ’وي هئو لاسٽ ناليج ان انفارميشن‘ معنيٰ اطلاع يا خبر جي ڳولا ۾ اسان ’ڄاڻ‘ وڃائي ڇڏي آهي. ۽ گهڻ-ڏسائين تي زور ڏيڻ جو ساهس پيدا ٿيو.

پراڻي غزل يا نئين غزل ۾ جهيڙو غزل ۾ پيش ڪيل مضمون سميت ڊڪشن جي نئين ۽ پراڻي هجڻ تي به ضرور هو. پر سنڌ ۾ فن ۽ فڪر وارو فڪري مغالطو وڏي طاقت سان اڻڄاڻائي تي ٻڌل هو. ايتري فڪري اڻڄاڻائي جو، سنڌ ۾ آزاد نظم، ترائيل يا ٻين ڌارين صنفن ۾ لکڻ لاءِ به ڪفر جون فتوائون ڏنيون ويون.

جڏهن ته نئين سنڌي شاعري جو بنياد ڪشنچند ٻيوس 19صدي جي مهڙ ۾ ئي وجهي چڪو آهي. جيڪو پوءِ گل هالائي تائين موجود آهي.

هونئن به اهو قدرتي اصول آهي ته هر دور کي پنهنجو پنهنجون گهرجون هونديون آهن. ۽ هر پراڻي شيءِ نواڻ يا نئين رمز کي قبولڻ ۾ وقت وٺندي آهي. ۽ ائين اسان وٽ به ٿيو.

غزليه شاعريءَ ۾ قديم عهد واريون عروضي پابنديون ڏاڍيون سياويڪ هيون. پر رڳو انهن جي پويان لڳي، شعريت ۽ غنايت کان لنوائڻ جو مسئلو هو. يا پراڻي عهد جي روايتن جي ڪرڪنا ٿيڻ ۽ ان جاءِ تي مضبوط ۽ غنائي تجربن/ٻوليءَ سميت قبولڻ ۾ اجايو سجايو اعتراض هو.

ڊاڪٽر مسعود حسين پنهنجي مضمون، ’غزل ۾ قافيي ۽ رديف جي فني حيثيت‘ ۾ لکي ٿو، ”قافيو جڏهن ته غزل جو محور آهي انڪري ان کي بار بار دهرائجي ٿو ته ٻئي طرف رديف سان به سندس معنوي ربط کي نڀائجي ٿو. ان کان علاوه مٿس شعر جي ’خيال‘ جو به بار وجهجي ٿو. انڪري ڪنهن حد تائين قافيي جي تنگ داماني جي شڪايت بجا آهي. انڪري قافيي جي حسنِ انتخاب تي زياده ڌيان ڏيڻو پوي ٿو. قافيي جو غلط استعمال يا ته غزل کي ٻُسو بڻائي ٿو ڇڏي يا پورو غزل بي معنيٰ بنجي ٿو وڃي.“ اڳتي هلي اهو چئي ٿو، ”هڪ سنو شاعر پل غزل ڪيترو به مختصر ڇونه ٻيهي، هروڀرو شعر کي وڌائي غزل جي حسن کي خراب نٿو

ڪري.“

بهرحال هي بحث وڏو آهي، هاڻ اسان غزل جي تاريخ ڏي ٿا اچون. چون ٿا غزل قصيدي جي پهرين ٻن ٽُڪن کي الڳ ڪري ٺاهيو ويو آهي. ان جو موجد رودڪي نالي هڪ شاعر کي ڄاڻائن ٿا، جنهن لاءِ چون ٿا اهو ڄائي ڄم کان ٻنهي اکين کان معذور هو. هي ساماني دور جي حاڪم نصير بن احمد جو درٻاري هو (هي دور 395هه تي اچي ختم ٿي ويو ٿو) ان دور جي چوٽيءَ جي شاعرن مان دقيقي، ابوالظفر، نصر بن محمد نيشاپوري، ابوشڪور بلخي، رابعہ فاللوي بلخي (جنهنجو هڪ غلام، يڪتاش سام پريم هو، جنهن جي پاداش ۾ اها قتل ڪئي وئي) اهي سڀ فارسي علم ادب جا گوهر ڄاڻايا وڃن ٿا. ساماني دور (هي دور 110 سالن تي محيط آهي) ان ڪانپوءِ، غزنوي دور ٿو اچي جنهن دور ۾ غزل جي ڪافي ترويج ٿي. هن دور جي شاعرن مان فردوسي، اسدي، عنصري، فرخي، حڪيم ثنائي، منوچهري ۽ داماني جا نالا ڪنيا وڃن ٿا.

اهو غزل، مغل حاڪمن جي دور ۾ هند ۾ وارد ٿئي ٿو مغلن جي زبان بہ جڏهن تہ فارسي هئي. انڪري اهو اتي بہ فارسيءَ ۾ لکيو پئي ويو.

اڪبر جي دور ۾ اردوءَ جو رواج پيو. ان دور ۾ ئي امير خسرو ۽ ملافيضي فارسيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ شاعري ڪئي ايئن غزل فارسيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ بہ سرجڻ لڳو.

مغل بادشاهن مان ظهير الدين بابر (مغل گهراڻي جو پهريون حاڪم) جهانگير ۽ اورنگزيب عالمگير جي ڏيءُ، ان دور جي مڃن شاعرن ۾ شماريا وڃن ٿا تڏهن بہ هندستاني شاعرن مان سڀ کان معتبر نانءُ قدسي ۽ شيخ جمالي ڄاڻايا وڃن ٿا. شيخ جماليءَ کي فارسي غزل جو بادشاهہ ڪوٺيو ويو جنهنجي ڌاڪ ايران تائين هئي.

فارسي غزل جڏهن هندستان ۾ داخل ٿيو تہ انهي سنڌ جون سرحدون بہ لتاڙيون اهڙي طرح سچل سرمست پاران ’ديوانِ آشڪاره‘ ۽ عطا ٺٽوي جو ’ديوان عطا‘ سامهون آيا.

مٿي چئي آيو آهيان تہ اڪبر جي دور ۾ غزل جو رواج پيو، جنهن ۾ ولي دڪني، مير درد، سودا، انشا، ناسخ، آتش، رافت، النور، نظير اردو ۾ غزل لکيا.

سنڌ ۾ فارسي جو رواج ٽالپرن جي عهدِ طفيليءَ ۾ اوج تي رسيو. انگريزن جي اچڻ ڪانپوءِ اهو دور پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو. سڀ کان پهريان خليفي گل محمد هالائي سنڌيءَ ۾ غزل لکيا ۽ پنهنجو ديوان سامهون آندو (اهو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ديوان هيو) بعد ۾ قاسم، سانگي ۽ قليچ بہ ديوان آندا.

مخدوم احمد مجتبيٰ غالب 1922ع کي غزل جي شباب جو زمانو سڏي ٿو جنهن دور ۾ محمد بخش واصف ۽ فقير هدايت علي نجفي پنهنجا ديوان آنداز جن کي پاڻ آسمانِ تغزل جي افق تي آفتاب ۽ ماهتاب سڏي ٿو. خبر ناهيَ اهي ديوان آسمانِ تغزل جا آفتاب ۽ ماهتاب هيا بہ يا نہ پر ان سان هڪڙيَ ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ سنڌيءَ ۾ غزل لکڻ جي هڪ روايت جڙ پڪڙي رهي هئي. ان ڪانپوءِ حافظ احسن، حافظ حيات شاهہ ۽ انجم جا ديوان منظر تي آيا، جن لاءِ مخدوم جو چوڻ آهي تہ اهي صرف غزل جي رسم ادا ٿي ڪري سگهيا.

بهرحال ڪچا پڪا غزل تڏهن بہ لکيا ويا ۽ اڄ بہ لکيا پيا وڃن. ائين غزل پنهنجا شروعاتي مرحلا طي ڪندو جديد شاعرن جي هٿن تائين پهتو، جن ۾ شيخ راز، مراد علي ڪاظم، لعل محمد لعل، حليم جوش، نعيم صديقي، بردو، شيخ اياز، استاد بخاري، امداد حسيني، هاتف شبير، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، علي محمد مجروح، ذوالفقار راشدي، محسن ڪڪڙائي، آٿم ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، تاج بلوچ، وفا پلي ۽ سرحد پارجن اسانجي دوستن سنڌي غزل جي آبياري ڪئي، انهن ۾ ارجن حاسد، شريڪانت صرف، ايم ڪمل، واس ديوَ موهي ۽ نارائڻ شيام جا نالا اسانکي نظر اچن ٿا ۽ انهن ۾ نارائڻ شيام جو نالو سڀ کان اتاهين پد تي بيٺو آهي. نارائڻ شيام جو بوند، لهرون ۽ سمند، فني ۽ فڪري حوالي سان غزلن جو پهريون مجموعو آهي. جڏهن تہ ان ۾ گهٽي پاگي آهن بہ غير مردف غزل. قافيا بہ گهٽي پاگي آوازي استعمال ٿيل آهن. اهڙن غزلن سان نياءُ ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي. نارائڻ شيام جي غزلن ۾ ڪٿي بہ ڪو پراءُ يا پرتي جو شعر نظر ڪونہ ايندو. هر شعر وسيع پلاٽ، معنيٰ ۽ منظر رکي ٿو.

لفظن جو جُڙاءُ سهڻو ۽ رچاءُ خوبتر.

غزل جو اهو سفر جاري آهي. نارائڻ شيام ڪانپوءِ، ج.ع.منگهاڻي، نسيم النساءِ، ڊاڪٽر پريت چنڙ، روبينہ ابڙو، امين پٿو، اياز گل، ادل سومرو، علي دوست عاجز، حنيف عاطر، سعيد ميمڻ ۽ وسيم سومرو کان ٿيندو، اسانجي گلزار، مشتاق گبول، سعيد سومرو، حسين جاگيراڻي، سرواڻ سنڌي، جاني اسحاق ملاح، اياز جاني، منصور سيتائي، معصوم بخاري، بخشل باغي، مئڪش سومرو، فياض چنبڊ ڪليري، ساحر راهو، آڪاش عامر، عامر سيال، بدر شاهہ، امين لاڪو، مارو جمالي، حبدار سولنگي، عبدالمجيد آس ٻبر، ابل اداس ٻبر، ساٿي محبوب زنگيجو، لياقت علي لياقت، خليل عارف سومرو، علي زاهد، امر پيرزادي، غوث، جعفر جاني، علي آڪاش، علي اظهار، علي صفدر، مختيار سهتو، شيخ فرازي، منتظر گولو، صديق نماڻو، فراخ جانوري، خاڪي جاني کان ٿيندو هاڻ اهو اسانجي نئين ٽهيءَ جي هٿن ۾ آيو آهي. ڏسون تہ اُهي اُن کي ڪٿي ٿا وٺي هلن. جن ۾ رحمت سومرو، اداسي جکراڻي ۽ امر ساحل اسانکي پاڻ پسائي رهيا آهن. ۽ نہ رڳو اهي پر انهن پويان بہ هڪڙي پوري قطار آهي، جا پاڻ پتوڙي رهي آهي. ■

# محمد علي پٺاڻ
## کي سالگره مبارڪ

سنڌي ٻوليءَ جي عظيم خدمت گذار، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نويس محمد علي پٺاڻ کي سالگره مبارڪ

-ادارو

## غزل



### سعيد ميمڻ

پنهنجي نيڻن ۾ ماڪ ڇو آهي
دل، اڃان پي فراق ڇو آهي
جيئري کهڙي ڪَئي عياشي اسان
جو ڇوان انتُ خاڪ ڇو آهي
آنءُ ڀوڳيان ٿو غلطي آدم جي
اي حوا، هي مزاق ڇو آهي
مون تہ ٻيئي ڇڏيا هُئا ٻوٽي
اڄ ڪُليو توڏي تاڪ ڇو آهي
ناهہ پنهنجو جُنون ڪنهن ڪم جو
عشق بيوس، عشاق ڇو آهي
دستبردار دل تہ ٿي خود ئي
پوءِ پي دل ٿي عاق ڇو آهي
خوف ۾ ڏس تہ ڪيئن جيئبو هِت
هر ڪُلهي تي ڪُنداق ڇو آهي
لُنڊا بازار يا سياست آ
هت ضميرن جو واڪ ڇو آهي
جنهن لئہ جُهُد ها ڪيا دلڙيءَ
ٿيو سرابن جو ٿاڪ ڇو آهي
ڪيئن ڇري دل وري رَسي سگهندي
ٿيو تخيل براق ڇو آهي
پنهنجا آدرش ٿي ويا ڏُونهون
زندگي ٿي تَماڪ ڇو آهي
آبروءَ جي مَٽي ۾ خاڪ آهي
ٿِيو گريبانِ چاڪ ڇو آهي
هن شهر ۾ گُهمن پَيا ڄڻ بُت
هر ڪو اندران هلاڪ ڇو آهي
ڪيڏو آهي سعيد نرم مزاج
دور هن جو سفاڪ ڇو آهي.

### ساٿي محبوب زنگيجو

ڪين ڍؤ ٿي سگهيو سُک منجهان
خوبصورت تنهنجي مک منجهان
تنهنجي محبت مون پرکي ورتي
تنهنجي مشڪڻ جي رخ منجهان
سنڌ! توکي ڇڏيون ٿا وڃن
تنهنجي ڄاوا جيڪي کک منجهان
مون کي لاچار بي وس ڏسي
ساڏٻيلو رنو ڏک منجهان
رات ڪيهاڻ ٻارن جا ها
گهر سچو آ ستو بک منجهان
قاتلن جا مون پيرا کنيان
نڪتا هٿيار هِن نک منجهان. ■



# ستارن ۾ لکيل تقدير

شوڪت لوهار

**انسان** بہ عجيب مخلوق آهي. پاڙي ۾ رهندڙ محبوب کي ماڻڻ لاءِ ڪروڙين ميل پري ستارن جي خوشامد ڪرڻ شروع ڪري ٿو. همت ايتري ڪونهي جو وڃي سندس پيءُ کي چئي تہ "دل جو معاملو آهي." پر اهو ڪم آهي ٻلي جي ڳچي ۾ گھنٽي ٻڌڻ. ايترو بہ سولو ڪونهي، جو اک ڇنڀ ۾ ڪري ونجي. ڇوڪريءَ جي مائٽن جي لاٺي چارج لاءِ بہ اسٽينڊ باءِ رهڻو پوندو...!

ستارا ڇا آهن؟ ۽ ڇا ٿا چون؟ اهو تہ ناسا وارا ٻڌائيندا يا خلائي مخلوق سان ملاقاتن جا مزا وٺندڙ آمريڪي ۽ يورپي خلاباز ئي وضاحت ڪندا. باقي پاڻ تہ نہ نيوٽن جا مائٽ آهيون ۽ نہ ئي آئنسٽائن جي ڪنهن ڏوهٽي پوٽي جا وارث. جو اِهي اسان لاءِ ٿين ڪڙڪائيندا. پاڻ جو ڳيئڙا فقير سرزمين تي ويٺا پنهنجي قسمت جي ڪل لاهيون تہ ان ۾ ڇا لکيل آهي؟ ديس جون حالتون کھڙيون بہ هجن. سماج ۾ چوڌاري ڇا بہ ٿي رهيو هجي، گھر ۾ بک وراڪا پيئي ڪري پر اسان جي قسمت جو حال ستارا ئي ٻڌائيندا.

دنيا جي آبادي اٺ ارب پيٽو ٽپي چڪي آهي پر ستارا جيڪي اخبارن ۽ رسالن ۾ موجود آهن اهي اڃا تائين ساڳيا آهن. اهو پڻ ڪليل تضاد جي ذمري ۾ اچي ٿو. حقيقتون ٿين بہ منهيون ٻلائون، جي ستارا اسان کي پنهنجي اصلي حقيقت ٻڌائين ٿا تہ اسان جو وات ئي پٽجي وڃي؟ جيئن آسمان نظر اچي ٿو پر مُئا فزڪس وارا چون ٿا تہ ڪو آسمان ٻاسمان ڪونهي، نظر جو دوکو آهي. جيئن پري ڪان واري جو صحرا پاڻيءَ جي ڍنڍ جيان لڳندو آهي پر حقيقت ۾ پري پري تائين پاڻي ڦڙي جو ڪو نالو نشان نہ هوندو آهي ۽ واٿهڙو ڪر سهڪي سهڪي پٽڪي پٽڪي اتي ئي دوڪي جو شڪار ٿي ويندو آهي، اسين بہ ائين ستارن جي هٿان ٺڳجندا رهون ٿا پر هر دفعي اُميد جي اٺ تي چڙهي وري ڪجھ سنو ٿيڻ لاءِ پنهنجي ناڪامي کي دلاسا ڏئي سمهاري ڇڏيون ٿا.

اسين جيڪي اصل آهيون يا اسان جي جيڪا اصليت آهي انهيءَ بابت ستارا سچي ڪن بہ ڪو نہ، ڪن بہ ڪيئن، انهن کي دهشتگردن جيان ڪليل نموني موڪل مليل آهي تہ جيئن وڻين تيئن ڪن، جيئن وڻين اسان جي قسمت جو حال ٻڌائي ڇڏين. ستارن کي تہ جهٽ گھڙيءَ لاءِ نارا جيل جي هوا ڪارائجي ۽ هوا سان گڏ حيدر آباد جي جيل مينو مان تيار ٿيل اسپئگيٽي چکائجي تہ اهڙو سچ اوڳاڇين جو وڃي ٿيا خير يا جيئن اسان چئون ائين ئي اسان جي قسمت ٻڌائين ۽ ان جو احوال ائين ئي لکن جيئن ڪو وقت جو بادشاھ پنهنجي دور جي تاريخ پنهنجي مرضيءَ سان درٻارين کان لکرائيندو آهي.

اسان سڀئي ستارن جي برنين ۾ بند آهيون، اسان جي ڪم ڪار تي اسان جو ڪو بہ وس ڪو نہ ٿو پڄي، جيئن ستارا چون تيئن ئي ڪيون. اڄڪلھ جوتشي ۽ ستارن جو علم ڄاڻيندڙ بہ ماڻهن جي حال سارو قسمت کي هٿن ۾ هٿ ڪڙيون هڻي، پيرن ۾ ٻيڙيون هڻي وات ۾ ڪپڙا ڏيئي اکين تي پٽيون ٻڌي ستارن جي صورت ۾ روزانو، هفتيوار ۽ پندرنهن وار اخبارن، رسالن ۾ پيا موڪلين. هاءِ هاءِ قسمتون ئي اغوا ٿيل....!! پلا جي قسمت جا ستارا ٿورو سچ ڪچي وڃهن تہ ڪر قيامت نہ اچي وڃي. جي اوهان جو ستارو حقيقي معنيٰ ۾ اوهان جي گھر جي سرڪار پڙهي وٺي جنهن ۾ اهو لکيل هجي تہ اوهان ڪيئن نہ آفيس ۾ پنهنجي سيڪريٽريءَ جي عشق ۾ ڦاٿل آهيو يا اوهان اڄ ٻاهر ڪٿي ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ ڪيس ٻنر ڪرائيندا تہ اوهان لاءِ قيامت ٿي وڃي! ۽ ان ڏينهن ويلڻ تو هان جي نرڙ تي ڪيئي ٻيٽ ۽ ٻيلاٽين جا نقشا ٺاهي ڇڏي. اوهان آرڪيٽيڪٽ جو ڪو نادر نمونو نہ بڻجي ويو. واٺون ويھ ٿيون ۽ ويهي واٺون سڏارڻ جو ٻڌايل جن تي اڪيون ٻوٽي پيا هلون. پلا ستارن ۾ ڪڏهن ائين لکيل هوندو آهي تہ اڄ اوهان کان رستي ويندي اوهان جو موبائيل ڦرجي ويندو؟ يا اڄ اوهان جي گھر ۾ ايترا مهمان ايندا جو اوهان 2010ع جي ٻوڏ متاثر سنڌ جيان پاڻي پاڻي ٿي ڪيئي صديون پٺتي هليا ويندا؟

ستارن ۾ ڪڏهن بہ ائين لکيل نہ هوندو آهي تہ اوهان جي ڪرائي واري گھر جو مالڪ گھر جو ڪرائي وڌائڻ جو پروانو موڪلي ڇڏيندو، يا بجلي ۽ گئس جو بل هن مهيني ايترو ايندو جو توهان پاڻ بجلي ۾ هٿ ڏيڻ ۽ گئس جي چلهي ۾ سڙي مرڻ لاءِ تيار ٿي پوندؤ پر قطعي نہ، ائين تہ ستارا ٻڌائين بہ ڪو نہ. اسان جي قسمت جا ستارا بہ لڳي ٿو هاءِ جيڪ ٿيل آهن.

ستارا سچو سچ نٿا بيان ڪري سگھن. پلا ستارن ڪڏهن ائين ٻڌايو آهي تہ پاڪستان ريلويز جو اڄ خوشحالي جو ڏينهن آهي. هو ڪڏهن بہ نٿا ٻڌائين تہ رستي ۾ انجڻ فيل ريل ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪا ڪوڪ نٿي ڪري، نہ ئي ان جي وزير جي ڳلي مان ان جي بهتري لاءِ ڪو آواز ٿو نڪري. ٻنهي جي حالت رحم جوڳي آهي. ٻنهي کي مرمت جي ضرورت آهي.

اسان جي قسمت جي ستارن ۾ وري ڪجھ جانورن جا فوٽو ڏنا ويا آهن، ڪو شينهن آهي تہ ڪو ٻڪري، ڪو مڇي تہ ڪو وڇون، ڪو پکي، ڪو دلو ڪو مٽ ڪو ڪُپو، جنهن جو ستارو شينهن آهي اهي صرف انهيءَ ڪري خوشفهمي ۽ غلط فهمي جي وچ ۾ ٽنگيل آهن تہ بس انهن جي قسمت بہ شينهن آهي، پر انهن کي خبر ناهي تہ اڄڪلھ ٻاهران آيل مخلوق هڪ وڻ بہ نہ ڇڏيو آهي تہ شينهن تہ ڇڏيو پر ڪو گدڙ بہ نہ بچيو آهي سنڌ ۾، جو ڪٿان اونائي تہ ٻيلي وارو ڪيو منهنجي پناھ کي تباھ ٿيڻ کان بچايو. جهنگل جو بادشاھ شينهن هوندو هو هاڻي ان جو بادشاھ ڪنزرويٽو آفيسر هوندو آهي ۽ جهنگل جا سڀئي جانور ان جي فارم هائوس جي پڃرن ۾ واڙيل هوندا آهن. جنهن جي شامت ايندي آهي ان کي پڃري مان ڪڏي جهنگل ۾ آزاد ڪيو ويندو آهي، آزادي لاءِ نہ، بلڪ پلي پار ڪان آيل شڪاري جي دونالي بندوق جي گولي لاءِ...!

مڇين جي نشان وارا قسمت وارا ستارا بہ خوش نہ ٿيا. هينئر اڄهو ٺٽي ويجهو سمنڊ ۽ درياءَ تي هڪ ميگا بستي ٺهي پئي پوءِ رڳو مڇيون فشريز ڪاٽي ۾ پيل لاگ ٻُڪن جي نالن ۾ ملنديون. پلو تہ ڪڏهوڪو ويچارو گم آهي جو ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي لهي ڪو نہ پيو پر ان جو بہ پلاسٽڪي قسم جلد چائنا وارا متعارف ڪرائڻ وارا آهن. جيئن اسان سنڌين کي پلي جي ڳٽي نہ ڪائي، جن جو ستارو پکين جي نالن تي آهي اهي بہ خوش نہ ٿين، اڳي ماڻهو قبرستان وڃي هر قبر تي مڱ، مسور جي دال هاري ايندا هئا جو پکي ڪائي ڪين دعائون ڏيندا هئا پر اڄڪلھ دال جو اگھ ۽ چاندي جو اگھ هڪ جهڙو ٿي ويو آهي، سو پکي پاڻ پريشان آهن ۽ سائبيريا مان ايندڙ پکين کي چئي رهيا آهن تہ پيارا ايڏاهين چڱا آهيو، روس ٽُٽو ضرور آهي پر اوهان کي داڻو پاڻي ڏيڻ ۽ راشن ڪارڊ ڏيڻ اڃا بند ڪونهي ٿيو. هت آيا تہ مرڳو هٿان جي ڪامورن جو شڪار ٿي ويندؤ. ڪو ڪانيرو، نيرگي، آڙي، تلور سڀ گڏجي هم صلاحي ٿيا آهن تہ هن دفعي ڪبوتر کي سائبيريا سفير ڪري موڪليون ۽ ان جي هٿ منع نامو ڏيارائي موڪليون.... تہ سنڌ هاڻ ڪربلا جو ميدان بڻجي ويئي آهي.

جنهن جي قسمت اڳي ئي ٻڪر سان سلهاڙيل آهي ان کي ڇا چئجي؟ اهو تہ ٻڪر ئي رهندو ۽ هر قرباني واري عيد تي پيو قربان ٿيندو ۽ پنهنجي ڪل پيو پٽي ۾ ڏيندو. وڇونءَ لاءِ ڇا لکجي؟ جيڪو آهي ئي وڇون اِهو پِل Ph.D ڇو نہ ڪري پڙهي پر رهندو هميشہ وڇون جنهن جو ڪم آهي ڏنگ هڻڻ پر هڪ ڏينهن اهو بہ ضرور ڪنهن هاٿي جي پير هيٺان اوس اچٹو آهي.

قسمت جا ستارا جنتري باز، سنتري باز آهن. اسان جي قسمت فٽ پاٿ تي ويٺل طوطي فال وارو هڪ ئي رات لکي لفافن ۾ وجهي ڇڏيندو آهي ۽ صبح ٿيڻ تي طوطو حڪم مطابق لفافو ڪڍي قسمت جو حال ٻڌائيندو رهندو آهي. اوهان کي خبر آهي تہ اوهان سڀني جي قسمت جو حال هڪ ئي جهڙو اهو طوطائي فال وارو هڪ ئي رات ۾ لکي ڇڏيندو آهي ۽ ائين اسان جون قسمتون لکندي لکندي هن جي پنهنجي قسمت لکڻ لاءِ ان جي پين جي مس ڪٽي ويندي آهي ۽ ان جي قسمت اڻ لکيل ئي رهندي آهي.

جي اسان جي وس ۾ هجي تہ پنهنجي قسمت مرضي مطابق لکرايون پر ستارا رهن ٿا تمام گھڻو ڏور ۽ اسان وٽ تہ ڪوٽڙيءَ تائين وڃڻ لاءِ بہ ڪرايو ڪٿي ٿو پوي. نوري سالن جو پنڌ ڪيئن ڪيون پر جي وياج سياج تي پيسا وٺي ناسا وارن کي منٿون ڪري ستارن تائين پهچون بہ سهي تہ اتي وري اهي خبرون نہ پلئہ پون تہ اوهان جو ستارو هينئر هينئر هٿان نڪري ويو جو، جوتشين مطابق ستارا هميشہ گردش ۾ ٿا رهن. هو خانہ بدوشن جيان پنهنجو ماڳ پيا مٽائين، هڪ هنڌ ديرو ڄمائي ڪو نہ ويهن...! جو وڃي ڳچي مان جهلي قسمت پڇجي.

فلمي اداڪارن، اداڪارائن ۽ سرڪار جي گدين تي ويٺل باادب باملاحظہ هوشيار شهنشاهن جا ستارا ڪجھ ڪو نہ ٿا بگاڙين، ڇاڪاڻ تہ هو هاڻ پاڻ بہ ستارا ٿي چڪا آهن، ان ڪري ان ٻڪري شينهن وارن ستارن جي انهن کي ضرورت ئي ڪو نہ پوندي آهي.

ٻلي ويچاري ساھ جي خوف وچان اسان جي پاسي مان گذري وڃي تہ اسان سونسون ۽ سنؤڻ سمجهندا آهيون تہ هاڻي اسان جي ستارن ۾ وائبريشن اچي ويندي. حقيقت ۾ ٻلي ويچاري پنهنجي ٻلوڳڙن کي بچائڻ لاءِ ڪو هٿ پير هڻڻ لاءِ نڪتي هجي ۽ اسان ڪٽي پنهنجي لاءِ اپ شگن سمجهيو.

مضمون ويڙهيندي: اسان جي قسمت زهره، حمل، مريخ جي جنترين ۾ ڪونهي. اسان جي پسند جي شادي ۾ ڪنهن بہ سنبلہ، اسد جو ڪو ڏوھ ناهي، اصل ۾ ڪمي ڪوتاهي ڪٿي اسان ۾ آهي جو مٿي تي بيروزگاري جو ٽيگ لڳايو مايوس ٿيا ويٺا آهيو، اُٿون ۽ پنهنجي قسمت کي پاڻ ئي ٺاهيون، جيئن پاڻي انجنيئرنگ جي ڊگري نہ هوندي بہ وڏو انجنيئر ٺئي ٿو ۽ ڍنڍون ڍورا ٺاهي پنهنجي قسمت ٺاهي وڃي ٿو.

شيڪسپيئر جي لفظن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو تہ:

*Faults lies not in stars*
*But with in us.*
*I love thee with all the faults.*

lohar-shoukat@hotmail.com

# انبن جي موسم جو لوڪ گيت

ڊاڪٽر رسول ميمڻ

اجا انب لٿا نه هيا، لهڻ وارا هيا. سيٺ آنندل جي انبن جا باغ ايڪڙن ۾ ڦهليل هيا، ائين لڳندو هيو ڄڻ ڌرتي رنگ بدلائي تبديل ٿي چڪي هجي. نظر جي حد تائين انبن جا وڻ هيا ۽ انهن تي ويٺل ساوا طوطا، جيڪي هڪٻئي کي انبن جي موسم اچڻ تي واڌايون ڏئي رهيا هيا.

سيٺ آنندل نه ڪڏهن خيرات ڏني، نه ڪڏهن زڪوات ڪڍيائين. هو ترڪي ٽوپي پائيندو هيو ۽ عينڪ جي ٿلهن شيشن مان ان جون اکيون وڏيون ۽ خوفائتيون ڏسبيون هيون. مڇون واڇن کان هيٺ وات چوڌاري وريل هيون ۽ متاري جسم تي سنهي ململ جي چولي هيٺان لڻي جي وڏي گهير واري سٿڻ پاتل هوندي هئي.

اها ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن سنڌوءَ تي ٻئريجون نه ٻڌيون ويون هيون. ساونڻ ۾ سنڌوءَ کي روڪڻ وارو ڪوبه نه هيو. پاڻيءَ کي جيڏانهن پڄندو هيو، رستو ٺاهي هر شيءِ کي ٻوڙيندو هليو ويندو هيو. ڪچي جي زمين ۾ پوکيل هرشيءِ پاڻيءَ ۾ لڙهي ويندي هئي. سنڌو پاڻ سان گڏ هنداڻا، گدرا، ڪدو، بادرنگ، پينڊيون، توريون، ڪريلا ۽ هرشيءِ وهائيندو وٺي ويندو هيو.

جتي غريب آباد جو محلو آهي، اتي ڪڏهن غريب ماڙيچن جو ويڙهو هوندو هيو. ماڙيچن جي ان ويڙهي ۾ ڪل ملائي سورهن گهر هيا. اهو سڏبو ته ماڙيچن جو ويڙهو هيو پر ان ۾ مختلف ذاتين جا ماڻهو رهندا هيا، جن ۾ مائي موليڏني به هئي. موليڏني صبح سان چلي ڪٽي بازار ويندي هئي ۽ سبزي مارڪيٽ جي اڇلايل گند مان اڌ ڦٽل ٽماٽا، بصر، پالڪ جا ڪومايل پن ۽ ڳاڙهن ٻجن وارا ڪريلا چونڊي ايندي هئي. اها ننڍي قد واري عورت جنهن کي سڀ پيار مان 'ناني' چوندا هيا، ستر سالن جي لڳ ڀڳ هئي. هر حال ۾ خوش رهندي هئي. قربائتي هئي، سندس ڪاڏي ڏکهي اڳتي وڌيل ۽ زبان ايڏي ته ڏگهي هئي جو وات مان ڪڍي ڦيرائي نڪ تي رکندي هئي. خوش ٿي ڳلي تي زور ڏئي ڪڳيون هڻندي هئي ۽ تاڙي وڄائي نچندي هئي.

ويڙهي ۾ پنج گهر لنگهن جا هيا جيڪي شادين مرادين تي دهل وڄائي پيٽ گذر ڪندا هيا. انهن مان دهلاريءَ کي ڇڏي باقي ٻين جا پوپليون ۽ شهنائيون وڄائڻ ڪري ڳلا سجيل هوندا هيا. اتي هڪ گهر ۾ ڪدڙو رهندو هيو، جيڪو شهر ۾ 'ٻجليءَ' جي نالي سان مشهور هيو. باقي گهر بيروزگارن جا هيا، انهن ۾ سورنهن سالن جو نوجوان خادم به هيو، جيڪو سڄو ڏينهن سينيمائن تي رلندو هيو ۽ ڪڏهن ڪا هلڪي ڦلڪي چوري به ڪري وٺندو هيو.

شهر جي آدمشماري ايتري نه هئي. ٿاڪرو علائقو آباد هيو. هيٺ زمينون ۽ باغ هيا. ماڙيچن جي ويڙهي جا اهي ماڻهو شهر کان ايندي انبن جي باغن کان ٿيندا ويڙهي ڏانهن ورندا هيا. مائي موليڏني ڦٽل سبزي ميڙي چليءَ ۾ وجهي جڏهن آنندل جي باغ اڳيان لنگهي ته ان کي اتي بيٺل ڏٺائين. وڏي ان وٽ وئي ۽ ڪيس عرض ڪيائين، "سيٺ هڪ انب ڏي ته نيراني ڪائي توکي دعا ڪريان."

مائيءَ جو ائين چوڻ سيٺ آنندل تپي باهه ٿي ويو.

"مائيءَ منهن تي انب جهڙو." ان چيو، "وڃ وڃي ڦٽل وانگڻ کاءُ. اجايو چوٽي پنهنجي پيٽ ۾ سور وجهين."

مائي صفا هيسجي وئي.

"اڙي ابا سيٺ." هن عاجزيءَ مان عرض ڪيو، "سڄي سال ۾ اهي ٽي مهينا ته اچن ٿا. ڇو ٿو انڪار ڪرين؟ هيڏا باغ ڏنا ٿي الهه سائينءَ هڪ ڏيندين ته ڪهڙو فرق پوندو تنهنجي خزاني ۾؟"

سيٺ صفا وڙهن تي لهي آيو.

"هل هل ته هٽاءِ نه موچڙا." ان چيو، "اجايو مٿو نه کاءُ."

مائيءَ هن کي بددعا ڏني.

"اڙي شل آنڌي اچي، ڪو مينهن وسي، ڪا ٻوڏ اچي. رب ڪندو ته تنهنجا انب لڙهي ويندا."

مائي هلي وئي ۽ سيٺ هن پويان ويچارا ڏئي مڻ مڻ ڪرڻ لڳو.

"آنڌي ايندي، مينهن وسندا، ٻوڏ ايندي... آئي آهي عامل ڪامل."

ناني هيٺ ڪنڌ ڪري هلي وئي پر رولاڪ خادم جڏهن رات جو سينيمائن تان موٽيو ته باغ وٽا لنگهيندي، هن جي نظر انبن تي پئي. اهي رستي جي پڪ ۾ لڙڪي رهيا هيا. هن لوڙهو ٽپي جيئن پٽڻ جي ڪوشش ڪئي ته اوندهه ۾ ڪتا ڀونڪيا. خادم جلدي ڪئي. تڪڙ ۾ هن کي هڪ انب هٿ ۾ آيو ۽ وٺي ڀڳو.

ڪتا لوڙهو ٽپي هن پويان ويا ۽ سيٺ آنندل ڪتن جي ڀونڪ ٻڌي لٺ ڪڍي ٻاهر نڪتو. ڪتا خادم کي ڊوڙائيندا ويڙهي تائين آيا. خادم ويڙهي ۾ وڃي ٻاهريون دربند ڪري ڇڏيو. ڪتا در تي بيهي ڀونڪڻ لڳا. سيٺ آنندل به اچي در تي پهتو.

"اڙي ڪڍو ان کي ٻاهر." سيٺ آنندل در تي بيهي دڙڪو ڏنو.

ويڙهي جا ٻه چار ماڻهو ٻاهر آيا ۽ انهن سيٺ سان ڳالهايو.

"خير ته آهي سيٺ؟" لالڻ لنگهي هن کان پڇيو، "اسان مان ڪا تڪليف پهتي اٿئي؟"

سيٺ لٺ سان ڀونڪندڙ ڪتن کي چپ ڪرائيندي چيو،

"تڪليف کي وجهه ڏوڙ. انب واپس ڪيو."

سڀ هڪا ٻڪا ٿي ويا.

"ڪير پٽي آيو انب؟" انهن مان هڪ سوال ڪيو.

"توهان جو ڇوڪر." هن چيو، "ڪڍوس ٻاهر."

خادم ويڙهي ۾ وڃي، ڪوٺيءَ اندر ڪاٺ جي صندل هيٺان چاڏيءَ جو ڍُڪ لاهي انب ان ۾ لڪائي ڇڏيو. نانيءَ انب لڪائيندي ان کي ڏٺو. خادم ٻاهر آيو ۽ پنهنجي بيگناهيءَ جا ثبوت پيش ڪرڻ لڳو.

"سيٺ ڌڻيءَ جو قسم آ... مون انب چوري نه ڪيو. ڇڙو لوڙهي وٽان لنگهيم ته ڪتا ڪڍ پيا."

سيٺ نه مڙيو، زور پرڻ لڳو.

"چوانءِ ٿو انب ڏي نه ته سٺو نه ٿيندئي."

خادم آخر تائين ڪوڙا قسم قرآن ڪٽي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر انب واپس نه ڪيو. سيٺ اها ڌمڪي ڏئي واپس موٽيو، 'ڏسان ٿو انب واپس ڪيئن نه ٿو ڏئين. اهو ته تنهنجي ناني به واپس ڪندي.'

ناني جنهن جي ڪوٺي ويڙهي جي در پرسان هئي. کٽ تي ليٽي اهو سڀ ٻڌو پئي. سيٺ جي ڌمڪيءَ تي هن هٿ ڪنن تي رکيا ۽ نڪ کي ڇُهي توبهه توبهه ڪئي.

"رب ڏين به اهڙن کي ٿو جن کان وٺڻ به مشڪل. بيپرواهه بادشاهه آهين. اسين ڪير آهيون ليکي ۾ پير پائڻ وارا."

پوءِ نانيءَ کي ننڊ اچي وئي ۽ مٺن خوابن ۾ گم ٿي وئي.

آنڌي آئي. وڏڦڙا وسيا. ايڏا مينهن وسيا جو وڏڙن کي مثال نه پئي مليو. مهاٻوڏ آئي ۽ سيٺ آنندل جي باغ جا سڀ انب ڇڻي لڙهي ويا. ٻوڏ جو زور اتر کان ڏکڻ طرف هيو، جنهن ڪري شهر جا پهاڙي حصا ۽ اولهه جي مٿاهينءَ وارا علائقا محفوظ رهيا. ماڙيچن جو ويڙهو بچي ويو. شهر جي هيٺائينءَ وارن علائقن جا ماڻهو ٽپڙ کڻي پهاڙيءَ طرف ڀڳا ۽ سڄو علائقو جل ٿل ٿي ويو.

سنڌو انبن سان پرجي ويو. پيلا ڳاڙها ساوا انب لڙهندا پئي ويا. شهر وارن ڏٺو اتي هر قسم جا انب هيا. لالپٽا، سنڌڙي، فجري، طوطا پوري، لنگڙا، دسهري، الماس، سدا گلاب، چوسا ۽ انور رٽول، جيڪي پاڻيءَ ۾ ائين ترندا پئي ويا جيئن هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشش ڪندا هجن. سيني ڪناري سان بيهي جهولون پريون.

اهو ماڙيچن جي ويڙهي جو نوجوان خادم هيو، جيڪو سڀ کان پهريون انبن جي جهول ڀري ويڙهي ۾ داخل ٿيو ته سيني جي منهن تي سرهاڻ اچي وئي. مائي موليڏني جيڪا ڪوٺيءَ ۾ سمهيل هئي، تڪڙ مان ٻاهر نڪتي. ڏهٽي جي جهول ۾ انب ڏسي ڪيس ڇپن تي مرڪ اچي وئي. پوڙهيءَ جون دونهاٽيل اکيون چمڪڻ لڳيون. هن خوشيءَ مان ڏگهي زبان ڪڍي نڪ تي رکي ۽ پوءِ نڙيءَ تي زور ڏئي ڪڳيون هنيون. هن جو پوڙهو

# ٽڪ جي رلي تي ڪاٺ ڪٺي جي ٽڪ ٽڪ

پير عبيد راشدي



فارم هائوس جي چوڌاري ناريل، پام، زيتون ۽ چڪوءَ جا وڻ. پر ميان محمد ملوڪ لاءِ ساهه جهڙو منو ٻڙ جو شاهي وڻ. جڏهن هوائن تي ٻڙ جو وڻ پينگهو ٿيندو آهي تڏهن ميان محمد ملوڪ جي رڳن جو رت ٿڪي ڳڙي پوندو آهي، هو ٻڙ جي کير کي انساني نسل جي واڌ ويجهه لاءِ ٻاڪري ۽ ماهي کير کان وڌيڪ لاپائتو سمجهندو آهي.

عام باغ، باغيچن ۽ فارم هائوسز ۾ مڪڙيون ماڪ تي ٽڙنديون آهن پر ميان محمد ملوڪ جي فارم هائوس جي وشال لان جو مڪڙيون ڪنهن چاڳ نخري تي ٽڙي واس ڪنديون آهن.

شام ويلي جڏهن هوائون رات راڻي چنبيلي جي هٻڪار سان سنجوڳ گهونگهٽ ڪري هلنديون آهن تڏهن پارڪ ۾ وينلن ۽ سوئمنگ پول ۾ ترندڙ تڙڳندڙن جي بدن ۽ پيرن ۾ ڪتڪتائي ڪنديون آهن تڏهن هنن جا ٽڪ لهي پوندا آهن.

ڪوهستان گڏاپ جي هنج ۾ اڏيل فارم هائوسز جو ڪارج جيڪڏهن ماڻهن کي ورونهن وندر مهيا ڪرڻ آهي ته پوءِ عام ۽ بيوس ماڻهن کي ڇهڻ ڪان پري ڏسيو اهو ڪارج بي معنيٰ ۽ چسو محسوس ٿيندو آهي. هونئن به ڪراچي ۽ ڪراچيءَ کان ٻاهر پهچ وارا ماڻهو تفريح جي نالي ۾ زمين تي قبضا ڪري غريب ماڻهن کي دربدر ڪندا وتن. ميان محمد ملوڪ جي مثالي فارم هائوس تي لٽل جوڙا جڏهن هيج مان مرڪندا ۽ ٽهڪ ڏيندا آهن تڏهن عام ماڻهو پلجيو ڪوهستان جي آسمان ۾ ڪونجن جي وڳر ۽ ڪرڪي لاءِ واجهائيندا آهن ۽ پوءِ هنن جي نهار پدمڙين جي پيرن ۾ چير چمڪي جيان ڄمي ويندي آهي. عام ماڻهو ته چيگڙن چيگڙين جي ٿڪن تي ڪونج ڪرڪي لاءِ آسمان ۾ واجهائيندا آهن، پر ميان محمد ملوڪ جي مٽي ۾ جُوڻ ءِ به ڪانه سرندي آهي ڇو ته هو سوئمنگ پول ۾ ماهه پارا سان پيو تڙڳندو وندرندو ۽ ونجهن جهڙا هٿ پير پيو هڻندو آهي.

هڪ پيري سندس پراڻي هجائتي ملازم ۽ ماه پارا جي عاشق نامراد پوڳ جو پوڳ سچ جو سچ ٺهڪائي ڏنو هئس، ”ميان صاحب ڇهين ٻارهين مهيني تنهنجي پاڪر نصيب ٿيندي آهي پر جي اها پاڪر ڏئين ته قبر ۾ به دعا ڪندو سئين!“

ميان محمد ملوڪ ماهه پارا کي گهور وجهندي وراڻيو هو، ’اها پاڪر ناهي پر چاٻو حلوو آهي‘ ميان جو لهجو ڪڙو منو هو، اهو ملازم جڏهن ماه پارا کي حسرت وچان گلدستو پيش ڪندو آهي ته ميان چوندو اٿس ’گل پلي ڏينس پر گلن کي پيوند نه لڳائجان متان پرڏيهي صحافي ڊينئل پرل وانگر قتل ٿي وڃين!‘

غريب بي پهچ ٽڏو ساهه چلي ماهه پارا ۾ مٽي گهور وجهي ورائيندو آهي، ’پيوند لڳائڻ جي کهڙي ضرورت ماڪ پنل گلابن ۾ خوشبو سان گڏ منهنجون حسرتون پڻ آهن اهي پرين جي حواسن ۾ ڏڏڪو ضرور ڪنديون اها ئي منهنجي وڏي ميراث آهي!‘

ميان محمد ملوڪ جڏهن ڍگهي وڏي چاڙهيءَ تان پول ۾ ترڪندو آهي ته ڪيس پنهنجا حواس سوڙها ۽ ٻٽيل محسوس ٿيندا آهن، پر پوءِ پول ۾ وينل ماه پارا جي ڪليل ٻانهن ۾ حواسن سان گڏ جوڀن رت موٽي ايندي اٿس. فارم هائوس جو مالڪ ته ٻارهو ئي ابو ڌهبي ۽ يورپ ياترائن ۾ ڪڏهن ڪنهن سال وطن ورندو آهي ته ابو ڌهبيءَ جا شيخ فارم هائوس تي لايا سجايا ڪرڻ لاءِ ايندا آهن ۽ هنن جي هٿ شفاءَ سان فارم هائوس جي مالڪ جي خاندان جو ڪو هڪ فرد اقتدار جو مهرو ٿي پوندو آهي.

عام ماڻهو ميان محمد ملوڪ کي فارم هائوس جو مالڪ ۽ ٽرپل ايم روحاني بابا آف ڪڏا مارڪيٽ ڪلفٽن وايا ڊفينس جي نالي سان سڏيندا آهن. ميان صاحب نه رڳو هانيءَ ۾ بحري غوراب جهاز جهڙو پر سندس عرشي يعني لسي ٽڪڻ تي سدائين جناح واري ڪراڪلي ڪاري ٽوپي، وڏي ڊگهي ڏاڙهي ۽ ضياء الحق واري مجلس شورائي ميمبرن واري ڪاري ڊگهي شيرواني ۽ پيرن ۾ ملتاني ڇهنب دار جتي هوندي آهي، اڪثر ذهني وسوڙيل ماڻهو ڪانئس پنهنجن بيمارين ۽ نفسياتي محرومين جي علاج لاءِ دم ڦيڻا ۽ ورد وظيفا وٺندا آهن. ڪيترا مراد وندا ۽ مرادونديون ميان صاحب جي پيرن ۾ پيل ملتاني ڇهنبدار جتيءَ کي وڏي تبرڪ ۽ ڪرامت وارو سمجهندا آهن، فارم هائوس جي ڊرائنگ، لونگ جي ڪارپيٽ تي ميان صاحب ڄاڻي واڻي ڪرندو ٿاٻڙجندو آهي يا ڪا نئين مرادوندي ٿاٻڙجندي آهي ته پلو ميان صاحب جو ٿيندو آهي ڇو ته مراد وندي ادب ۽ احترام وچان ٻانهون کولي ٻچائي وٺندي اٿس ’گدري ڪاتيءَ واري ڪار‘ سچي ٿي پوندي آهي.

جڏهن ڪنهن جي مراد پوري ٿيندي آهي ته ڊفينس ۽ ڪلفٽن جي مشهور بيڪرين جا ڪيڪ ۽ پيسٽرين جا شاپر خيابان شهباز، خيابان هلال يا فارم هائوس پهچي ويندا آهن جن جي واپرائڻ سان ميان محمد ملوڪ ذيابيطس جو مريض ٿي پيو آهي.

فارم هائوس جو مالڪ پرڏيهه مان ولايتي دوائون موڪليندو اٿس. ميان صاحب حڪمت جو وڏو پارکو، شگر جي تيماداريءَ ۽ جنسي قوت باهه وڌائڻ لاءِ فارم هائوس کان پرپرو به ٿي ماڻهو وٺي ڪوهستان جي پٻ مان جڙي ٻوٽيون ڳولهائڻ لاءِ نڪرندو آهي جڏهن ماڻهو جڙي ٻوٽيون پيا ڳولهيندا آهن تڏهن ميان صاحب پهاڙ جي وچ مان گذرندڙ قدرتي برساتي نئين تي ٻڌرايل ڪاٺ جي پل تي ويٺل هوندو آهي، جڙي ٻوٽيون نه رڳو پاڻ رهڙيندو آهي پر ٻين کي پڻ صلاحيندو آهي.

جڏهن ڪو ذهني وسوڙيل نوجوان ڪميشن جو وڏو امتحان پاس ڪري وڏي ڪرسيءَ تي ويهندو آهي ته سندس رزق حلال عين عبادت جو ڪجهه حصو ميان

صاحب جي شيرواڻيءَ جي کيسي ۾ پوندو آهي. ڪجهه سال اڳ سنڌ جي ڪنهن وزير جنهن سنڌ جي 'يوٿ گهر' بنيل اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ماسترن کي چيٽي وجائي سٽو ڪرڻ جو ڏونڪو هنيو هو سو جڏهن يورپ ياترا ڪري موٽيو ته هڪ ڏينهن سيڪريٽريٽ ۾ ويهي سپر هائي-وي تي پنهنجا پيٽرول پمپ ۽ سي اين جي اسٽيشن ڏسي ڪوهستان فارم هائوس ڏانهن لڙندي پنهنجي گن مين کان اچي ٽوپي مٿي ڪري انهيءَ مراد سان لٽو ته ڪجين واري پرڳڻي جي بادشاهه کان ميان صاحب جي دعائن سان وڏي ڪرسي ماڻيندو. وزير صاحب ميان صاحب سان رسمي ڪيڪار ڪري صوم و صلواة، حق شراءِ ۽ پاڪائيءَ جا مسئلا پڇڻ لڳو ميان صاحب پهرين ته کيس ڏيرج سان سڀ مسئلا سمجهايا ۽ پوءِ بحري جهاز جهڙي جناح ڪراڪلي ٽوپي ٽڪڻ تان لاهي سائيڊ ٽيبل تي رکي ۽ پنهنجي فطرت لڪائي نه سگهيو.

"ماما مجن مجنا، يورپ جا گس تازو لتاڙي آيو آهين اجان ته اتي جي رنگن جو خمار ڪونه لٿو اٿئي ڪجهه قصا ڪر اتي جي ڪلبز، فارم هائوسز ۽ هتي جي فارم هائوسز ۾ ڪهڙو فرق آهي يا اجان به ڇهتا سونهن سرت وڌ؟"

اوچتي غير متوقع سوال تي وزير صاحب کان ڇرڪ نڪري ويو، اهڙو ڇرڪ سنڌ تي تاقيل بلدياتي ٻٽي نظام لاڳو ڪرڻ وقت ڪونه نڪتو هئس، هونئن به وزير صاحبن کي ڇرڪ ڪونه پوندا آهن.

وزير صاحب مٿي تي ڪيل اچي ٽوپي جڻ اڇلائي ٽيبل تي اڇلائي ٽوپي ڪارپيٽ تي ڪريس ها پر پر ۾ وينل سيڪريٽري جهٽي ورتي.

"ميان صاحب وڏو فرق!! چار رتيون اجان به سرس وڏيڪ رنگين سنگين ڇهتا ڪليل پٽر روشنين ۾ اچا پورا ٽڙڪندڙ جسم جهل نه پل!" وزير نائيڪ ڪمپنيءَ جي ولايتي جاگر سوڌو ٽنگون سامهون ٽيبل تي رکندي ٻڌايو. اجان به پراڻي وليز جيپ وانگر موشن ڪٽي ها پر ميان صاحب جي رڳن ۾ ڪوهستان جي جڙي ٻوٽين ۽ ٻڙ جو ڪير ٽڙڪڻ لڳو ۽ موبائيل تي ڳالهائڻ لڳو: "صفا آسمان ۾ اڏرندڙ پکي ٿي اچ... نه نه چاجو خيال رک رڪاءِ پاڻ ماٺهو مهمان کي هڙان وڙان خوش ڪرڻ جا عالمي چئمپئن آهيون نه نه چاجو رک رڪاءِ ... هي ساڳيو مامو مجن مجنون آهي، اڳي ٻارڙن سان ناٽڪ ڪندو هو ۽ هاڻي قوم سان... ٻه گلاس ۽ جاني واڪر يا بليو ليبل صفا ڪوهستان ۾ اڏرندڙ ڪونج، تلور تي اچ، پڪين جو ڦتڪو لامارو وزيرن کي سنڌ قربان ڪرڻ لاءِ هشي ڏيندو آهي!"

ميان صاحب جو لهجو ڏيمون هو، ميان صاحب موبائل آف ڪري ٽيبل تان ڪراڪلي ٽوپي کڻي پنهنجي ٽڪڻ تي جڻ پڙ وڌو.

"ڇئبو ته ڏيهي جهان پرڏيهي جهان کان گهٽو پوئتي آهي؟" ميان محمد ملوڪ جي پڪي ٽنول وزير صاحب کي سنڌ تي مڙهيل ٻٽي نظام جي رٽ وانگر سمجهه ۾ نه آئي يا نر جاڻو هو.

"اها سوچ اجائي..." وزير صاحب ايترو ڳالهايو ته ڪا پدمٽي پکيءَ وانگر قدرتي لباس ۾ ٻڇڪ ٻڇڪان ڪندي ٽري ۾ آئس ڪيوب گلاس ۽ بوتل ٽيبل تي رکي.

"ماٺهوءَ جي لچڪ ماٺهوءَ جي من ۾ خوشيءَ جو ولاس وکيري ڇڏيندي آهي." ميان صاحب ڳالهايو.

" دور ٻيو آهي پر نصاب ساڳيو آهي!" وزير صاحب پدمٽيءَ جو اپياس ٿي ڪيو.

وزير صاحب کي ڏندي آڱريون نه آئيون. ڏندي آڱريون اچنس به ته ڇالاءِ! ڏند ته ڪيترن سالن کان لباڙي اتحادين جي مرچ مصالحي وارين دعوتن ۾ ڪتا ٿيل هئس، باٿهون ته ڪيترا سال اڳ دادو-مورو پل جي افتتاح وقت ايشياءَ جي ماڊل ڊڪٽيٽر ضياءَ کي هار پارائڻ وقت وڃائي ڇڏيون هئائين.

پدمٽي ساڳي لڪ برابر لوڏ سان سامهون بيٺل هئي.

"وائيگرا ۽ Rough Tiger آنديون اٿم PIB اچو ته ڪنيو وڄجو!" وزير جو لهجو وڪريل هو.

"PIB ڇو؟" ميان صاحب مختصر پڇيو.

"ماٺهو ٻالڪجتيءَ ۾ ماٺيل رنگن جا ماڳ ڳاٽ ڪٽي ٿو وساري سگهي؟"

پدمٽي گهڙي ڪن ٻيهي پرتي وئي هلي، ساڳي گهڙيءَ ۾ لڪ برابر لوڏ ڏيڻ Cat Walk ڪندي ڊراءِ فروٽ ۽ نمڪو جي ٽري سان موٽي آئي.

ميان صاحب ڪراڪلي ٽوپي لاهي ڳنجي ٽڪڻ تي آڱريون ڦيرائڻ لڳو ۽ اکيون پوري ڇڏيائين جڻ خيالن خيالن ۾ ڪوهستان جي جڙي ٻوٽين جا ماٽيل لمحا ياد ٿي پيس ڊرائينگ ۾ لونگ جون تيز روشنيون سندس ٽڪڻ ۽ پدمٽيءَ جي بدن تي ترڪيون پئي.

"اقتدار جو هماءِ پکي سدائين ڪونه هوندو آهي سانجهي اچي وئي اٿو ڪجهه ڌرتيءَ تي پرک جي اک رکو." ميان صاحب جون اکيون ڪوهستان جي پهاڙ جي ڪنهن بند چر وانگر هيون.

هن گهڙيءَ کن لاءِ اکيون پٽي وري بند ڪري ڳالهايو، "سنڌ جو ڪوهستان سپر هائي-وي کان هليو ته وڃي چاندڪا پرڳڻي کي پاڪر ۾ ڪندو آهي، پهاڙ ته جنم پومي کان سڌ پند تي اٿو؟"

"جي!؟" وزير صاحب وائڙپ مان جي ڪئي. ميان صاحب کيس سمجهايو، "جنهن سون ورني ڌرتيءَ جي ڪک ۾ منديري پتاشو ۽ ٻڙ جو ڪير هجي اتي وائيگر ۽ Rough Tiger جي ڪهڙي ضرورت!؟ ڳالهه آهي پرک ڪرڻ جي." ميان صاحب اکيون پٽيندي سامهون بيٺل پدمڙيءَ کي ڏٺو.

ميان محمد ملوڪ جڏهن فور ويل ڊبل ڪئبن ۾ ٻن وانن سان ڊفينس هائوسنگ سوسائٽي واري ڪڏا مارڪيٽ يا ڪلفٽن پارڪ ٽاور ويندو آهي ته ڪيترا ماٺهو سندس ظاهري گيٽ اپ ڏسي ادب ۽ احترام وچان مٿس ڳاهٽ اچي ٿيندا آهن. عام خاص ته ڇڏيو پر خواجه سراءِ فقير تاڙيون وڄائيندا نچندا ٽرڪندا وٽس اچي دعائون وٺندا آهن. هڪ خواجه سراءِ فقير ته کيس لڙڪ وهائيندي ٻڌايو هئس ته کي چورا ڪار ۾ ڪنيي ڪٽي ڪيترا ڏينهن تشدد ڪري زخمي ڪري وڏائون ۽ ڏندو نپ ٿي ويو آهي.

ميان صاحب همدردي ڪري وڏي شيرواڻيءَ مان کيس پنجين جو سڪو ڏيئي دعا لاءِ چيس، "هيڏي وڏي جيپ اجان ڪهڙي دعا ٿيندي شيدي ڊرائيور ته ڳڏ اٿئي!" فقير جي پوڳ تي ميان صاحب ۽ سنڌ س وانئا هڪا ٻڪا ٿي ويا. پوءِ اهو فقير ميان صاحب جو مرادونڌو پانڌيڙو ٿي پيو. خيابان شهباز خيابان هلال ۽ فارم هائوس تي وڃڻ لڳو ۽ ميان صاحب کي ور ور ڪري دعوت ڪرڻ جو چوندو هو.

"فقير، دعوتون ته روز آهن تون ڪا خاص ڪندي ڇا؟"

"بلڪل خاص نرالي! ڪڪڙ، مڇيون، تلور، آڙيون ۽ پڳل تتر ته روز ٿو رهڙين آئون جليبين جي دعوت ڪندس." فقير وراڻيو.

"جليبين جو دعوت!؟"

ميان صاحب جو لهجو حيرت جو پراسرار ڪوهستان بڻيل هو.

"ميان تون هوندي گرم تڙڪندڙ ڪٽڃي آئون تو مٿان جليبين جهڙا وٽ ڏيندس!"

فقير چيلهه کي لوڏي تاڙي وڄائي هنن کي جليبين ٽاهيندڙن وانگر ڦيرو ٿي ڏنو.

ميان صاحب جڏهن پنهنجي روايتي گيٽ اپ ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ شهباز بلڊنگ ويندو آهي ته وزير، سيڪريٽري متاثر ٿي کيس وڏي عزت ۽ مان ڏيندا آهن پر پوءِ ٻن ٽن ملاقاتن ۾ جڏهن پنهنجي فطرت جو پاندو پاڻ وائکو ڪندو آهي ته هو کيس پاڻ کان وڏيڪ رنگين سنگين سمجهي هاضمي ۽ قوت باهه وڌائڻ جون ڦڪيون ۽ ٽڪيون وٺڻ لاءِ فارم هائوس تي لامارو ڏيندا آهن ۽ فارم هائوس جي واٽر بيڊن ۽ عام پلنگن جا ٽڙڪا ۽ لوڏا وڏي ويندا آهن. هونئن ته سپر هائي-وي گڏاپ ڪوهستان جي فارم هائوسز لاءِ پربت اليڪٽران ميڊيا ۾ چوبول مشهوري پر ميان صاحب پنهنجي فارم هائوس جو پاڻ وات وکيل ۽ وڄندڙ دهل.

انهيءَ ڏينهن ڪوهستان جي ميدانن ۽ پهاڙن تي ميهونگي هوائن ۾ وڻ ٻوٽا پينگهو ٽيل هئا ۽ وڻن جا پن ڪنهن سار جيان اڏامي وڪريا پئي. تڏهن ماه پارا چيگڙين سان ڪوسٽر سجائي اچي فارم هائوس تي لٿي، ماه پارا زندگيءَ جي ڇهين ڏاڪي ۾ هئي پر وقت جي خزان سندس سونهن تي پيلاڻ وکيري نه سگهي هئي، هوءَ ڪيترن ورهين کان شهر جي ماٺهن کي فطرت جا رنگ ڏيکارڻ لاءِ فارم هائوس تي ڏتاري وني ايندي هئي. ميان محمد ملوڪ تي الائجي ڪهڙو جادو ڪيو هئائين جو سندس چاهه چلولائيءَ ۾ ٻيءَ ڏانهن اتفاقي نگاهه کي حرام سمجهندو آهي. ميان صاحب الاڻي ڪيترن ماٺهن کي ٻڌايو آهي ته ابو ڌهبي جي شيخن ۽ ماه پارا جي هڪ 'يا حبيبي حيا حيا' سان ماٺهن جي ڪلهي تي اقتدار جو سايو پوندو آهي ماه پارا جڏهن به ڊبل چال سان فارم هائوس تي لهندي آهي تڏهن ميان صاحب جي پيرن مان ڏانوڻ نڪري ماه پارا جي غريب پراڻي عاشق بيوس ملازم جي پيرن ۾ پئجي ويندا آهن- ميان صاحب اڪثر ماه پارا کي فارم هائوس کان باهر پهاڙن جي وچ مان گذرندڙ نئين تي ٻڌرايل پل تي وني گرلائي ڳالهيون ڪندو آهي،هو اڪثر ساڳيو جملو ورجائيندو آهي.

"تنهنجو حسن هن قدرتي نئين وانگر آهي جو نه

رڳو قدرتي نظارن کي معنيٰ تو بخشي پر جابلو ہوٽين کي اندر ۾ اوتڻ جو اتساهه تو ڏئي!“

”سدائين ساڳيون ڳالهيون ساڳيو جملو؟“ ماه پارا چاڳ نخري وچان وراڻيو.

”ماکيءَ جي مک جي يونءَ يونءَ ڪڏهن پراڻي ٿي؟“

موٽ ۾ ماه پارا جاچپ پهاڙتي وسندڙ بارش جهڙي وسڪار لائي ڏيندا آهن ۽ ميان صاحب جو پهاڙ جهڙو گرم وجود ڳري پوندو آهي. فارم هائوس تي لٽل جوڙن مان ڪي نوان آيل هئا ته ڪي هڪ ٻه ڀيرو اڳ ۾ به آيل هئا. هو سڀ ميان صاحب جو ظاهري گيٽ اپ ڏسي پنهنجي محرومين ۽ مرادن لاءِ ورد وظيفا ونڻ لڳا.

ماه پارا ڪنهن هڪ چيڳڙيءَ لاءِ ميان صاحب کي ليلائيندي چيو.

”هن جي عمر چوويهه سال اچي ٿي آهي ڪيترا رشتا ڳالهيون ڪريو موٽيو ٿا وڃن!“

ميان محمد ملوڪ ڪنڌ ڏوٽي ها ته ڪئي پر اکين جي بيقرار اسرارن مان وراڻيو،

”جي سڀ گهر تڙيون ٿينديون ته پوءِ تنهنجي مسند تي ڪير ويهي پکي چڳرائي ٻولرائيندو؟“

چيڳڙا، چيڳڙيون، باغ باغيچا، مور ڊيل وانگر ٽلندا ٿهڪو ڪندا سوئمنگ پول تي وڃي بئنچن تي ويٺا . ماه پارا ۽ ميان محمد ملوڪ ٿورو پرڀرو پينگهي ۾ ويٺل هئا آسمان تي بادلن ستارن سان لڪ لڪوٽي ٿي ڪئي سرچ لائيٽ جي روشني پول جي چليل پاڻيءَ سان ٻُجهه ٿي ڪيا.

”ستارا تنهنجي ٽڪڻ مان وار ڳولهڻ لاءِ ايريا آهن!“ ماه پارا خماريل چاڳ سان سرٻاٽ ڪيو.

”ستارا توڙي چوڏهينءَ جو چنڊ هميشه ٻاهريان وار ڏسندا آهن. لڪيل ڳجها وار هميشه پارڪو اک ڏسندي آهي اهڙا وار جي ريزر ۽ پائوڊر ڪريم کان رهجو وڃن.“

ميان محمد ملوڪ جو لهجو پاڻيءَ مان نڪتل پلي ۽ گانگٽ جي دم جهڙو هو. هن لسي ٽڪڻ تي هٿ ڦيريو.

”پارکو اک غريب جي حسرت ته ڳولهي!؟“ ميان صاحب جي پراڻي هجائتي ملازم حسرت وچان ڳالهايو جو وڻ جي اوٽ ۾ ويٺل هو ميان صاحب غريب نامراد ملازم کي هڪ دفعي ماه پارا جي ڪنهن پرائيويٽ بس سروس ملازمت ڪرڻ جو ٻڌايو هو تڏهين ملازم ٽڏو ساهه ڪٽي چيو هو، تڏهين آئون ڪتي هوس کهڙن رستن تي ڏوڙ ٿي پاتم خبر هجيم ها ته انهيءَ بس سروس جون سيٽون ته ڇا پر ٽائر به چمان ها ۽ بس جي شيشن ۾ پنهنجي حسرت لهان ها!

ماه پارا مرڪي پينگهي کي ڏوڏيو ته غريب نامراد عاشق جي دل کي جهٻو اچي ويو.

ميان صاحب ڪو جواب ڏي ان کان اڳ ڪوهستان جي ڪونجن جهڙو ڪرڪو ڪنن ۾ پيس.

”آ—ن—تي— آنٽي! چورا پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندا!“

ماه پارا جو الڪو ڪجلين اکڙين ۾ ميگهه جهڙي ريکا ناهي ويو. ڳل جي لالاڻ تي راڪيٽ جي دونهين جهڙيون ڳار ناهي ويو. ميان محمد ملوڪ ڏوهيڙي جي انداز ۾ ڪيس دلاسو ڏنو.

”وهاٽا ٽپنديون پٽراٽيون ٿينديون ماڙين تي پسار ڪنديون ڪبوتر جهٽينديون!“

ماه پارا هئي ته لنديون لتاڙيل ستن سمنڊن جو ڪارو پاڻي پيتل ’وهاٽو ٽيڻ‘ وارو محاورو هن لاءِ چڻ ڪوهستان جو اٽانگو پٻ هو. ميان ملوڪ سندس پريشاني ۽ الڪو پرکيندي چيو.

”تو به ڪڏهن وهاٽا ٽپي هئينءَ پٽراٽي ٿيئنءَ ۽ ماڙيون ٽپي ماڳ ماٽيو هو!“

مينهو ڳي هوائن تي وڻ ٽڻ پينگهو ٽيل هئا. ٿوهر جا ننڍڙا ننڍڙا ڳاڙها گل پتنگن جيان اڏريا پئي. ٻڙ جي قديم وڻ تاڙين جهڙو ڪڙڪو ٿي ڪيو. ٻڙ جي وڻ مان ڪير ڳوها ڪري ڳڙيو ٿي يا نه پر ميان صاحب جي رڳن ۾ تاهڙ گهوڙي جهڙو سهڪو هو.

”آ— ن—تي— آنٽي چورا ٻوڙي مارينداٻڏي مرنديونسين!“

سوئمنگ پول تان ڇورين جو ڪرڪو عطر ٻڙي وانگر سندن حواسن ۾ واسجي ويو. چيڳڙا آسمان جي وشالتا ماڻ ۾ هئا هنن جي رڳن ۾ آسمان جهڙيون جهڙاليون لٽل هيون. آسمان جي وشالتا ماڻ جو موهه خمار گهٽو ڪري جوڀن رت ۾ آرس پيچندو آهي مور ڊيلن جهڙو ٿهوڪو ڪندو آهي. وجود جي هڪ ديوار ڪان ٻي ديوارتي اڏري چپن جي پڊر تي ٽڙندو نچندو آهي. پر ائين به ناهي ته وشالتا ماڻ جو خمار رڳو جوڀن رت ۾ آرس پيچي اهو موهه عمر جي لڪيرن جو قيدي پيدي نه ٿيندو آهي ڪا نهار ڪو چاڳ آسماني وشالتا کي پاڪر ۾ ڪري ونندو آهي انهيءَ ويلي زندگيءَ تي لٽل سانجهي بنسنت جي پرڀات محسوس ٿيندي آهي.

”!O bloody rascal“ ڏڪو نه ڏجان ٻڏي مرنديس!“

ڪونج ڪرڪي جهڙو سڏ وراڪو ۽ پاڻيءَ ۾ ڪرڻ جهڙو شپڪو چوڏس پڙاڏجي ويو. ميان محمد ملوڪ مٿن ڪان بيٺل زيتون، چڪون، ناريل ۽ پام جي وڻن کي حسرت وچان ڏنو ۽ پوءِ هٿ ڊگهو ڪري زيتون جي ٽاري پٽي نڪ تي رکي چڏي.

”عام باغ باغيچن ۾ ٻارهين مهيني ميوو ۽ عدن ۾ سدائين ميوو!“

ماه پارا جي مک تي گهڙي ڪن لاءِ مرڪ ڊوڙي آئي ۽ پينگهي ۾ لڳل آرسيءَ ۾ پنهنجو پاڻ پسايو. ڏڏڪيل پينگهو ڪيس مڙي ويل زندگيءَ ڏانهن ڪٽي ويو. چاليهارو سال اڳ ڪنهن آڙي ڪاپ آنٽيءَ سان ميان صاحب وٽ طارق روڊ واري ٿاڪ تي مرادوندي ٿي آئي هئي تڏهن طارق روڊ تي اڄ وارو چلڪو نه هو البته لبرٽي مارڪيٽ ۽ لبرٽي هوٽل هوندي هئي، ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ مارڪيٽون هيون اڪثر پلاٽ خالي پيل هوندا هئا. PECHS سوسائٽي محدود هئي ٿورو پرڀرو جهيل پارڪ جهيل ڪوٺي هوندي هئي جتي انساني نفس سرڻ ڳجهن جهڙو نونگو هٽندي هئي.

”مراد پوري ٿيڻ ۾ وقت لڳندو!“ پهرين نهار ۾ ميان صاحب جي اندر مان گند نڪتو ۽ سندس جسم تي سرٽيون ۽ ڳجهون لٽل هيون.

”ڪيترو وقت لڳندو؟“ آڙي ڪاپ آنٽيءَ پڇيو.

”مراد اک ڇنڀ ۾ ڪنڀ نڪرڻ وقت ماٽي ونبي آهي يا پوءِ پوياڙيءَ جي پاڇن تائين پوري نه ٿيندي آهي!“

## ذوالفقار گاڏهي

### غزل

سنڌ جي سينڌ ۾ مٽي آهي
پنهنجي شهرن جي اڄ ڦٽي آهي
نيڻ آلا رڳو ڏسون وينا
رت ٻُڏو گهر ٻڏي گهٽي آهي
پنهنجي سڄڻن ٻڏي ڏنو ٻُوهي
ڳالهه پٽ تي پئي چٽي آهي
پنهنجي حسرت جي حد رهي ناهي
مَلهَه دشمن ڪئي ٻٽي آهي
لاش ڳٽجن يا گهاءُ ڪ ڳٽجن
هيءَ موسم وڏي پِٽي آهي.

تڏهن تنهن وقت ميان صاحب جي سونهاري ۾ مٽي جا ڪجهه وار ماه پارا کي اوڏيل ڪاري چادريءَ جهڙا نيور هئا. آڙي ڪاپ آنٽي، ماه پارا کي ميان صاحب جي گس لاءِ ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي ڪوڙڪي هنئي. ماه پارا اڪيلي سر اڪيلي سر مراد ماڻڻ لاءِ ميان صاحب وٽ ايندي هئي ۽ هو ڪيس ڏتاري چيل ڪوٺي جهيل پارڪ پسار ڪرڻ لاءِ وٺي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ايلفي صدر ايڪسيسلر ۽ رانا شبانه ڪلبز ۾ روزگار ڪنهن پرائيوٽ بس سروس ۾ هئس جتي ڪيترن ئي مسافرن سان وسطا ٿيس. جن ڪيس واٽ وندر سمجهي پنهنجن پنهنجن منزلن تي لهي ويا. گهر واري پرچائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا پر ميان صاحب جي دولاب ڪورٽ مان آزاد ڪرائي ڇڏيس . ميان صاحب ڪيس فلاحي ادارو قائم ڪري ڏنو. پلائيءَ جي نالي ۾ ڪيترا اند ڏند ٿيا.

آ_ ن_ تي _ آنٽي ٻڏي مرنديو سين سين- سين!

پول تان پڙاڏيل ڪرڪي ماه پارا جي زندگيءَ جو اولڙو پينگهي جي آرسيءَ تان هٽائي ڇڏيو. پينگهي جي ننڍڙي آرسيءَ ۾ سندس زندگيءَ جو ڊگهو پنڌ ڪٽي پي ايري سگهيو. ماه پارا الڪي وچان ڪوهستان جي اگهميل آسمان ۾ وڃ وراڪي جهڙي نهار وڌي.

”ڇوريون ڪڏهن پاڻيءَ ۾ ڪونه لٿيون آهن ٻڏي نه مرن!“ ماه پارا جي ڪجلين اکڙين ڪان الڪو لڪو نه ٿيو.

”Dame it ڪڏهن پاڻيءَ ۾ ڪونه لٿيون!؟“ ميان صاحب ٺٺول وچان ماه پارا جا لفظ ورجايا ظاهر ۾ سندس لهجو ٿو هر هو پر چپن جي اوٽ ۾ ڪنيئيءَ جهڙو نرم ڳرنڊڙ هو. ماه پارا خاموش پراسرار پٻ بنيل هئي. ڪٽي دور پهاڙن پوٺن تي ڪنوڻ ڪنوين. ميان صاحب ماه پارا کي خاموش ڏسي ڳالهايو.

”ڪراچيءَ جي ساحل ۽ رستن تي ڏور به اوڏا سپرين ويجهي ۽ پري ڪان ڪپڙا آلا ٿيو وڃن هوائن ۾ لوهه سان ڳڏ جسم زنگجيو وڃن پاڻيءَ ڪان اڳ بڪني لهيو وڃي.“ ميان محمد ملوڪ جي مک تي مرڪ جو ولاس وڪريل هو. ماه پارا هئنڊ بئگ مان برش ڪڍي پنهنجا اڏ ڪٽيل وار سنوارڻ لڳي.

”منهنجين آڱرين ڪان برش ڪنگي جو ڪم وٺ!“ ماه پارا مرڪي گهور وڌس گهورندي ميان صاحب شوخ ٿي پيو اکين ۾ جهمپير جي تاڙيءَ جو خمار لهي آيس.

”هل ته سک جو ساهه کڻون!“

ماه پارا پينگهي جهڙو شور ليٽ ڪار جهڙو ڏڏکو ڏئي ۽ وڪون کٽي الڪي وچان پول ڏانهن نهار وڌي. پينگهي جهڙو ڏڏکو ڪنهن ڪنهن جو هوندو آهي ۽ ڏڏکي ۾ چاڳ مان ته گهٽيون ٿيون هلن پر هي ڏڏکو اٽلي اهو ڪاريگر اهو ڪارب ئي لڏي ويو. ميان صاحب جي احساسن ڳالهايو .

”ڪونه ٿيون ٻڌن پاڻ مرادو ڪنهن ڪناري وڃي رسنديون چورن جا هٿ ٻانهون ونجهن جهڙا مضبوط آهن!“

ميان صاحب جون ٻانهون گهوڙي جي لغام وانگر مٿس وريل هنيون. ناريل ۽ زيتون ۽ بادام جي وڏين لامن هيٺ مثالي عاليشان ڇپر هيٺ کٽ تي ٽڪ جي رلي ۽ ٽڪ جا وهاڻا سجايل هئا. آسمان تي ستارن بادلن سان لڪ لڪوٽي ٿي ڪئي.

”بلب اجهائي ڇڏ اکيون ڪيريون پيون ٿين!“ ماه پارا اڌ ڪٽيل وارن جي لٽ مک تان هٽائي ٻانهن ۾ ڪيل جرڪندڙ سونين چوڙين کي ڏسي چپ چوريا. بلب ته اجهامي ويا پر جهڙالي آسمان تي ڪجهه نظر ايندڙ ستارا ليئا پائي رام ڪهاڻي ٿي ورجائي. ماه پارا جي اکڙين ۾ ڪوهستان جون جهڙاليون لٿل هنيون توڙي جو ڪوهستان جو سنسار سندس لاءِ نئون نه هو، ستارن جي لاٽ هن لاءِ رستو ٺاهي ڇڏيو جهڙاليون سرهي سيج تي پيس هوءِ فارم هائوس کان ٻاهر پهاڙن جي وچ مان گذرندڙ نئين واري پل تي ويٺل هئي. ميان صاحب ڪامين کان جابلو ٻوٽيون تي ڳولهرائيون ڪوهستان جي غريب مالوندن پاڻ جهڙا ڏٻرا ڍور ٿي چاريا.

”ڪوهستان جون نيون ورلي وهنديون آهن باقي ساهه واري جو موهه سدائين تار ڇليل!“

تڏهن ميان صاحب پريان مست پاڏي کي رنيندي ڏسي چيو هو.

”تلور وانگر رات جي جهڙالين ۾ ڪٿي پئي اڏرين؟“

ميان صاحب جي سرٻاٽ ۽ پري کان ڪنوندڙ ڪنوڻ ڪيس عرش تان ڪٽ تي موٽائي آندو.

”نئين وهي آئي هوندي ڪنيون ڦٽنديون ماڻهو گاهه ٻاجهر ۽ مڪائي کاهيندا؟“

”نئين ورلي وهندي آهي باقي سرير جو ڏڏکو سدا ئين تار ٻوڙٻوڙان.“

”ٻنان وسڪاري جي؟“ ماه پارا مرڪندي پڇيو.

”ڪجلين اکڙين تي ماڻهو درياءَ جهڙو پلٽو هٽندو آهي.“ ساهن جي وڪريل سرهاڻ ۾ ميان صاحب رکي ڳالهايو.

”ڪنيين سان گڏ جڙي ٻوٽيون موڪ ٿينديون آهن ۽ پهاڙ جهڙا پوڙها ماڻهو جوانيءَ ڏانهن موٽ ڪائيندا آهن، ڪوهستاني مڪئي ۽ ٻاجهر جا سنگ وڏا ٿيندا آهن.“

”ڪيترا وڏا؟“

تنهنجن هٿن جي آڱرين کان وڏا“ ميان صاحب ماه پارا جي هٿن جون آڱريون پنهنجن آڱرين ۾ ڦٻائيندي وراڻيو.

”منهنجي قد کان وڏا؟“ ماه پارا کي يوڳ لڳو.

”سونهن جو قد مد ڪٿ ڪرڻ جو ماپو اڃان ته ڪير جوڙي نه سگهيو آهي!“ ■



## مصطفيٰ انڙ

چا ته غزل جو رنگ ٽڙيو آ تنهنجي ٺهڪن سان
هئه هئه ڪا هُبڪار اُٿي آ، جوڳڻ جوين ماڻ
ساجن سامهون سنبري پهتو، انگ انگ سُرهو آه
ڪارا، ڪجرا، نيڻ ڏنگن تا ڪاڻ اچا ڪجهه ڪاڻ
سينڌ چُمن ٿا ڪوڙا ستارا، چنڊ لڳي ٿو ڦول
چوٽيءَ ۾ ڪو چمڪو ٿيو آ، جذبن ۾ مانداڻ
او البيليٰ ! ناز نه ڪر تون نازڪ دل هي آه
نيٽن مان پل سپنا سارا، آڳر تي اڄ چاڻ
ڪا به ڪٿوري مشڪ نه عنبر کهڙي پيٽ ڏجي
پاڪر ۾ جا خوشبوءِ آهي ساهن ۾ سُرهاڻ
هيل چپن سان ڇهنديون پائي، سارا ڦٽ اُڪيل
ڪوسي تئي تي هيل مکڻ جو ڪوئي چاٽو آڻ
نس نس ۾ ڪا اڳ ٻري ٿي، آءُ هلي پريات
ڪاري رات! سدائين مونسان تنهنجي چو چڪتاڻ
اوجاڳن جو انت نه ڪوئي، ننڊ رکي وئي آهي
مورک سارا خواب سدائين اکڙين ڪان اٿاڻ

زندگي جا معاملا منهنجا پرين
ڏور ٿيندا فاصلا منهنجا پرين
جاڳ ۾ جلوه نوان، منهنجا پرين
اڄ چوان ٿو برملا، منهنجا پرين
ڪو نکورو بي بها اُڏمو اُٿي
اڄ نوان ڪي ڏي ڏٿا منهنجا پرين
چانڊنيءَ جا پير ٿا ميرا لڳن
چنڊ کي ميرا لَٿا، منهنجا پرين
هي جڳن کان خواب سارا منتظر
جڻ انگورن جا ڇڳا منهنجا پرين
هر طرف هبڪار جا قصا ٻُرن
زندگي چئي مرحبا منهنجا پرين
ٻاٽ ڪاريءَ سان اها ئي جنگ آ
روشنيءَ جا ترورا، منهنجا پرين
هير لئه ساڳيو نياپو ٿا ڇڏيون
ٺهڪڙائي ٺهڪڙا، منهنجا پرين
مُند آ ڳاڙهن چپن جهڙي مٺي
ساهه ۾ ايڏا نشا، منهنجا پرين
تون ازل جا انگ ٿو آجا ڪرين
ڪيئن بچندو مصطفيٰ، منهنجا پرين.

هُڳاءَ کي نوان ڪٽي هوا، ڇُهي وئي آهي
مدهم مدهم ڪا چانڊني لٿا، ڇُهي وئي آهي
نزاڪتن ۾ نازنين نهار ۾ نفيسڙي
اُفق جي گود ۾ سمهي سنجها، ڇُهي وئي آهي
هئي ڪا چنڊ جي گُڏي عجب عجب ڪا روشني
گهڙي گهڙي ڪانپوءِ ڳٽا، ڇُهي وئي آهي
اهو ئي انگ انگ کان اَلڳ الڳ پري پري
ڪا نفرتن پري هوا، ڇُهي وئي آهي
سَريرَ ۾ اچا اُهائي خواهشن جي جنگ آ
هينئن ۾ هيل پي به ٿي دفعا، ڇُهي وئي آهي
اڙي او مصطفيٰ ميان ڪمال جي ته ڳالهه آ
اسان جي ديد جا سچا نشا، ڇُهي وئي آهي

اسان جي ديد جا سچا نشا ، ڇُهي وئي آهي
اکين ۾ ڪي رکي خنجر تِکا ، ڇُهي وئي آهي
ازل جو آبشار هي اُٿيو آ آرسون پيحي
نهار ۾ نظر کي انتها، ڇُهي وئي آهي
هوا مٿان تون ساحلن مٿان پُڇڻ ۾ دير ڪئي
مسين ته لهر لهر جا مزا، ڇُهي وئي آهي
پُڇين ٿو چنڊ جو قصو چِٽو ڏسي تون داغ کي
پرين هي عشق جي مهر جفا، ڇُهي وئي آهي
وري به جاڳ جاڳ کي ڇٽي به ٿي وٽي به ٿي
وري به رات جي نئين ادا، ڇُهي وئي آهي
ڊگهيون ڊگهيون صراحيون ڪٽي جو رات آ پُڳي
رُباعي ڪا خيام جي نشا، ڇُهي وئي آهي
ڏسين ٿو مصطفيٰ اها ئي زندگيءَ جي ڊوڙ ڊڪ
صدين جا فاصلا ۽ مرحلا ، ڇُهي وئي آهي.

صدين جا فاصلا ۽ مرحلا، ڇُهي وئي آهي
اکين جي آمهون سامهون صفا، ڇُهي وئي آهي
اسان جي انگ انگ ۾ اُهائي پيچ ڊاهه آ
لڳي ٿو روح جا ڳيا ڳيا، ڇُهي وئي آهي
جڏهن به چاهتن جا ڪي نشان تا ڦٽي پون
ڪنوارڙا کي خواب جاڳ ڪا، ڇُهي وئي آهي
جڏهن به چيٽ ۾ نوان نکورا چنڊ تا ڪڙن
اُهائي چانڊني بدن سچا، ڇُهي وئي آهي
جڏهن اي مصطفيٰ ازل کان آجپي جو سوال ٿيو
وري به سوچ کي نئين غفا، ڇُهي وئي آهي.

## تخت جا سوداگر

جا مات صدين جي هئي ڏس ڪيئن ٿا ڊوڙائن
ڇهرن جي مٿان چنبڙيل هي پوش ٿا هٽائن
هٿڙن جي اشارن سان اڄ بُرج ٿا ڪيرائن
ڪا ڳالهه نئين آهي نغما به نوان آهن

هو سڌ پڙاڏو ڪو ڀرپور اُٿيو آهي،
ڪو جيءَ جڏو توڙي معذور اُٿيو آهي
ڪو ڏيان ڇڪائيندڙ دستور اُٿيو آهي
سولي ڏکي رهي آ، منصور اُٿيو آهي
هي شور ٻڌائي ٿو نئون تورُ اُٿيو آهي
سڀ سورَ ڇُٽي ويندا ناسورَ ڇُٽي ويندا
هي ٻورَ ٻڌائن ٿا انگور ڦُٽي ويندا

اڄ ڪيئي ڪٺڙن ۾ هي بُتَ ڪڙا آهن
پيا چپ ٿا ڦڙڪائن گونگا هي چا ڳالهائن

هي وقت جا سوداگر اڄ ڏڏا آهن
هي تخت جا سوداگر اڳرين جا گڏا آهن.






انور شيخ

ڳوٺ 'گهر پنهنجا.' ان ڪري سڏجن ۽ ووٽر لسٽن ۾ بہ لکجن جو هن ڳوٺ ۾ سڀ غريبن جا گهر آهن. ڳوٺ ۾ ڪنهن بہ وڏيري جو گهر ڪونہ آهي. جنهن جي نالي تي ڳوٺ سڏجي. هن ڳوٺ جا هڙئي چار پنج گهر پنهنجا آهن. يعني غريبن جا. رڍون ۽ ٻڪريون چاريندڙ. ٻڪرين جي واڙ بہ سامهون چڱي خاصي اڳواڙي ڪانپوءِ مڙس ڪان ڏگهو لوڙهو چوڌاري ڏنل آهي. اڳواڙي ۾ بلڪل وچ تي گڏھ وارو جهلي پڪو لڳل آهي جنهن جي پکن وارن پيرن تي پراٽيون رلهيون پرن جيان ٽنگيل آهن. اونهاري جي مند واري شام جا پاڇا لڙي رهيا آهن. سڄي ڏينهن جي بيزار ڪندڙ گرميءَ ڪانپوءِ ماحول ۾ وڻندڙ تبديلي اچي رهي آهي. مَنهَہ جي پاڇي ۾ ڇڳل کٽ تي 60 سالن جو گل محمد حقو ڇڪي رهيو آهي، سندس وات ڪنهن مشيني انداز ۾ حرڪت ڪندي مقرر ٽائيم ۾ دونهون حقي مان ڪڍي بہ رهيو آهي تہ ڪڍي بہ رهيو آهي، سندس اکيون مال واري واڙ ۾ ڪتل آهن جتي 25 ڪن رڍون ۽ بہ ٻڪريون بيٺل آهن. گل محمد ماحول کان بي نياز سوچن ۾ گم آهي، هن جي اهڙي ڪيفيت کي سندس 15 سالن جو پٽ ڏٽي بخش ٽوڙي ٿو جيڪو سندس ڀرسان کٽ تي ويهندي چويس ٿو،

”هاٽي سياڻي پڪ اٿئي متان ٿري وڃين؟“

پٽ جي تيز آواز تي گل محمد خوابن واري ڪيفيت مان ڇرڪ ڀري حاضر ماحول ۾ موٽي اچي ٿو. پٽ جي منهن ۾ نهاريندي هلڪي ڏک گاڏڙ مرڪ منهن تي آڻيندي چوي ٿو،

”مان پاڻ اهو سوچي رهيو هيس تہ سياڻي کهڙيون رڍون پڙيءَ تي ڪٽي هلون، جيڪي چار ڏوڪڙ چڱيرڙا ڪن.“

”پوءِ ڇا سوچيہ؟“ سندس پٽ اميد ڀري آواز ۾ ڪيس چيو.

”هيانءُ نہ لاھ سياڻي پڪ هلنداسين.“

گل محمد پٽ کي پڪ ڏيندي چيو تہ وري حقي مان گرڙات ڪڍندي سوچن ۾ گم ٿي ويو، هو سوچي ٿو،

”سڄي عمر جو ثمر اهو هڪڙو ٻچڙو ئي تہ آهي، مان ۽ هوران ٻئي مڙھ قبر ۾ پير لاٽيون ويٺا آهيون، سڄي ڄمار پيٽ تي پٿر رکياسون پوءِ بہ ڪمايوسين اهي 25 رڍون ۽ ٻہ ٻڪريون، انهيءَ مال چاريءَ مان جيڪي محل مان جوڙايا سو هاٽي ڏٽي بخش جوڙائيندو، ٻہ اکر جيڪڏهن هن کي پڙهائي وڏا مانس تہ ڪٿي ڪا هلڪي سلکي نوڪري ملي پونديس ۽ زندگي آجي ٿي ويندس، مال جي وهنوار واري جو کي مان. پر مان ڇا ڪيان ملڪ ۾ ٿاپر هئي تہ مڙيئي ڏکيا سکيا 9 درجا پڙهي پيو. هاٽي راڄوٽي جهيڙن تہ هاڻ ڪڍي وڏا آهن پاڻ کان پري روز شهر ڪيئن موڪليائنس... ڪتا وتن ٿا هر هند نوس نوس ڪندا. ڪٿي ڪو ٻاهوڙ نہ ڏئي وجهيس. نہ.نہ. خدا خير ڪندو ڪهڙيون ٿو وايون ويٺو ڪيان ابتيون سبتيون. اجايو پيو سوچيان.“

گل محمد اهڙي خيال تي پاڻ کي پاڻ پٽيو. خيالن مان آجو ٿي پٽ ڏانهن نهاريائين، جيڪو هينئر واڙ ۾ رڍن کي گاھ ڏئي رهيو آهي. پٽ جي سونهن ۽ نئين جوانيءَ واري جهلڪ کيس عجيب ڪيفيت جو احساس ڏياريو. هو سوچي ٿو،

”ڏهون درجو پاس ڪري تہ شادي ڪرايانس.“

شاديءَ جي خيال اچڻ تي پنهنجي زال هوران ڏانهن نهاريائين، جيڪا گهر جي مَنهَہ جي ڀرسان چانوَ ۾ کٽ تي رلهي کي ٽوپو ڏئي رهي هئي. هن هوران کي سڏ ڪيو،

”سوٽ هيڏانهن اچ.“ هوران رلهي کي کٽ تي رکندي هن ڏانهن آئي.

”ڇا هي حقو ناهي ڏيانءِ ڇا؟“

”اڙي حقي ۾ وجھ ڌوڙ. ويھ تہ جهَٽَ ڀَر ۾ منهنجي ڪراڙي ڪونجڙي.“

هوران جي منهن تي مڙس جو شوخائپ وارو گفتگو مستيءَ واري مرڪ آڻي ٿو، پر سندس ساٽو ٽيل چهرو گهڻو وقت انهي مُرڪ کي برقرار نہ رکي سگهيو.

هوران چپ چاپ سندس ڀرسان ويٺي. ۽ مڙس جي منهن ۾ نهاريندي چيو،

”ڇَڻُ؟“

”ڏنوءَ (ڏٽي بخش) واري مڱيندي تہ هاٽي جوان ٿي وئي هوندي؟“ گل محمد پڇيو.

”ڇو تو ڪونهي ڏٺي ڇا؟“ هوران موٺ ۾ ڪانئس پڇيو.

”اڙي مان بہ ڏٺي آهي. پر تون کان پڪ لاءِ ٿو پڇان؟“

”جوان ڇو ڪونهي، مون کي تہ ماڻس بہ ٽي دفعا منهن لائي چيو آهي تہ پنهنجي ٻانهہ وٺو. پر تنهنجا خيال آهن الائي ڪٿي. مان بہ پئي هيل نہ پَرُ جا آسرا ڏيانَ.“

”چڱو، چڱو. خدا خير ڪندو. باقي بہ تہ ڳالهہ آهي سال هڪ جي. پٿهين پل 10 پاس ڪري تہ پوءِ موڙ ٻڌي گهوٽ ڪرڻ ۾ دير ڪونہ ڪبي. تون پلي اها پڪ اديءَ وارن کي ڏيئي ڇڏ.“

گل محمد حقو ڇڪي رهيو آهي. هوران ڏرتيءَ تي نهاريندي مايوسيءَ ۽ ڪروڌ واري آواز ۾ مڙس کي چوي ٿي،

”اهي پاڙپٽيا جهيڙا ملڪ مان ويندا جو منهنجو پٽ 10 پاس ڪندو؟“

گل محمد اهڙي جواب تي ڏڪارو ۽ مايوس ٿي ويو،

”10 ضرور پاس ڪندو. مان سوچيو آهي تہ شهر ۾ ماستر محمد خان جي گهر ۾ ڇڏيانس تہ اتي اسڪول بہ ڀرسان اٿس. ماستر سان پراڻي جيءَ آهي. پر پوءِ بہ سياڻي رڍون وڪڻي ڏنوءَ کي ڪپڙا، ڪتاب ۽ سال جو خرچ ماستر جي ٻلي ڪيو ايندس. هڪ سال پٽ پري رهندو تہ مري ڪونہ ويندا سين. الله ڀلي ڪندو. تيستائين لُڙَ بہ لهي ويندا. پوءِ هيڪاندا ٿي گهوٽ بڻائي ڏنوءَ جون ويٺا خوشيون ڏسنداسين ۽ جيئنداسين.“

مڙس جي اهڙن ڳالهين تي هوران ڪجھ آٿت محسوس ڪري ٿي. پر پوءِ بہ انديشا ۽ انومان سندس مک تي چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

”...“

”ڏنو جا پيءُ الله ڪندو سڻائي ٿي پوندي. گهٽيون اڳ ڪٿيون نہ ڪر.“

شام جا پاڇا گهرا ٿيندا پئي ويا. هوران هاٽي رلهي ٽوپڻ جو خيال لاهي مَنهَہ جي پويان سکل ڇيٽا ڪٽڻ وئي تہ جيئن رات جي ماني تيار ڪري سگهي. هن هڪل ڪندي پٽ کي چيو،

”ڏنو، هاٽي رڍون ڏھ تہ مان ماني پچائي وٺان.“

”ڏنو جا پيءُ، اُٺي هاٽي گڏھ پکي ۾ ٻڌ تہ مان ڪٿون سوري رکان. پوءِ ماني کائو.“

گل محمد کٽ تان اٿي اڱڻ ۾ ٻٻر جي وڻ سان ٻڌل گڏھ کي ڇوڙي پکي ۾ ٻڌو. هوران ڪٿون سوري پکي جي هيٺان رکيون. ايتري ۾ ڏٽي بخش بہ ڪير جي گها گهر کٽي ماءُ کي آڻي ڏني. ۽ پاڻ پيءُ سان گڏجي پکي هيٺان کٽ تي ويهي پيءُ سان چانورن جي اٽي جون ٽوٻيءَ تي پڪل مانيون ۽ ڪير سان گڏجي کائي ٿو.

”ڪير ڦِڪو اٿوَ. مٺائي (ڳڙ جي مٺائي) ڪپي وئي آهي ڇا؟ چڱو سياڻي شهر مان موٽندي وٺيو ايندس.“ گل محمد چيو.

ماني کائي ٽيئي ڄڻا سُمهي رهن ٿا. پر گل محمد جي خيالن جا سلسلا ڪيس وڻ-ويڙهي جيان ڪيس وڪوڙي ويا آهن. هن جون اکيون تہ بظاهر بند آهن پر دماغ ۾ خيال ڪيس سُئين جيان چُڀي رهيا آهن. هو سوچي ٿو،

”قيامت ويجهي آهي جو ماڻهن جا حال اهڙا ٿي ويا آهن. پنهنجي وهي گڏري ڪڏهن ائين نہ ٻڌوسين تہ مارن هڪڙا پلئو ٽين وري ٽين ڪان!! پنهنجو جهيڙي سان وڙ نہ واسطو. پر پوءِ بہ ساھ مٺ ۾ ڪيون ٿا وتون تہ متان ذات هڪڙي هئڻ ڪري ڪٿي انگ پورو ڪرڻ ۾ نہ پورجي وڃون. هاءِ ڙي الله تون ئي ڪا پنهنجن ٻانهن کي سمڪ ڏي. ڪا چڱي من ۾ وجهين. باقي ماڻهن جي سڌرڻ جا حال تہ ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿا اچن. ڇا آهي زمين جو ٽڪر ۽ ڪيترا مڙس مري ويا آهن. پر جي مرن ٿا تہ اهي مرن جن جو ان ۾ لهڻو. هِت تہ مرن ئي اهي ٿا جن جو حصو نہ پتي. ڪاٿون جو جهيڙو هليو آهي ڪٿي وڃي دنگ ڪيو اٿائين. اصل سڄو ملڪ ٻريو پيو آهي پنهنجا تہ ملائڪ بہ ڌرين کي ڪونہ سڃاڻين. پر ڪکڙن جيان ڪڏن ۾ لڪا ويٺا آهيون. مار پوي ان جهيڙي کي جي نہ هجي ها تہ منهنجو ڏنو هاٽي ڏھ پڙهي ويو هجي ها. ڪيترا ڏينهن ٽاريندو آيو آهيان پر آخر ڪيترا ڏينهن آسرن تي رهائيندو مانس. جهيڙو تہ ٽرڻ جو نالو ئي نہ ٿو وٺي. ٻئي ڏينهن هُلُ هو تہ پوليس جي وڏي آفيسر سردارن کي دڙڪو ڏنو آهي تہ جلد ٺاھ ڪرايو. پر اجان تائين ڪڙ تيل ڪو نہ نڪتو آهي. رڳو جهيڙو ٿاپر بجاءِ وڌندو پيو وڃي.

پوري جو ٽولو ٻنهي ڀيُرن پٽن کي گهليندو وٺي وڃي رهيو آهي، گل محمد ۽ سندس پٽ حياتيءَ لاءِ جاکوڙڻ جو آخري موقعو سمجهندي صفا هلڻ کان نابري واري ويهن ٿا. مسلسل رڙيون ڪندا رهن ٿا. ۽ پوري جو ٽولو کين پنهنجي ڳوٺ ڏانهن گهليندو هلي ٿو. ٽولي مان ٽڪ ۽ بيزاريءَ ڪري پورو ۽ ٻيا جوان ڪاوڙ ۾ ٽپي ٻاهه ٿي وڃن ٿا.

”اڙي، هنن ڪُتي جي پٽن کي اتي ئي ٿا پورو ڪريون.“

هڪ جٽي ڪليشن جو بُلٽ چڪيو ته ڳوٺ جي چڱي مڙس مٿانئن بندوق سِڌي ڪئي،

”خبردار. جو هنن کي منهنجي ڳوٺ ۾ ماريو اٿوَ.“

”سياڻو ٿي پرائي ٻاهه پنهنجي گهر ۾ نه وجهه.“ پوري تِکائي مان چيو.

”پرائي ٻاهه پنهنجي ئي گهر ۾ ته نٿو وجهان. هنن کي مارڻو اٿوَ ته ڳوٺ کان ٻاهر وڃي ماريو نه ته جهيڙو منهنجي ڳچيءَ ۾ پوندو.“ چڱو مڙس ڪيس وراڻي ٿو.

پورو ڪجھ لمحا ڏانهنس تڪيندو رهيو. پوءِ رائيفل هيٺ ڪندي ساٿين کي چيو،

”ٻاهر ڪيدي هلونَ.“

ٽولو ٻنهي ڀيُر پٽ کي مارڪُٽ ۽ گاريون گند ڏيندي ڳوٺ کان ٻاهر گهليندا هليا. هڪ جوان ڏٽي بخش کي گهليندي پوري کي چيو،

”اجايو خَفُو ڪرائيوءُ جتان ڪنيو هيوسين اتي چونه پورو ڪيوني؟“

”اتي نيڪال نه ڪري سگهون ها پنهنجو علائقو ڏور هو. ۽ هنن جو ڳوٺ ويجهو. بس هاڻي ڳوٺ ٽپي ميدان ۾ پنهنجي ڳوٺ واري ڏڳ وٽ پورو ٿا ڪيونَ.“ پوري کين سمجهايو.

”پوري جو ٽولو هنن کي گهليندو گاريون ڏيندو سندن ڳوٺ کان ٻاهر ٽپائي آيو. جتان پوري وارن جي علائقي ڏانهن رستو نڪتو ٿي.

گل محمد ۽ پٽهنس قنداقن جي ڌڪن ۽ گهلڻ ڪري ادمُئا ٿي چڪا هئا. پر پوءِ به گل محمد همت ڪندي اکيون کولي آسمان ڏانهن ڏٺو. سج اجان نه نڪتو هو. ڏٽي بخش اُٿي ويٺو ۽ پوري کي ٻانهون ٻڌندي چيائين،

”چاچا، مونکي ڪٽي ماريو. پر بابا کي ڇڏيو. اسان جو پويان امڙ ڪانسواءِ ڪوئي ڪونهي.“

”هل هتان ڪان رنَ...“

پوري جي گار ٻُڌي گل محمد سجدي ۾ ڪري پيو. ۽ سجدي کان اُٿڻ ۾ لنوائڻ لڳو.

”اڙي، ڪهڙي قيامت جو سجدو پيو وارين. اُٿي مٿي.“ پوري رڙ ڪئي. ۽ پوڙهي تي فائر ڪيو. موت ۾ ٻين چئن به ٻنهي ڀيُر پٽن تي گولين جو وسڪارو لائي ڇڏيو.

ٻنهيءَ ڄڻن جي موت بابت پڪ ڪرڻ ڪانپوءِ پوري پنهنجي ساٿين کان پڇيو،

”اڙي، ٻڌايو هاڻي گهٽا ٿيا؟“ جوانن منجهان هڪ جواب ڏنو،

”پورا، پورا چاليھ.“

”۽ پنهنجا گهٽا؟“

”پنهنجا به چاليھ.“

”چئبو ته ٽوٽل پورو ٿيو.“ سيني گڏجي ٺهڪ ڏنا. ■

# منٽو جا سؤ سال

**ڊاڪٽر رسول ميمڻ**

سنڌي ڳالھ آهي بشير منگيءَ جي ترجمو ڪيل ڪهاڻين معرفت زندگيءَ جا ٽيتاليھ سال گذاريندڙ منٽو جا سوَ سال ملهائجي رهيا آهن. منٽو 1912 ۾ پيدا ٿيو ۽ هاڻي 2012ع آهي. سوَ سال ڪو ورلي جيئندو آهي، اڪثر پهريون هليا ويندا آهن. منٽو سان گڏ جيڪي جايا ٿي سگهي ٿو جيئرا نه هجن پر منٽو موجود آهي.

ڪو وقت هيو ڪرشن چندر ۽ منٽو اردو ادب جا سڀ کان وڌيڪ پڙهيا ويندڙ اديب هيا. هاڻي ڪرشن چندر گهٽ نظر اچي ٿو پر منٽوءَ جو نانءُ گهٽن جي زبان تي آهي، ان حد تائين جو هڪ فوجي حڪمران ڪيس روشن خياليءَ جي علامت چئي طالبان خلاف سياسي استعمال ڪيو. ڪڏهن روشن خيالي فيشن ٿي پوندي آهي. ماڻهو روشن خياليءَ کي تمغن جيان سجائيندا آهن، ٿي سگهي ٿو انهن ائين سمجهيو هجي ته روشن خيالي تڏهن وجود ۾ ايندي آهي جڏهن ڪو 'اوندھ خيالي' ۾ مٽي بتي ٻاري لکندو آهي.

منٽو جي شايد ڪا اهڙي ڪهاڻي هجي جيڪا سنڌيءَ ۾ ترجمو نه ٿي هجي. منٽو مڪمل سنڌي ٿي چڪو آهي. تخليقڪار ۽ پڙهندڙ وچ ۾ ڪو به ترجمو ائين هوندو آهي جيئن سڪر ڪان لاڙڪاڻي ويندڙ روڊ، جيڪو سال ۾ ٻه دفعا ٺهندو آهي ۽ چار دفعا ڊهندو آهي.

مون پال ورلن کي فرانسيسيءَ ۾ پڙهيو. سمجھ ۾ نه آيو پر محسوس ڪيم ڄڻ چپن ۾ چنگ وڄندو هجي. سامهون ڪتاب جي ٻئي صفحي تي انگريزي ترجمو هيو، پڙهيم سمجھ ۾ ته آيو پر اها رواني ۽ ردم نه هيو. بشير منگيءَ به وس آهر ڪوشش ڪئي آهي ۽ منهنجي خيال ۾ هو انڪري ڪامياب ويو آهي جو اردوءَ مان ترجمو ڪرڻ آسان آهي. ٻين زبانن جي ڀيٽ ۾ اردو اسان جي در سامهون ڪڙي ڪلڻ جي انتظار ۾ آهي ۽ در جي وٿين مان ڏسجي رهي آهي.

دنيا جا سمنڊ مليل آهن پر انهن جا نالا الڳ آهن. ڪناري تي ماڻهن جا سمنڊ آهن، ڪي بحرالڪاحل آهن، ڪي بحرالجاهل آهن. قومون خطن سان سڃاتيون وينديون آهن. مذهبن ۽ زبانن سان نه.

ٻڙ جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ ڪتل آهن پر ان جون ڪجھ پاڙون هوا ۾ لڙڪي ڌرتي ڳولهين ٿيون. ڌرتيءَ جي اهميت ان ڪري آهي جو اها پير رکڻ ڏئي ٿي. هوا ۾ لڙڪڻ خودڪشي آهي. وڻ پاڙن سان ڳنڍيل هوندا آهن ۽ انسان ڌرتيءَ ۾ پوريل اَور سان. سنڌ جي سرزمين تي سرجندڙ نئون اردو ادب به واٽي تي بيٺل آهي. اهو نِسرجي سگهي ٿو پر ڪيس سنڌ جي واٽ وٺڻي پوندي. پاڪستان ۾ ڪامياب اردو ادب پنجاب جي خطي ۾ لکيو ويو آهي جنهن جو پسمنظر پنجاب جي ڌرتي آهي. پنجابي اديب پنهنجي زبان کي پوئتي رکي جيڪا اردو جي خدمت ڪئي آهي ان عيوض ڪيس پاڪستان پڻ نوازيو آهي.

منٽو جو تعلق به پنجاب سان آهي ۽ ان اردو زبان ۾ پنجابي ڪهاڻيون لکيون آهن. منٽو جي سڀ کان سٺي ڪهاڻي 'ٽوٻاٽيڪ سنگھ' آهي، ڇو جو اهو 'سنگھ' ئي آهي جيڪو هن جي اڪثر ڪهاڻين ۾ موجود نظر اچي ٿو. ٽوٻاٽيڪ سنگھ اها ڪهاڻي آهي جنهن ۾ جنس SEX جو عنصر نظر نه اچي ٿو، سواءِ سک پاران ٻن چئن گارين جي. باقي هن جون اڪثر ڪهاڻيون جنسي پسمنظر ۾ لکيل آهن. بلڪل ائين جيئن موپاسان جي ڪهاڻي نيڪلس جيڪا جنسي تذڪري ڪانسواءِ لکيل آهي، نه ته موپاسان منٽوءَ جو جنسي استاد آهي.

گڏيل پنجاب جي پسمنظر ۾ اردو ادب جا پير پختا آهن. راجندر سنگھ بيدي، احمد نديم قاسمي، اشفاق احمد، امرتا پريتم، بلونت سنگھ ۽ ٻيا. ان صورت ۾ ڪامياب اردو ادب لکي سگهيا جو انهن وٽ پنجاب جي ڌرتي هئي.

اردو مختصر ڪهاڻيءَ جي ابي پريم چند پنهنجي چوڌاري رهندڙ مظلوم انسانن جي ڏکن ۽ سورن کي پيش ڪيو آهي. ان جا ڪردار اتي سرجن ٿا جتي ان جنم ورتو. پريم چند ترقي پسند اردو ادب جو بڻ بنياد هندستان جي سرزمين کي بڻايو ان وقت جڏهن هندستان بدترين اقتصادي دور مان گذري رهيو هيو. برصغير ۾ اردو ادب جو پسمنظر آزاديءَ جي تحريڪ، اشتراڪيت جا نعرا ۽ نندي ڪنڌ جو ورهاڱو آهن. نندي ڪنڌ جي ورهاڱي برصغير جي ادب کي ايڏو ته متاثر ڪيو جو اهو تاريخ جو روپ ڌاري چڪو آهي. ڪرشن چندر جو 'غدار' ان دور جو اهڙو ناول آهي جيڪو ان سانحي جي جذباتي انداز ۾ تبليغ ڪري ٿو. منٽو مذهبي جنون جي زيراثر جنسي تشدد کي ڇرڪائيندڙ انداز ۾ پيش ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين جا نفسياتي اثر حيرت انگيز حدن کي ڇُهن ٿا. جنهن جا مثال هن جون ڪهاڻيون 'ٺنڊا گوشت' ۽ 'کول دو' آهن.

بشير منگيءَ جو ترجمو ساراهڻ جوڳو آهي. ڇو جو هو شاعر آهي ۽ شاعر وٽ لفظن جي کوٽ نه هوندي آهي. سنڌي زبان ۾ هيءُ ڪتاب ان ڪري اهم آهي ته ٻين زبانن جا اديب منٽو کي ياد ڪن يا نه، پر سنڌي اديب ان جي سوَ سال پورا ٿيڻ تي ڪيس هڪ ڪتاب ارپي ان جي مهورت جي صورت ۾ خراجِ تحسين پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن.

اسين مسلسل لکي رهيا آهيون. پوءِ اهو تخليقي ادب هجي، تحقيقي يا ترجما. سنڌي زبان کي فخر حاصل آهي ته ان جو پرنٽ ميڊيا پاڪستان جي سيني ٻولين کان وڌيڪ آهي.

باقي ايترو چوندس ته سنڌ ۾ معياري اردو ادب سرجي نه سگهيو آهي. اهو ختم ٿي رهيو آهي. انهن کي هن ڌرتيءَ جي ڳالھ ڪرڻي پوندي. مونکي اميد آهي ته ڪا اهڙي قرت العين حيدر ضرور پيدا ٿيندي جنهن جي اردو ناول جون پاڙون سنڌ ۾ کُتل هونديون ۽ سندس موضوع هن ڌرتي جا ڏک سور ۽ پوڳنائون هوندا. پوءِ پل ان ناول جو نالو 'آگ کا دريا' نه صحيح 'دريا کي آگ' ئي ڇو نه هجي.

*(20 ڊسمبر 2012 تي بشير منگيءَ جي ترجمو ڪيل منٽو جي ڪهاڻين جي مجموعي جي مهورت وقت پڙهيل)*



# آڻ هريا مَ هيرَ...

حسيب ڪانهيو

"هاڻي خدا حافظ سارا." حنا رڳو ايترو چيو ۽ فون بند ڪري ڇڏي.

منهنجي پيرن هيٺيان زمين نڪري ويئي، "ڇو؟" آئون فقط ايترو ئي اچاري سگهيس جو ڪال ئي ڪٽجي ويئي. مون ٻه چار ڀيرا تڙ تڪڙ ۾ حنا جو نمبر لڳايو پر حنا جو نمبر بند ٿي چڪو هو.

ان وقت صبح جا ساڍا ڏهه پئي ٿيا سو مون کي اهو سوچي ٻه ڏاڍي پريشاني ٿي پئي ته ان وقت حنا اڪثر پنهنجي گهر ۾ اڪيلي ئي هوندي آهي ڇاڪاڻ ته سندس پيءُ سرڪاري دفتر هليو ويندو آهي ۽ سندس ماءُ به پنهنجي پرائيوٽ اسڪول هلي ويندي آهي. مون هڪدم آصف کي ڪال ڪئي ۽ چيو، "مان حنا ڏي پئي وڃان."

"ڪجهه ترسين ها ته مان توکي ڇڏي اچان ها." آصف وراڻيو.

"نه نه، مان وڃان پئي بس." مون ائين چيو ۽ گهر کان ٻاهر نڪري ٽيڪسي تي رواني ٿي ويس.

ٽيڪسي ۾ ويٺي ويٺي مون کي ڏاڍي اُٽڪڻ ٿيڻ لڳي. سڄي واٽ اها دعا گهرندي رهيس ته خدا شل خير ڪري. آئون بار بار حنا جو نمبر به لڳائيندي رهيس، پر هن جو نمبر مسلسل بند ئي پيو هو.

حنا منهنجي ڪاليج واري دور جي دوست آهي، منهنجي، حنا ۽ رابعا جي ڪاليج ۾ پڪي دوستي هوندي هئي. اسان ٽيئي گڏ، هڪڙي ئي ڪلاس ۾ پڙهنديون هيون سين ۽ ويهنديون به گڏ ئي هيون سين. رابعا ڏاڍي شرارتي ڇوڪري هئي. ڏاڍي چالاڪ. پڙهڻ ۾ گهٽ ۽ شرارتن ۾ گهڻي دلچسپي هوندي هئس. گهٻرائيندي ته ٽپ ڪونه هئي. موڪل مهل ڪاليج جي دروازي تي جام سارا ڇوڪرا ٽنگيا بيٺا هوندا هئا، اسان ڇوڪريون هيٺ ڪنڌ ڪري چُپ چُپ وڃي رڪشا ۾ ويهي رهنديون هيوسين پر رابعا ڏاڍي بيباڪ هئي. اهڙن لنگورن کي ڇخي ئي نه ڪندي هئي. رابعا روز پئي هڪ نه ٻئي کي بيوقوف بڻائيندي هئي ۽ ٺهڪ ڏئي هڪ نه ٻئي تي پئي کلندي هئي. هن جي چهري تي اسان ڪڏهن اداسي نه ڏٺي، هُو سدائين مُرڪندي مُشڪندي ئي رهندي هئي. حنا اسان ٻنهي ۾، بلڪِ سڄي ڪلاس ۾ سڀ کان وڌيڪ سنجيده ڇوڪري هوندي هئي، هُونه ڪنهن سان گهڻو ڳالهائيندي هئي نه ئي ڪنهن سان هن جي عليڪ سليڪ هئي. هُن جي اسان سان به ڪا دوستي نه ٿيئي ها، جيڪڏهن هن جي جاءِ اسان سان گڏ نه هجي ها! هُو رڳو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندي هئي ۽ بس. پڙهائي ۾ ڏاڍي ذهين پر سوال پڇڻ جي عادت نه هوندي هئس، بس خاموش ئي ويٺي رهندي هئي. حنا ۾ مزاحمت جو مادو ڄڻ ته هو ئي ڪونه. هُوءَ ڪنهن کي ڪجهه به نه چوندي هئي. مون کي هن جي اها خامي لڳندي هئي. مون کي ياد آهي شروع شروع ۾ جڏهن هُوءَ پهرئين ڏينهن ڪاليج ۾ آئي هئي ته ان ڏينهن ئي هن جي طبيعت کي سمجهندي ڪاليج جي ٻين ڇوڪرين ڪيس ٽوڪ جو نشانو بڻايو. مون کي ياد آهي، ان ڏينهن هاف ٽائيم ۾ جڏهن سڀ ڇوڪريون ڪينٽين ۾ شور مچائي ويٺيون هيون ۽ حنا ويچاري ڏاڍي اوپري اوپري لڳي رهي هئي ته ڪينٽين جي اندر ويٺل ڇوڪرين ڪيس آواز ڏئي پاڻ وٽ سڏيو هو ۽ ڪيس پاڻ وٽ گهرائي پرسان ويهڻ جي لاءِ چيو هو. انهن ڇوڪرين مان هڪڙي ڪيس ويهڻ جي لاءِ ڪرسي ڏني هئي، پر حنا ويچاري جيئن ئي ويهڻ واري ٿي ته ٻي شرارتي ڇوڪري ڪرسي هٽائي ڇڏي هئي ۽ اهڙي طرح حنا ويچاري هيٺ ڪري پئي هئي ۽ سيئي ڇوڪريون ٽهڪ ڏئي مٿس کلڻ لڳي ويون هيون. آئون ۽ رابعا انهن کان ٿورو پريرو ٻاهر اهو سڄو لقاءُ ڏسي رهيون هيون سين، سو اسان کي ڇوڪرين جي اهڙي حرڪت تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. هيٺ ڪري پوڻ کان پوءِ حنا ڏاڍي ڦڪي ڦڪي ٿي هئي پر پوءِ به هن ڪنهن به ڇوڪري کي ڪجهه به نه چيو. ۽ ٻاهر نڪرڻ لڳي هئي. مون رابعا کي چيو هو، "ويچاري صفا سادي آهي." پر رابعا وراڻيو، "صفا احمق آهي." مون چيو، "وڏي صابرين آهي." پر رابعا چيو، "وڏي بزُدل آهي."

بهرحال، اسان کي مٿس ڏاڍو رحم آيو سو اسان ڪيس سڏيو ۽ پاڻ سان گڏيو ۽ پوءِ بس ان کان پوءِ اسان جي دوست ٿي ويئي. اسان سان گڏ هاڻي رابعا هئي سو مجال هو جو ڪا ٻي ڇوڪري ڪا شرارت ڪري سگهي! رابعا ڏاڍي شرارتي طبيعت جي هوندي هئي ۽ حنا ڏاڍي خاموش طبيعت. پر آئون وچولي طبيعت جي هئس، سو منهنجو رابعا توڙي حنا ٻنهي سان سُٺو وقت گذريو پئي. مون کي جڏهن به اداسي ٿيندي هئي تڏهن رابعا ڏي نهاريندي هئس. رابعا جو چهرو ئي اهڙو هوندو هو جو بس ڏسندي ئي منهن تي مُرڪ تري ايندي هئي. رابعا اداسين جو حل هوندي هئي ۽ حنا اداسين جي ماءُ! آئون انهن ٻنهي جي وچ ۾ ويهندي هئس. اسان جي هلندي هلندي ڏاڍي گهاٽي دوستي ٿي ويئي. سچ پچ ته ڪا خبر ئي نه پئي ته ڪاليج وارا ڏينهن ڪيڏي تيزي سان آيا ۽ گذري ويا. وقت جو احساس آخري الوداعي پارٽي ۾ وڃي ٿيو جو سيئي هڪٻئي کي ڀرهاڪڙي پائي روئي پيون سين. ان ڏينهن ته ويندي ويندي رابعا جون به اکيون آليون ٿي پيون هيون.

ڪاليج ۾ ته روز پيو ملبو هو ۽ ڪچهريون پيون ٿينديون هيون پر ڪاليج کان وڇڙيون سين ته موبائل تائين ئي محدود ٿي رهجي ويون سين. ڪاليج کان پوءِ منهنجي ته جلد ئي مائٽن شادي ڪرائي ڇڏي، باقي رابعا جا ياڳ هئا ڀلا سو هُو هاڻي يونيورسٽي ۾ پڙهي رهي هئي. هن جون حرڪتون اهي ئي ساڳيون هيون. ان کان پوءِ حنا ويچاري نه اڳتي پڙهي سگهي نه ئي وري ڪو ان جي شادي ئي ٿي سگهي، ڪاليج کان پوءِ حنا رڳو پنهنجي گهر تائين ئي محدود ٿي رهجي ويئي. اسان ٽنهي جو شهر ساڳيو ئي هو پر پوءِ به ملڻ ڪڏهن قضائين قسمتين ئي ٿيندو هو. ڪاليج کان پوءِ ڪاليج واريون ڪچهريون نه رهيون. رابعا کي يونيورسٽي ۾ آخري سال هو، وقت وري به تمام گهڻو گذري چڪو هو، مون کي ٻه ٻار ٿي چڪا هئا، منهنجي زندگي به ٺيڪ گذري رهي هئي، منهنجي شادي ٿي ته مائٽن جي مرضي سان هئي پر آصف ڏاڍو بهترين ماڻهو هو سو

مون کي زندگي کان ڪا بہ شڪوه شڪايت نہ هئي، رابعا کي تہ هوندئن ئي ڪا پرواهہ نہ هئي. هُو تہ هر وقت رڳو هشاش بشاش ئي رهندي هئي پر اسان جي سڀ کان وڌيڪ سنجيده رهندڙ دوست حنا ڪجهہ عرصي کان ڏاڍي رنجيده رهڻ لڳي هئي. مون ڪائنس گهڻو ئي اداسائي جو سبب بہ پڇيو هو پر هن مون کي ڪجهہ بہ نہ ٻُڌايو. هر ڀيري رڳو ائين ئي چوندي هئي، "بس ڏاڍي بيچيني آهي. بي سبب ڪا اداسي آهي." چوندي هئي، "خبر ناهي ڇا آهي سارا، مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي، طبيعت ۾ ڏاڍي چِڙ ڪاهي پئي آهي. دل چوندي آهي تہ هر شيءِ کي ٽوڙي مروڙي ڇڏيان. مان تہ هاڻي مما سان بہ وڙهي پوندي آهيان ٿوري ٿوري ڳالهہ تي. مان ڇا ڪيان مون کي ڪنهن جو ڳالهائڻ وڻي ئي نٿو بس. بس الائي ڇو ڏاڍي الجهن ٿي رهي. دل تي ڏاڍو بوجهہ ٿو محسوس ٿئي مون کي. مان هلڪي ٿيڻ ٿي چاهيان سارا. هوا کان بہ هلڪي."

هُو گذريل ڪجهہ عرصي کان اهڙيون ۽ اهڙي ئي قسم جون کي ڳالهيون ڪندي رهندي هئي پر مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو هو. مان کيس هر ڀيري اهو ئي چوندي هئس تہ، "چري، جيءُ آهي تہ جهان آهي، منهنجي مڃ تہ ڪنهن سُٺي ڊاڪٽر کي پنهنجي طبيعت وجي ڏيکار."

"مون کي ڪو زڪام بخار ناهي جو وجي ڊاڪٽر کي ڏيکاريان." هو چوندي هئي، "ڇا وڃي چوان ڊاڪٽر کي تہ مان ڏاڍي اداس آهيان. مون کي ڏاڍي بيچيني ٿي رهي." هُو چوندي هئي، "اها تہ ڪا بيماري ناهي. ۽ جيڪڏهن اها ڪا بيماري آهي تہ پوءِ اداسي ۽ بيچيني جي لاءِ ڪهڙي گوري ۽ ڪهڙي دوا پاڳل. ان مرض جو تہ ڪوئي علاج ناهي سارا."

"اڙي يار، هر مرض جو علاج آهي، تون وڃ تہ سهي."

مون هن کي ڪيئي ڀيرا ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ جي لاءِ زور ڀريو پر هن منهنجي هڪ بہ نہ ٻُڌي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن ڊاڪٽر وٽ نہ ويئي، بس پوءِ اهڙي طرح ڏينهون ڏينهن ويئي وڌيڪ بيچين ٿيندي ۽ مونجهارن ۾ ڦاسندي.

مون ڪائنس گهڻو ئي ورائي ورائي پڇيو هو پر شايد تہ هن کي خود کي بہ ڪو پتو پئجي نہ سگهيو هو تہ کيس آهستي آهستي ڇا ٿيندو ٿي ويو.

بهرحال، ڪجهہ ڏينهن اڳي جڏهن صبح سوير سوير جو اوچتو ئي اوچتو حنا جي ڪال آئي ۽ هن مون کي فقط ايترو چيو تہ، "هاڻي خدا حافظ سارا." تہ سچ پچ مون کي ڏاڍي پريشاني ٿي پئي.

آئون ٽيڪسي واري کي، 'ٿورو جلدي، ٿورو جلدي.' ڪندي ڪندي جلد ئي حنا جي گهر تائين پهچي ويس. گهر جو دروازو کليل هو. مان آهستي آهستي اندر داخل ٿيس. گهر ۾ ڏاڍي خاموشي لڳي پئي هئي. موت جهڙي خاموشي. مون کي ڏاڍي مونجهہ ٿيڻ لڳي. جيئن جيئن اڳتي وڌندي ٿي ويس، منهنجا پير ڳرا ٿيندا ٿي ويا. آئون آهستي آهستي هلندي وراندي تائين پهچي ويس. حنا جو ڪمرو ڪچن جي پاسي ۾ هو سو آئون هاڻي دل ئي دل ۾ 'الله الله' ڪندي ان طرف وڌڻ لڳيس.

ڪمري جي دروازي کان پهرين دري هئي. مون ڪمري جي دري وٽ بيهي ڊڄي ڊڄي ڏکي ڪنبي اندر نهاريو. مون ڏٺو، ڪمري جي ڇت واري پکي جي هيٺ هڪڙو اسٽول رکيل هو. رئي جو هڪ پلاند ڇت واري پکي ۾ ٻڌل هو ۽ ٻيو پلاند اسٽول تي بيٺي بيٺي حنا پنهنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌي رهي هئي.

"پاڳل آهين ڇا تون." مون هڪ دم دروازو کوليو ۽ حنا کي ٻانهن کان پڪڙي اسٽول تان لاٿم. مون اسٽول کي پنهنجي پوري طاقت سان لت هڻي هيٺ ڪيرائي ڇڏيو ۽ حنا کي ڳرهاٽڙي وجهي بيڊ تي ويهاريم. حنا کان اوچنگار نڪري وئي ۽ انهي اوچنگار سان گڏ سندس اکيون سمنڊ ٿي اٿلي پيون. آئون ڪافي دير تائين کيس سنڀاليندي رهيس پر هُوءَ ڪافي دير تائين ٿڙڪندي رهي ۽ سڏڪندي رهي، ۽ چوندي رهي، "مون کي مرڻ ڏي سارا... مون کي مرڻ ڏي سارا." اها تہ مون کي بہ خبر هئي تہ هُو ڪافي ڏينهن کان ذهني ڇڪتاڻ جو شڪار هئي پر مون کي اهو سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ اڄ آخر اهڙي ڪهڙي نوبت اچي ويئي جو هن مور ڳو زندگي مان ئي جان ڇڏائڻ جي پئي ڪئي.

نيٺ سڏڪي سڏڪي جڏهن صفا ساڻي ٿي پئي ۽ خاموش ٿي ويئي تہ مون کي گهڙيون صبر ڪري ڪائنس سبب پڇيو، "ڇا ڳالهہ آهي حنا؟" پڇيم، "يار توسان ڪير وڙهيو آهي؟"

حنا ڪو بہ جواب نہ ڏنو. منهنجي وري ورجائي پڇڻ تي هن فقط نهڪر ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

"تہ پوءِ آخر اهڙو ڇا ٿيو آهي حنا؟"

منهنجي انهي سوال تي حنا وري سڏڪي پئي.

آئون وري ڪجهہ دير کيس آٿتون ڏيندي رهيس. پوءِ وري کيس چيم، "ڏس حنا، مان تہ تنهنجي دوست آهيان نہ." سندس ڄاڙي تي هٿ رکندي کيس چيم، "ڏس تون مون کي ٻُڌاءِ پليز." حنا هاڻي منهنجي هنج ۾ هئي ۽ آئون سندس وارن ۾ آڱريون ڦيري رهي هيس.

حنا ڪجهہ گهڙيون خاموش رهي پنهنجي پاڻ تي قابو پاتو ۽ پوءِ هن پنهنجا هٿ مليندي آهستي آهستي سربستي ڳالهہ شروع ڪئي. "سارا،" هُوءَ ڪجهہ ترسي وري ڳالهائڻ لڳي، "توکي تہ خبر ئي آهي تہ مان ڪافي ڏينهن کان منتل ۽ ڏاڍي بيچين هيس."

"ها، تون فون تي جو ٻُڌائيندي هئين مون کي." مون کي دل ئي دل ۾ هاڻي اهو خوف ورائڻ لڳو تہ شايد متان حنا ڪنهن وڏي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو آهي ۽ انهي ئي کيس ڪا اهڙي خطري واري خبر ٻُڌائي آهي سو هن پنهنجو بهتر علاج خودڪُشي سمجهيو آهي. کيس چيم، "مون تہ توکي شروع ۾ ئي چيو هو تہ ڪنهن سُٺي ڊاڪٽر کي وڃي ڏيکار پر تو مڃيو ئي ڪونہ ٿي."

حنا تي منهنجي انهي ڳالهہ جو ڪوئي اثر نہ ٿيو. هن وراڻيو، "مان اهو سڀ ڪجهہ رابعا کي بہ ٻُڌائيندي ئي رهندي هيس حنا." مان ٻُڌي رهي هيس، هُوءَ ڪجهہ ترسي وراڻيو، "يار، ڪالهہ شام منهنجي طبيعت ڏاڍي خراب ٿي پئي هئي. مون کي ڪجهہ بہ نہ پئي وڻيو، ڏاڍي بيچيني، ڏاڍي اداسي هئي دل تي. مون توکي ڪال ڪئي پر تنهنجو نمبر بند هو سو مون وري رابعا کي ڪال ڪئي." حنا ڪجهہ ترسي ۽ وري ڳالهائڻ لڳي، "رابعا مون کي چيو، مان توکي ڊاڪٽر وٽ ٿي وٺي هلان، تون تيار ٿي وٺ."

مان چپ چاپ ٻُڌي رهي هيس. حنا وراڻي، "يار مان تہ تيار ٿيس ئي ڪانہ! بس جهڙي هيس تهڙي ئي ويٺي رهيس. رابعا پنهنجي وقت تي آئي ۽ امي ابو سان ڏاڍي گرمجوشي سان ملي ۽ مون کي چيائين، 'هل تہ هلون.'" مون کيس پريشان ٿيندي چيو، "يار، امي کي نہ ٻُڌائجان پليز."

" come on! يار پاڳل آهيان ڇا؟" پوءِ رابعا امي ابو کي چيو، "آنٽي مان ۽ حنا پنهنجي دوست سان ملڻ ٿيون وڃون. مان پاڻ ئي حنا کي واپس گهر ڇڏي وينديس."

"ٺيڪ آهي بابا ڀلي وڃو." مما اجازت ڏئي ڇڏي.

پوءِ رابعا مون کي پهرين تہ بيوٽي پارلر وٺي ويئي. مان حيران ٿي ويس. "يار هتي ڪهڙو ڊاڪٽر آهي؟" پڇيو مانس تہ وراڻي، "بس تون چپ ڪر."

هن مون کي تيار ڪيو ۽ پوءِ هو مون کي هوٽل تي وٺي ويئي. اسان اتي ماني کاڌي. پوءِ هُوءِ مون کي هڪ ڪمري ۾ وٺي آئي. مون کي اهو ڪمرو ڏاڍو اوپرو اوپرو پئي لڳو. مون کي ڏاڍي الجهن ٿيڻ لڳي. "يار ڊاڪٽر ڏي هلون." مون چيو.

"ڊاڪٽر هتي ئي هلي ايندو تون گهٻرائي نہ يار!" هُوءَ اتي ۽ فريزر منجهان بہ بوتلون ڪڍي آئي.

مان چپ چاپ ٻُڌي ئي رهي هيس. هُوءَ ڳالهائيندي ئي رهي. هن جون اکيون هڪڙي جاءِ تي ڄڻ تہ پٿرائجي ويون هيون. هن جا رڳو چپ ئي چُري رهيا هئا. "بس يار پوءِ انهن بوتلن ۾ الائي تہ ڇا هو جو بس پيئڻ سان ئي منهنجي اکين تي ڪيف طاري ٿيندو ويو. مان بس بي قابو ٿي صوفي تي ئي آهلجي پيس. ڪمري جي لائٽ جهيڪي ٿيندي ويئي. منهنجي تن بدن جي باهہ ويئي وڌندي. سارا آئون سڄي خمارجي ويس. منهنجا ڇپر ڳرا ٿيندا ويا. بس پوءِ ڪنهن پل ڊاڪٽر آيو ۽ منهنجو علاج شروع ٿي ويو. عجيب علاج هو سارا. جيڪو ڪجهہ بہ ٿي رهيو هو سو مون کي ڪڏهن گوارا ئي نہ ٿئي ها پر ان وقت تہ مان ڪا مزاحمت بہ نہ ڪري سگهيس ۽ سڀ ڪجهہ ٿي ويو. ڊاڪٽر پنهنجو ڪم تمام ڪري هليو ويو. پوءِ ڪنهن پل رابعا آئي. هن مون کي واشروم جو دروازو ڏيکاريو ۽ وراڻي، "جلدي وهنجي اچ تہ صفا هلڪي هلڪي محسوس ڪندين پاڻ کي."

مون ڪجهہ ئي نہ ڳالهايو. وهنجي آيس ۽ پوءِ رابعا مون کي منهنجي گهر ڇڏي واپس هلي ويئي. مان آيس ۽ ايندي ئي ڪمري ۾ وڃي بيڊ تي ليٽيس تہ مون کي اهڙي ننڊ اچي ويئي جو مون کي صُبح تائين ڪا خبر ئي نہ پئي.

حنا جو اهو ننڊ وارو جملو ٻُڌي مون کي ڏاڍي حيرت ٿي ڇاڪاڻ تہ هُوءَ اڪثر فون تي مون کي اهو بہ چوندي هئي، "يار مون کي تہ رات جو دير تائين ننڊ ئي نہ ايندي آهي! ٽي وي تي ويهي ويهي بور ٿي ويندي آهيان پر ڇا ڪريان ننڊ ايندي ئي ناهي."

حنا وراڻي، "سارا منهنجي جيئن ئي اک کلي آهي تہ هوش ايندي ئي مون کي خود کان ڏاڍي نفرت ٿيڻ لڳي آهي. مان سوچيان ٿي مون هي رات ڇا ڪري

چڏيو. مون انتهائي غلط ڪري ڇڏيو يار. مون تہ پنهنجو سڀ ڪجھ ختم ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي مان ڪهڙو منهن کڻي جيئري رهنديس يار. سچ پچ تہ مون کي ڏاڍي پشيماني ٿيڻ لڳي آهي. آئون خود کي ختم ڪري ڇڏينديس بس. آئون خودڪشي ڪري ڇڏينديس سارا.“ هُوءَ تڙپي پئي.

حنا جي اها ڳالھ ٻُڌي منهنجي اچرج جي انتها نہ رهي. مون کي ڪجھ سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ هاڻي ڪيئن ڪيان ۽ ڪيس ڪيئن سنڀاليان. هن جي ڳالھ ٻُڌي مون کي حيرت بہ ڏاڍي ٿي پر مون کي هاڻي اهو بہ خوف ورائي ويو تہ آئون جڏهن ويندس هلي تہ وري هُو ڪو اهڙو انتهائي قدم کڻي سگهي ٿي. منهنجي لاءِ ان وقت هن جي زندگي سڀ کان اهم هئي سو بس مون هن جي زندگي بچائڻ خاطر پنهنجي طريقي سان ڪيس مطمئن ڪندي چيو، ”يار ڏس تو ڪجھ بہ غلط ناهي ڪيو. ڪا ڳالھ ئي ناهي يار.“ مون ڪيس چيو، ”ڏس يار جيڪو ڪجھ بہ ٿيو ان ۾ تنهنجو ڪو بہ ڏوھ ناهي.“

”يار منهنجو ڏوھ آهي. مون کي مزاحمت ڪرڻ گهرجي ها. اوپري ڪمري ۾ ائين رهڻ ئي نہ گهرجي ها مون کي.“ حنا وراڻي.

”تون چپ ڪر ۽ منهنجي ڳالھ ٻُڌ.“ مون ڪيس مطمئن ڪرڻ جي لاءِ چيو، ”يار هاڻي ڏس تون پاڻ ئي ڪٿي سوچ، ڪو ماڻهو ڪيڏو بہ متقي پرهيزگار توڙي پاڪ صاف ڇو نہ هجي پر يار ان کي بہ جيڪڏهن مسجد جي اندر بہ ڏينهن زوري واڙي رکبو تہ اهو ظاهر آهي تہ اتي بہ گندگي ڪري وجهندو. پوءِ ڇا ان ۾ ان جو ڪو ڏوھ چئبو ڇا؟“ مون ڪيس سمجهائيندي چيو، ”تو ڪجھ بہ ناهي ڪيو. تون اهو سوچ ئي نہ. جيترو سوچيندين ايترو نقصان ۾ ويندين.“ مون دل ئي دل ۾ اها ڪوشش پئي ڪئي تہ ڪيس اهڙو آماده ڪري وڃان جو هُو اڪيلائي ۾ ڪو انتهائي قدم هرگز نہ کڻي. بس انهي ئي سوچ سان تہ هن سان جيڪو ڪجھ بہ ٿي ويو، تنهن سڀ ڪجھ کان پوءِ هن جو خودڪشي ڪري ڇڏڻ ان کان بہ وڏيڪ خراب عمل ٿيندو سو ڪيس پڪو ڪندي چيم، ”ڏس يار تون پاڻ ئي سوچ تہ جيڪڏهن تون شادي شده هجين ها تہ تو سان ائين هر گز نہ ٿئي ها. پر ڏس تون پاڻ ئي سوچ، پهرين تون خود ئي چوندي هئين تہ تو کي ننڊ ئي نٿي اچي رات پر. ۽ رات ڏس تہ تو کي ڪهڙي ننڊ اچي وئي. يار تون بس اهو ئي سمجھ تہ تو پنهنجو علاج ڪرايو آهي، ٻيو ڪجھ بہ نہ. علاج لاءِ تہ يار ڪجھ بہ حلال حرام يا غلط صحيح نہ ٿيندو آهي.“

مون پڪي تان رئو لاهي سندس ڳچيءَ ۾ وڌو ۽ ڪيس چيم، ”وڃ شاباس جلدي فريش ٿي اچ.“

هُن ڪجھ بہ نہ ڳالهايو، هُو چپ چاپ ئي رهي. پر هاڻي هن جي چُپ ۾ مون کي ڪجھ اطمينان نظر اچڻ لڳو. مون پنهنجو جملو ورجايو تہ هُن پاڻ سنڀاليو ۽ اٿي فريش ٿيڻ هلي وئي. آئون ايتري ۾ چانهہ ٺاهي آيس. هُوءِ جڏهن تيار ٿي آئي تہ مون هن جي چهري تي عجب جهڙي چمڪ ڏٺي. پوءِ اسان گڏجي چانهہ پيتي. مون ڳالھ جو موضوع ئي مٽائي ڇڏيو. مون هن سان ڪوڙ ساريون ٻيون ڳالهيون ڪيون. پوءِ اوچتو گهڙيال تي جو اک پيم تہ پتو پيو تہ ڪافي دير ٿي چڪي آهي. هاڻي تہ آصف بہ واپس ورڻ وارو هو آفيس مان ۽ ٻار بہ اسڪول مان واپس اچڻ وارا هئا، سو مون حنا کي پيار سان ڳلي لڳايو ۽ موڪلائڻ مهل وري بہ ورائي ورائي ڪيس چيم، ”ڏس تون يار ائين ئي سمجھ تہ تو پنهنجو علاج ئي ڪرايو آهي بس.“

آئون واپس هلي آيس. حنا سان جيڪو ڪجھ ٿيو سو مون کي واقعي بہ ڏاڍو خراب ئي لڳو پر جيڪڏهن آئون هن کي ٿورو بہ اهو احساس ڏياريان ها تہ هُو پڪ سان پنهنجي جان کي کنهن جو کي ۾ وجهي ڇڏي ها، سو مون ڪيس هر گز اهو احساس نہ ڏياريو پر ان جي برعڪس مون ڪيس پنهنجي ٻي طرح سان سمجهايو ۽ ڪيس جيئڻ جو حوصلو ڏنو، اهڙي طرح واپسي ۾ آئون ڏاڍي پُراطمينان هئس تہ مون هن جي زندگي بچائي ورتي. مون کي پڪ ٿي تہ هاڻي تہ حنا وري رابعا سان ائين ملڻ جي غلطي ڪڏهن بہ نہ ڪندي. مون کي رابعا جي نئين ٻهروپ ۽ خاص ڪري هن جيڪو ڪجھ معصوم حنا سان ڪيو ان تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. آئون گهر پهتس تہ گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويس. آصف آيو، ٻارڙا بہ خيرن سان اچي ويا پوءِ تہ بس اهڙو قابو ٿي ويس جو مون کان پنهنجو پاڻ ئي وسري ويو. واندي ٿيس تہ پهرين فرست ۾ رابعا کي فون ڪيم ۽ ڪيس خوب گهٽ وڌ ڳالهايم ۽ ڪيس چيم، ”جيڪڏهن هُو مري وڃي ها تہ مان تو کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيان ها.“ پر رابعا مون کي چيو، ”پهرين وري ڪهڙو جيءَ رهي هئي.“

مون رابعا کي چيو، ”مون حنا کي وڏي مُشڪل سان زندگي ڏي موٽايو آهي.“ مون ڪيس چيو، ”مان حنا کي اهو چئي مطمئن ڪري آئي آهيان تہ هُن سان جيڪو ڪجھ بہ ٿيو سو هُو پنهنجو علاج ئي سمجهي بس.“

رابعا تي منهنجي ڳالهين جو ڪو بہ خاص اثر نہ ٿيو، هن منهنجي ڳالھ ٻُڌي وراڻيو، ”هُن کي زندگي ڏي تو نہ، پر مون موٽايو آهي! ۽ ها، تو هُن کي درست ئي چيو آهي تہ اهو سندس علاج ئي هو.“ رابعا وراڻي، ”مون سندس علاج ئي تہ ڪرايو آهي.“

مون کي رابعا تي سخت ڪاوڙ اچڻ لڳي پر آخر تائين هن تي منهنجي ڪاوڙ جو ڪو بہ اثر نہ ٿي سگهيو نيٺ مون ڪال ڪٽي ڇڏي ۽ دل ۾ اهو طئي ڪيم تہ هاڻي ڪڏهن بہ رابعا کي فون نہ ڪنديس ۽ نہ ئي ساڻس ڪو واسطو بہ رکنديس. هُوءَ مون کي انتهائي خراب قسم جي ڇوڪري لڳي. مون ڪجھ دير ترسي حنا کي ڪال ڪئي، ۽ ڪانئس حال احوال ورتم. حنا مون کان ڪافي بهتر نموني سان ڳالهايو. مون کي پڪ ٿي وئي تہ هن پاڻ کي سنڀالي ورتو آهي سو دل ئي دل ۾ لک شڪر ڪيم.

پوءِ ڪجھ ڏينهن ائين ئي گذري ويا، نہ حنا ڪو پنهنجو حال ڏنو ۽ نہ ئي وري مون ڪو ساڻس رابطو ڪيو. پوءِ وري هفتي کن کان پوءِ هڪ ڏينهن شام جو ويني ويني بس ائين ئي مون کي حنا جو اونو ٿيڻ لڳو. سوچيم هفتو کن ٿي ويو آهي، هاڻي فون ڪري ڪا خبر چار تہ وٺانس. اهو سوچي مون ڪيس فون ڪئي. فون ڪيم تہ حنا جي امي کنئي ۽ وراڻي، ”حنا پنهنجو موبائل ئي تڪڙ ۾ گهر وساري هلي وئي آهي رابعا سان گڏ.“ ■

# نظم



## مارو جمالي

## چاهہ جا چڙا

ڪيئن ڪُلي ويا ڪيچل ۾
تنهنجي چوليءَ جا ٻيڙا
روڙي آئينءَ روهيڙا
منهنجي خاطر او مومل
جوين تنهنجو آ ململ
جيڪو چادر مان نہ لِڪيو
هاءِ اسان جو ساهہ سِڪيو
ڏسندي منهن تي موهيڙا
وينا هِن ڇڻ پلٽي ماريون
پر، ڪيئن ناريون
من ۾ آيل گيت غزل
وايون، بيت ۽ ڏوهيڙا
ڏوهيڙا جي نيڻن جيئن
من جا خط پچائن ٿا
ڪيئي راز ٻڌائن ٿا
جيڪي تون بہ تہ چاڻين ٿي
خوب جواني ماڻين ٿي
پوءِ آڻي
ڇپڙن تي ڪا مرڪ لڄاري
جيڪا ياري
ساري دنيا تي هوندي آ.

## ڪيچل

اسان جا نيڻ پوپٽ جيئن
گلن جي لئي سدا پتڪيا
وڃي اٽڪيا
اچانڪ هڪڙي مڪڙيءَ تي
اتي پوءِ پوئر جيئن پيرا
ڏئي ڦيرا، پئي پُٽڪيا
تڏهن چُٽڪيا
چڙا ڪنهن چاهہ جا من ۾
پرينءَ سان ناهہ جا من ۾
ٽڙيا گلڙا
مگر پوپٽ اڏامي ويا
پرين گل تي وڪامي ويا
مري ويا پوئر پوءِ سارا
تڏهن پوءِ نيڻ ٻئي ٻوٽي
تصورَ تي پچاياسين. ■




**بابا** هن جون ڳالهوين ٻڌي ڪنڌ ڌوڻي رهيو هو. مان پير سائين جي ايڏي وڏي سوچ ۽ سمجھ جو ٻڌي ٿبيءَ ۾ اچي ويو هوس، جو سڀ ڌريون سنڌس لاءِ ڪم ڪري رهيون هيون. محبت فقير ٿورو وقت ڳوٺ رهي ڪنگريءَ هليو ويو. پير سائينءَ جن زيارتن ڪرائڻ جي مقصد سان جڏهن اسان واري علائقي ڏانهن آيا ته پنهنجي بنگلي ۾ اچي قيام ڪيو هئائون. ان وقت مون به ٽي ميل اڳتي وڃي سندس زيارت ڪرڻ پئي گهري. مرشد سائين اتر کان هڪ ننڍڙي واهه جو انسپيڪشن پاٿ ڏئي، سڌو سنجهوري ڏانهن وڌي رهيا هئا، جيڪو ٻبر جي وڻن سان ڇانيل هو. ان جي هڪ پاسي سرڪاري بنگلو آهي. تنهن وقت ان ۾ نوابشاهه جو پوليس ليفٽيننٽ منزل ڪيو ويٺو هو. پير سائين جن پنهنجن مريدن ۽ خادمن جي وڏي اتالي سان جڏهن اچي اتان لنگهيا ته هي انگريز پوليس عملدار بنگلي جي ڇت تي چڙهي ڪيس ڏسڻ لڳو. چاڪاڻ ته واهه جي ٻنهي ڪنڌين سان هزارين مريد قطارون ڪري سندس انتظار ۾ بيٺا هئا ۽ منزل ڪرڻ کان پهريائين زيارت ۽ استقبال ڪرڻ جا خواهشمند هئا. پير سائينءَ جي قافلي اڳيان هلندڙ فقير جيڪي سائين جي غاليچي وڇائڻ ۽ رستي کي صاف ڪرڻ جي خدمت تي مامور هئا، تن جڏهن ڏٺو ته انگريز عملدار مٿي بنگلي جي ڇت تي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي، ته هو بنا ڌڙڪ جي مٿي هليا ويا ۽ ڪيس هيٺ لهڻ لاءِ آماده ڪيائون. مان اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هوس. مون کي ياد آهي ته ڪجھ وقت اڳ امڙ به مون کي اهڙيءَ ڳالھ تان ڇنڊ ڪدي هئي، ته پير سائين ڪنهن کي به پاڻ کان مٿي ڏسي ناراض ٿيندو آهي. سائين جي منزل تي مان انهن فقيرن کان پڇيو ته اوهان انگريز عملدار کي ڪهڙي طريقي سان هيٺ لهڻ تي راضي ڪري ورتو هو. هنن وراڻيو ته ان معاملي ۾ اسان کي ڪا به تڪليف پيش ڪانه آئي. اسان ساڻس نهايت نرميءَ سان ڳالهايو ۽ هن کي سڌو سنئون احوال ٻڌايوسون، جنهن تي هو چوڻ لڳو ته منهنجو مٿي ويهڻ جو مقصد پير صاحب ۽ سندس مريدن کي ناراض ڪرڻ نه آهي. مان پاڻ سندس منزل تي اچي ساڻس ملڻ چاهيان ٿو. ❶ پير سائين زيارتن ڪرائڻ جي مقصد سان هي دورو هاٿيءَ تي سوار ٿي ڪيو، جيڪو سندس هڪ دولتمند مريد کيس ڏن طور ڏنو هو. اهي ڳالهيون به ٻڌڻ ۾ اينديون هيون ته اڳئين پير سائين ٽر جي حڪمران راءِ صاحب کي پنهنجي طرفان ڪا سوکڙي موڪلي هئي، ان عيوض راءِ صاحب پير سائين کي پينديءَ جي پاڪڙيءَ سان پلو مهري اٺ موڪليو هو. ان ڪانپوءِ راءِ صاحب پير سائينءَ کي خالص جنس جو ڪاٺياواڙي پلو گهوڙو ڏنو هو، جيڪو اڳي ڏنل اٺ کان وڌيڪ قيمتي هو.

محبت فقير پنهنجي وعدي جو پڪو هو. هن هڪ منزل تي خاص اسان جي گهرياتين جي زيارت جي لاءِ پير سائينءَ کان اجازت ورتي هئي. ان وقت مرشد جي ڪچهريءَ ۾ محبت فقير ۽ ياروءَ نالي سندس دل پسند ڇوڪرو موجود هو، جنهن جون اکيون ڏاڍيون سهڻيون هيون. اسان جي گهر جون ٽئي عورتون شالن ۾ ويڙهيون سيڙهيون، تنبوءَ جي ڪنڊ ۾ بيٺيون هيون. ان وقت بابي مون کي دعا لاءِ سائينءَ آڏو پيش ڪيو ۽ محبت فقير چيو ته مرشد سائين هيءُ ڇوڪرو به پنهنجي مائٽن جيان جان نثار فقير ٿيڻ چاهي ٿو. مرشد سائينءَ جڏهن سندس سامهون غاليچي تي ويهڻ جو حڪم ڪيو ته مان سندس احترام خاطر پٽڪو لاهي پنهنجا پير ڍڪي ڇڏيا . هن پنهنجي رعبدار آواز سان مون کي چيو ته واه! سائينءَ ڏنو ته ڏاڍو پلو نالو آهي. اسان کي پنهنجن وڏڙن تنهنجي ڏاڏي سائين ڏني بابت ٻڌايو هو. شال سندس روح جنت ۾ هجي. واليڏني کي به اسان جنت جي خوشخبري ڏني آهي. هن دنيا ۾ هي اسان سان سچو رهيو آهي ته عقبيٰ ۾ به هو اسان جي ويجهو هوندو. اسان کي اجا به گهڻو ڪجھ ڪرڻو آهي، جنهن لاءِ سچن مريدن جي ضرورت آهي. تعريفن لاءِ فقط الله تعاليٰ آهي، پر اسان به سچن حرن کي سمجهي وٺندا آهيون. سو سائينءَ ڏنا ٻڌاءِ تنهنجي ڪهڙي خواهش آهي؟

مان سائينءَ جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي، اچرج ۾ پئجي ويو هوس ۽ هٻڪندي هٻڪندي عرض ڪيم، ”شل قربان ٿيان، منهنجو عرض آهي ته اوهان پنهنجي خدمت ۾ رکو.“

واهه مان به تو جهڙن سچن ماڻهن کي پنهنجو غازي ٻڻائي رهيو آهيان. محبت! تون ڪنهن مناسب موقعي تي هن جوان بابت مون کي ياد ڏيارجانءِ. سائين رکيا! توکي اسان جون دعائون آهن. ان ڪانپوءِ مان اٿي تنبوءَ پاسي سان وڃي بيٺس ۽ بعد ۾ ڇوڪريءَ جو ذڪر نڪتو جنهن جو هن کي شڪ هو. منهنجي ماءُ جيئنديءَ کي ٻانهن کان وٺي اوچتو اڳتي وڌي آئي ۽ مرشد سائينءَ کي ڪجھ چوڻ لڳي، جنهن ۾ ڪو ربط ئي نه هو. پوءِ هن جيئنديءَ جو اگهاڙو مٿو جهڪائي وڃي غاليچي تي پيو رهيو جيستائين پير سائين ڪيس قبول ڪرڻ جا لفظ نه چيا: ”چڱو اسان هن نادر خوبصورت شيءِ کي ضرور ڏسنداسون.“ جنهن تي منهنجي ماءُ جيئنديءَ کي اٿاري پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ دڙڪا ڏئي ڪيس شال لاهڻ لاءِ چيو. منهنجي ڀيڻ کي پرت پريل هڪ سنهڙو چولو ۽ ڳاڙهي رنگ جي پٽ جي سٿڻ پاتل هئي، جيڪا سونهن ۾ شهزادي لڳي رهي هئي. سندس منهن ۾ وقار هو ۽ وار ڪنوارين ڇوڪرين جيان ويڙهيل هئا ۽ پير صاحب آڏو الهڙ سونهن جيان بيٺي هئي. گهڙي ڪن لاءِ ماٺار ڇانئي رهي. ان وقت پير سائين سردار سندس سونهن کي جاچي پرکي رهيو هو ۽ آخر ۾ چيائين:

’نهايت شاندار، ڏيءَ مان تنهنجي ڏنل هيءَ سوغات قبول ڪئي. هن سوکڙيءَ بدلي اوهان تي خدا راضي ٿيندو. توهان جان نثار مريد آهيو. مناسب موقعي تي محبت فقير اوهان وٽ ايندو ۽ پوءِ هن سهڻيءَ ڇوڪريءَ

❶ ان وقت پوليس عملدار ايچ-اي-گلبرٽ هو، جنهن پڻ مون کي اطلاع ڏنو هو ته اهو واقعو ائين ئي هو جيئن هتي ٻڌايو ويو آهي.

ڪي سنوارجو ۽ سينگارجو. '

مان سمجهي چڪو هوس ته امان جي جيئنديءَ لاءِ کهڙي خواهش هئي، جيڪا هاڻي پوري ٿي وئي هئي. ڪيس پير سائينءَ جي اٽي ٽيڻ لاءِ تيار ڪيو پئي ويو. گهر پهچڻ ڪانپوءِ منهنجي ماءُ جيئنديءَ جي وارن ڪي منو تيل هنيو، اکين ۾ ڪجل وڌو ۽ سندس هٿن تي تازي ميندي لڳائي ۽ ڪيس هڪ نئين خوبصورت تجربي لاءِ تيار ڪري رهي هئي.

پير سائينءَ وٽان ان شام تائين ڪو به حڪم نه پهتو ۽ امڙ ڪي اچي اڌڪو لڳو. سندس ويچار هو ته سندس گهر ڪي اهڙيءَ عزت ملڻ ڪري ٻيا مريد ساڙ ۾ سڙي رک ٿي ويا آهن ۽ اسان جي خلاف سازش سٽڻ ۾ رُڌل هوندا. ڪيس اها به چنتا ٿي پئي ته دشمن مرشد سائين جا ڪن پريندا هوندا. ڪيس اهو به شڪ هو ته پير سائين تي ڇوڪري ياروءَ جو به وڏو اثر آهي تنهن ڪيس شراب پياري نشو ڏئي ڇڏيو هوندو ۽ ساري رات ڪيس اهو ونڊڪو لڳو رهيو. نئون سج اڀريو ته ڪيس نئون الڪو لڳو. بابا ڪيس دڙڪا ڏنا ۽ چيائينس ته، ”توکي ايمان نه آهي. تنهنجيون اهي پُڏيون ڳالهيون ٻڌي، ڇوڪريءَ ڪي ڳڻتي ورائي ويندي ۽ ملول ٿي ويندي ۽ سندس سونهن ۽ سوڀيا ۾ گهٽتائي اچي ويندي. خوشقسمتيءَ سان اسان جي اها ڳڻتي گهڻو وقت ڪانه هلي. هڪ شام جو محبت گهوڙي تي چڙهي آيو ۽ جيئنديءَ کي پاڻ سان ٻيله ويهاري وٺي ويو. ڪيترن ڏينهن تائين جيئندي گهر ڪانه آئي ۽ امان ايڏي خوش هئي جو ڪپڙن ۾ ڪانه ٿي ماپي.

پوريون چار راتيون، اها ڪا گهٽ ڳالهه ڪانه هئي. اسان کي شڪ هو ته ڪيس مستقل طور حرم ۾ رکيو ويندو ته ڪئٿ ناهي. پر اسان جا اهڙا آسرا ۽ اميدون گهٽيون نه هليون ۽ جيئندي پنجين ڏينهن موٽي آئي. هن سان گڏ پير سائينءَ جو ٻيو نوڪر هو جنهن اچڻ سان اسان کي مبارڪون ڏنيون ۽ جلدئي هليو ويو. توکي خبر آهي ته حرن ۾ اهو قاعدو نه آهي ته انٽيءَ کان حال احوال پڇجي. پر جيئنديءَ جي هلت چلت مان پائنجي رهيو هو ته سندس اهو تجربو شاندار رهيو آهي. سندس وڏائي ۽ آڪڙ امان ڪانسواءِ اسان سڀني کي چيڙائي ٻرُ ڪري ڇڏيو هو.

جيتري قدر منهنجو تعلق آهي ته مون کي به پنهنجي مقدر بابت چنتا لڳل هئي. چاڪاڻ ته مون کي پير سائين سردار جو غازي بنجڻو هو. اسان ٻڌو هو ته سائين پنهنجي ٽر جي اڳئين دوري ۾ بيشمار حُرن جا نالا لکيا هئا ۽ سندس فوجي سکيا لاءِ بندوبست ڪيو ويو هو. پير سائين اهڙن ماڻهن کي غازيءَ جي لقب سان سڏيندو هو. چاڪاڻ ته انهن پنهنجون جانيون ڇڻ وقف ڪري ڇڏيون هيون. مان ائين سمجهي رهيو هوس ته حرن جي اهڙي تنظيم ڪنهن خاص مقصد واسطي بنائي پئي وڃي، جنهن وسيلي ٿر ۽ مارواڙ جي هندو راجائن کي مجبور ڪيو ويندو ته پنهنجن ملڪن ۾ هو حرن ۽ ٻين مسلمانن سان سهٽي نموني پيش اچن. منهنجو پيءُ هن معاملي ۾ صفا چپ هو ۽ مون کي ڪجھ ٻڌائڻ لاءِ تيار نه هو. ان ڪري مان سانگهڙ جي نوجوان حرن کان پڇا ڳاڇا ڪندو رهيس. انهن ٻڌايو، ”نورو وساڻ ۽ ٻيو هڪ حر توکي غازي ٿيڻ بابت گهڻي معلومات ڏئي سگهندا. چاڪاڻ ته اهي حر جماعت ۾ اهم عهديدار آهن.“ مان سندن اهڙيون ڳالهيون ٻڌي مايوس ٿي ويس. پير سائينءَ کي پنهنجي وفاداري ڏيکارڻ لاءِ ته تيار هوس، پر نوري جي هيٺان رهي، سندس حڪمن مڃڻ لاءِ تيار نه هوس، جيڪو ڪجھ وقت اڳ بابي سان تڪرار ڪري چڪو هو. هن ماڻهوءَ صلاح ڏني، ”تون محبت جي ٽر کان موٽي اچڻ کان پوءِ ساڻس مشورو ڪر ۽ ڪانئس پڇ ته پير سائين سردار ڪڏهن دوري تي اُسري رهيو آهي.“

محبت جي هن وقت اهم حيثيت هئي ۽ پير سائين ڪيس محمود لغاريءَ کان به گهڻي عزت ڏيندو هو. جيڪو اڄايو سڄايو منهن ڏئي پنهنجي ڳوٺ لاڙ هليو ويو هو. محبت فقير غازي تنظيم جو مکيه عهديدار هو. جڏهن مون ڪيس غازي ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي ته هو خوش ٿيو ۽ چيائين ته، ”جڏهن هاڻي غازين جي نئين ڀرتي جي ضرورت پئي ته تنهنجو نالو ضرور لکيو ويندو.“ تنهن تي مون ڪانئس پڇيو ته پير سائين سکر ❶ ۾ ٿيندڙ فسادن کي منهن ڏيڻ لاءِ غازين جي ڀرتي نه ڪري رهيو آهي ۽ جيڪهن ائين آهي ته مان بلڪل تيار آهيان. منهنجي انهيءَ سوال جي جواب ۾ محبت چيو، ”نه! اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانه آهي.“ وڌيڪ چيائين، ”شايد تون انهن ڳالهين کان اڻ واقف آهين. هن لاءِ مان فقط ايترو چئي سگهان ٿو ته هي فساد اسيمبليءَ ۾ پارٽي اختلافن سان لاڳاپيل آهن. مسلم ليگ خداداد جي پارٽي کي ناڪام ڪرڻ ٿي چاهي، جنهن کي عام طور تي ”ڍڪڻ“ ❷ ڪري سڏيو ويندو آهي ۽ اهو هاڻي گذريل سال کان سنڌ جو وزيراعليٰ آهي. پير سائين سردار ليگ وارن کان نفرت ڪندو آهي، جنهن جو سندن سؤٽ به ميمبر آهي. ان ڪانسواءِ ٻي ڳالهه اها آهي ته حر مسلمانن جي اهڙيءَ ڪنهن پارٽيءَ ۾ شريڪ نه ٿيندا، جيڪا پير سائين ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ ناهي آهي. جن نفرت جوڳن ماڻهن پير سائين جي جيل ۾ هئڻ وقت ساڻس ملاقات ڪانه ڪئي، سي ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ به پنهنجي اها عزت ماڻي نه سگهندا. پير سائينءَ وٽ ڪانگريس لاءِ تمام گهڻي عزت آهي ۽ اهي به سندس تمام گهڻي عزت ڪندا آهن ۽ پنهنجي مقصد ماڻهن واسطي ڪيس مدد به ڪري سگهندا.“

محبت مون کي اڳي به ڪجھ ٻڌايو هو، جيڪو مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي. هن ٻڌايو هو، ”مان سمجهان ٿو ته مرشد سائين هن خيال جو آهي ته ڪانگريس جو نقطه نظر آهي ته جيڪڏهن سائين هن پارٽيءَ سان اتحاد ڪندو ته مسلمانن جي مخالفت هوندي به اها پارٽي سنڌ ۾ پڻ طاقتور ٿي ويندي. مسلمانن جي مخالفت هوندي به اها پارٽي سنڌ ۾ پڻ طاقتور ٿي ويندي. مسلمان ڪانگريس کان انهيءَ ڪري نفرت ڪري رهيا آهن جو ان پارٽيءَ ۾ هٿ واڻيان، اسڪولي ماستر ۽ هيٺين طبقي جا هندو شامل آهن. تنهن تي مون ڪانئس پڇيو ته اهڙي معاملي ۾ غازين جو ڪردار ڪهڙو هوندو. منهنجي اهڙي سوال تي محبت ٿوري گهڙي ماٺ ڪري سوچڻ لڳو ۽ پوءِ چيائين ته پير سائين جيل ۾ هجڻ مهل ڪانگريس وارن سان گهڻا بحث مباحثا ڪندو هو، جنهن وسيلي ڪيس هيءَ ڄاڻ ملي هئي ته ڪانگريس جي ليڊر گانڌي کي ماڻهن کي انگريزن خلاف ڀڙڪائڻ جي ڏوهه ۾ جيل ۾ بند ڪيو ويندو البته موٽ ۾ ڪارڪن تيستائين دهشتگرديءَ جون ڪارروايون ڪندا رهندا، جيستائين تنگ ٿي سرڪار ان کي آزاد نه ڪندي آهي، ان ڪري جڏهن سرڪار توکي به جيل ۾ بند ڪري ته تنهنجي آزاديءَ واسطي به ساڳيو طريقو استعمال ڪيو وڃي.“ پير سائين جڏهن آزاد ٿي مريدن جي زيارت ڪرائڻ جي مقصد سان ٿر واريءَ جوءِ ۾ پهتو هو تڏهن پوليس کان ٿورو وٿيءَ تي پري هڪ ڍاپي جي موقعي تي مريدن کي گڏ ڪري ڪيس خطاب ڪندي چيو هئائين، ”جڏهن مون کي گرفتار ڪيو ويو ته اوهان هٿ هٿ تي رکي رنن جيان گهر ويٺا هئا ۽ اها ڪيڏي نه شرم جهڙي ڳالهه آهي، جڏهن ته گانڌيءَ جي پوئلڳن سندس گرفتاريءَ تي ساري هندستان، خاص ڪري گجرات ۽ ٻين علائقن ۾ باهه ٻاري ڇڏي هئي. سرڪار ڪيس گرفتار ڪري گهڻو پڇتايو هو. منهنجي پيٽ ۾ گانڌي جي ڪا به حيثيت ڪانه ٿو رکي. مون کي به ڪيڏي نه خوشي ٿئي ها، جيڪڏهن منهنجا حر به منهنجي آزاديءَ واسطي پليون تباهه ڪن ها، ريلوي پٽي اکيڙي ناس ڪن ها ۽ ٽيليفون جون تارون، ڪپي، ان جو نظام درهم برهم ڪري ڇڏين ها.“ ٽر جي سادن ماڻهن واڪا ڪندي چيو هو ته اسان ان وقت بي خبر ۽ اڻ ڄاڻ هئاسون. پر جيڪڏهن هاڻي ائين ڪيو ويو ته هو پنهنجي زندگيءَ سان گڏ هر چيز قربان ڪري ڇڏيندا. پير سائين سندس اهڙي عقيدت ۽ جان نثاريءَ کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ پنهنجي منشيءَ کي حڪم ڪيائين ته جيڪي مريد قسم تي جان نثاريءَ جو وعدو ڪن. تن جا نالا قلمبند ڪيا وڃن. اهڙن جان نثار حرن جي نالن لکڻ کان پوءِ ڪين مختلف حصن ۾ ورهايو ويو. هن ڳالهه کان پوءِ اهي حر، جماعت ۾ وڌيڪ اهم ۽ اثر رسوخ وارا سمجهيا ويندا آهن. ان ڪانپوءِ هر حصي جو جدا مک مقرر ڪيو ويو. مک جي اها به ذميواري هوندي آهي ته هو پنهنجي پنهنجي حد جي حرن ۾ نظم ۽ ضبط پيدا ڪري. ڪيس اهو به ڏسڻو هوندو آهي ته ڪين پير سائينءَ جي فرمان مطابق فوجي سکيا ملي رهي آهي يا نه. ان ڪانسواءِ ان مک کي هن ڳالهه تي پڻ ڌيان ڏيڻو آهي ته سندس سنگت جا ماڻهو پير سائين جي سڏ تي اک ڇنڀ ۾ حاضر ٿي سگهن ٿا يا نه. هڪ ڀيري ٽر جي دوري وقت مان به پير سائينءَ سان گڏ هوس. مرشد سردار انهن غازين کي پاڻ وٽ سڏايو هو جن کي هڪ سال اڳ ڀرتي ڪيو ويو هو. اهي هر منزل تي اچي حاضر ٿيندا هئا ۽ هو رات جي وڳڙي ۾ سندن فوجي پريڊ جو معائنو ڪندو هو ۽ ڏسندو هو ته سندس جاري ڪيل حڪمن تي باقاعدگيءَ سان عمل ٿي رهيو آهي يا نه. پير سائين جڏهن انهن ماڻهن کي خطاب ڪندو هو ته نهايت سهڻا لفظ ڪتب آڻيندو هو ۽ چوندو هو ته سائين رکيا. هنن کي جان نثاري ۽ وفاداري جي عظمت بابت سکيا ڏي ۽ ڪين ٻڌاءِ ته منهنجي سڏ تي هڪدم پهچي پنهنجي ايمان ۽ اعتقاد

❶ هي مسجد منزل گاهه وارو جهڳڙو هو. جنهن ڪري سکر ۾ 1939ع ۾ فرقيوارانا فساد ٿيا هئا.

❷ سندس اصلي نالو الله بخش هو. چهرو ٽوڪ وچان سندس اهو نالو ٻڌائي ٿو. اهو اشارو مسٽر الله بخش سومري ڏانهن آهي.

حڪومت لاءِ اهو ڪهڙي ريت ممڪن هو جو توهان جي مرشد کي جيل ۾ بند ڪيو هئائين، پر جيڪڏهن توهان پيغمبرن ۽ وڏن امامن جي تاريخ پڙهندا ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته ڪين اهم ذميواري سونپڻ کان پهريائين آزمائش وسيلي سندس اهليت کي پرکيو ويندو هو. توهان مون سان پنهنجي جان قربان ڪرڻ جو قسم کڻي چڪا آهيو. هاڻي مان اوهان کي هيءَ ڳالهه واضح ڪري ٻڌائي رهيو آهيان ته مان سنڌ جو آزاد حڪمران ٿيڻ وارو آهيان ۽ پڻ اها تقدير جي منشا آهي. مان انگريزن کي هتان تڙي هن ملڪ جو حڪمران ٿيندس. اهڙي پيشنگوئي عبدالرحيم گرهوڙي سؤ سال کان به وڌيڪ عرصو اڳ ڪئي هئي ۽ ان جي چيل لفظن ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي.

ان ڪانپوءِ مرشد سائينءَ هڪ ڪتاب مان بيت پڙهيو ۽ ٿورو وقت ترسي ان جي معنيٰ بيان ڪئي ۽ ٻڌايو ته اهڙيون نشانيون هاڻي ظاهر ٿي چڪيون آهن، جهڙوڪ، جهازن جي ايجاد ۽ مختلف ملڪن ۾ جنگيون ۽ انقلاب وغيره.

ان ڪان پوءِ عبدالرحيم فقير اسان جي مرشد جي شجري مان ائين گادي نشين جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته سنڌ تي اهو گادي نشين حڪمراني ڪندو، جنهن جي منهن تي مائيءَ جا سياندا Pock-marks هوندا ۽ راڄڌاني ڪنگري ٿيندي.

پير سائين جڏهن ننڍڙو ٻار هو ته ڪيس وڏي ماتا نڪتي هئي، تنهن ڪري ڪيس منهن تي مائيءَ جا سياندا هئا. سيني کي اها خبر هئي ته پاڻ انون گادي نشين آهي. ۽ پير سائينءَ اسان واري پٽ ۾ اچي درگاهه قائم ڪئي هئي. تون پاڻ ئي سمجهه ته مرشد جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي اسان جي اندر ۾ ڪيڏا امنگ ۽ اڌما پيدا ٿي چڪا هوندا. اسان سمجهي چڪا هئاسون ته پير سائينءَ جي هن سپني کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻو هو. مرشد سائين اسان جي قربانيءَ جو جذبو ڏسي گهڻو متاثر ٿي چڪو هو ۽ اسان کي خبردار ڪيو هئائين ته سندس حڪمن جو انتظار ڪرڻو پوندو.

هن چيو هو ته سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو ۽ انگريز سرڪار جا سڀ پَرَ پولا پيجي ڇڏيو. هن حڪومت جو ڪنگريءَ ۾ ڪهڙو حال آهي؟ اتي ٿيندڙ ڌوهن جي رپورٽ پوليس وٽ داخل ٿيندي آهي يا مون وٽ ۽ منهنجن خاص فقيرن وٽ؟ اهڙا ڪيس ڪير اڪلائيندو آهي، روهڙيءَ جو مئجسٽريٽ يا منهنجا مقرر ڪيل امين؟ هن شهر جو محصول ڪير اوڳاڙيندو آهي؟ هتان جي پنچائت جا ميمبر منهنجا نوڪر آهن. مان هتان جي ماڻهن جو اهڙيءَ ريت تحفظ ڪندو آهيان، جهڙيءَ ريت حڪمران پنهنجي رعيت جو تحفظ ڪندو آهي. جيستائين هو منهنجي فرمانبرداري ڪندا ايندا، مان سندن تحفظ ڪندو ايندس. سکر ۾ هنن کي ڏڍن ٻڪرين جيان ڪٺو ويو، مان ڪين بندوقن جي وهن ليسنن ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، پر اهڙا هٿيار سندن فائدي جا نه آهن. منهنجو هڪ حر جيڪڏهن ڏنڊو هٿ ۾ ڪري سندن ڪڍ پوندو ته هو بندوقن سان مسلح ٿي واٽين کي ڊوڙائي پيٽ ۾ سور وجهندو. جڏهن اهو



اربيلو فقير ڪنڀر

وقت آيو ته فقيرن جي هٿن ۾ ڏنڊن بدران ٻيو ڪجهه هوندو.

مان وري به اوهان کي چئي رهيو آهيان ته اوهان کي حڪومت کان ڪڏهن به ڊڄڻ نه کپي. هاڻي اسان ڪنهن ڪمشنر جي حڪمرانيءَ هيٺ رهڻ وارا نه آهيون. گورنر منهنجو ذاتي دوست آهي. مان ڪيس چئي ڇڏيو آهي ته ضلع آفيسرن يچ رپورٽن ڏانهن ڌيان نه ڏئي، جيڪي منهنجي ذاتي حيثيت کان سڙي رهيا آهن. جيڪڏهن وزيرن به منهنجي خلاف شڪايت ڪئي ته هو انهن ڏانهن به ڌيان نه ڌريندو. ڪٺي ڪير ڀهڄي، پر اُن کي انفرادي طور منهنجي مدد ۽ مريدن جي ووٽن جي ضرورت پوندي. ڪانگريس، بمبئي ۽ هندستان ۾ هڪ طاقتور پارٽي آهي. هن پارٽيءَ جا سنڌي اڳواڻ سنڌ پارٽي جي هدايتن موجب مون سان گڏ آهن ۽ منهنجي سلام تي ايندا رهندا آهن. سنڌ اسيمبليءَ جي ڪانگريسي ميمبرن جي مدد سان، آئون پنهنجي مک فقيرن کي جيل مان آزاد ڪرائڻ ۾ سوپارو ٿيو آهيان، جيڪي اوهان مان ڪن جا پيءُ، چاچا، ڀائر ۽ سوٽ ماسات هوندا، جيڪي ڪجهه وقت اڳ ڏکن جي لوڙهن ۾ بند هئا. انهن جي سهڪار سان حرن متان لوڙهن ۾ رهڻ واريون پابنديون به ختم ٿي ويون آهن، پر اوهان کي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته توهان قرآن شريف تي قسم کنيو آهي ۽ حر جماعت جو به اصول آهي ته توهان هنن معاملن بابت ڪنهن غازيءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي منهنجي اشاري کان سواءِ ٻڙڪ به نه ٻڌائيندا. ممڪن آهي ته ڪانگريس ۽ ان جا وزير اسان جي هنن مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ اسان جي واهر ڪن. اوهان غازين کي منهنجا هي لفظ ضرور ياد هئڻ کپن ته، اوهان کي اهڙيون ڳجهيون علامتون ٻڌايون وينديون، جن وسيلي توهان اڻ سڃاتل غازيءَ کي سڃاڻي وٺندا. اهو به اوهان تي فرض آهي ته اوهان منهنجن يا منهنجن نائبن جي حڪمن جو انتظار ڪريو ۽ حڪم ملڻ کان پوءِ اهي ڪم ڪيئن به ڪري پورا ڪريو.

پير سائينءَ جي هلي وڃڻ کانپوءِ محبت ۽ ٻيا فقير ۽ رجسٽر وارو منشي اڳتي وڌيو. ڪن ڳڻ کان پوءِ اسان کي علائقن موجب ٽولين ۾ ورهايو ويو. مون هتي به ماڻهو پنهنجي جوءِ جا ڏٺا، جن کي مان سڃاڻندو هوس. مون هنن سان صلاح مشورو ڪيو. محبت جڏهن اسان سان ڳالهائڻ آيو ته مان ڪيس چيو ته اسان نوري وساڻ هينان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون. بهتر ته ائين آهي ته تون اسان کي پنهنجي ڪمانڊ هيٺ رک. تنهن تي هن ڪلندي چيو ته جيڪڏهن اوهان نوري هينان رهندؤ ته نورو وري منهنجو ماتحت هوندو. مان غازين جو چيف آهيان.

ٻئي ڏينهن اسان جي فوجي سکيا شروع ٿيڻي هئي. مان هيءَ ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ته مان فوجي سکيا (drill) کي ڏسي ڏاڍو دل شڪستو ٿي پيو هوس. اها ساڳي سکيا ته سنجهوري ۽ سانگهڙ جا پوليس سپاهي به ڪندا هئا، پر اسان واري فوجي سکيا مارچ ۽ زمين تي زور سان پير هڻڻ کان مختلف هئي. اسان جي چرپر ڊڪ ڊوڙ سان لاڳاپيل هئي، جنهن تي سگنل (signal) ۽ سيٽيءَ سان ضابطو رکيو ويندو هو. اسان کي اهو به سيکاريو ويو هو ته غازين جون بندوقن سان مسلح، آمهون سامهون بيٺل ٽوليون، دشمن تي ڪهڙي طريقي سان فائر ڪنديون؟ پر جيڪڏهن انهن مان هڪ ڏر ڪهاڙين سان مسلح آهي ته ان کي وچ مان نڪري وڃڻ گهرجي. اسان کي فائر ڪرڻ جي ٿوري ٿوري مشق ڪرائي ويندي هئي. بندوقن جو تعداد تمام ٿورو هو. مون کي اهڙي ڳالهه ڪانه ٿي وڻي. مان اها ڳالهه محبت سان ڪئي، جيڪو هن سموري فوجي سکيا جو نگران اعليٰ هو. ڪيس اهو به ٻڌايم ته پير سائين اسان جي انسپيڪشن تي به ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي.

(هلندڙ)




# ڊسڪنيڪٽيڊ رسيور



رئوف ڪوسو

جون جو مهينو هو. ٻاهر سخت لڪ ۽ جهولو گهلي رهيو هو. مان ڊيوٽي روم ۾ ويٺو، مختلف نمبر ملائي رهيو هئس. ۽ منهنجو ساٿي آپريٽر ٻئي روم ۾ ستل هو. ۽ وڏا وڏا گهوگهرا هڻي رهيو هو. ايتري ۾ مون ڏٺو ته هڪ اڌڙوٽ همراهه، جنهن کي مٿي تي پٽڪو ٻڌل هو، چادر ۾ ٻڌل ڳنڍ ڪلهي تي لڙڪي رهي هئس. لٺ هٿ ۾ هئس، ٻاهريان منڊڪائيندو، ٽيليفون ايڪسچينج ۾ گهري آيو. ۽ مون کي سلام ڪري سامهون واري ڪرسي تي ويهي رهيو. سڄي پاسي ڏانهن فرش تي ڳنڍ رکي ۽ لٺ هنج ۾ ڪري چوڻ لڳو،

”صاحب، ڪال ملائي ڏي، صدر صاحب سان ڳالهائڻو آهي.“

مان ٿورو حيران، ٿورو پريشان ٿي ويس. چيومانس،

”سائين، هتان صدر ڏي ڪال نه ملندي آهي. ان لاءِ توهان کي جيڪب آباد وڃڻو پوندو.“

ان تي اڌڙوٽ همراهه مون کي چوڻ لڳو،

”پوءِ هتي ٽيليفون ايڪسچينج ڪلي چو آهي؟ ڪجهه به ٿئي مان ڪال هتان ئي ڪندس. ٻي صورت ۾ صدر کي چئي تو کي جيل ۾ وجهرائيندس.“

مان پريشان ٿي ويس. ۽ ڪجهه به نه سمجهندي وڃي ساٿي آپريٽر کي ننڊ مان اٿاريو.

ساٿي آپريٽر ٻاهر ليئو پاتو جتي صدر ڏانهن ٽيليفون ڪرڻ لاءِ ضد ڪندڙ، همراهه ڪرسي تي ٽيڪ ڏنيون ويٺو هو. منهنجو ساٿي آپريٽر هن کي ڏسي ڪلي ويٺو. ۽ مون کي آهستي چوڻ لڳو،

”يائو، تون نئون نئون هتي آيو آهين. هن کي نه سڃاڻين، هي شهر جو مشهور چريو وَلُو آهي، جيڪو ڊسڪنيڪٽيڊ ريسور ڪٽي هميشه صدر صاحب کي ٽيليفون ڪندو آهي. ۽ پاڻ سان ٿيل ماجرا ٻڌائيندو آهي.“

پوءِ منهنجو ساٿي آپريٽر ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. ۽ موٽندي ڊسڪنيٽيند رسيور ڪٽي وَلُو کي ڏنائين. وَلُو ڳالهائڻ شروع ڪيو،

”هيلو.“

”...“

”صدر صاحب، السلام عليڪم.“

”...“

”صدر صاحب، مير اسلم خان ڏنگو ماڻهو آهي. هن منهنجو ڀاڻيجو مارايو آهي. ويچارو، منهنجي رنڙ ڀيڻ جو پٽ هو. ۽ ماستر هو. مان وڏي سردار قادر خان ڏي دانهن ڪٽي ويس. ان نه ٻڌي. ڊي.ايس.پي جمال الدين ڏي دانهن ڪٽي ويس، ان ۽ صوبيدار ڪبير الدين گڏجي خون لوڙهيو آهي، سو سائين، انهن سڀني کي جيل ۾ وجهه.“

ان ڪانپوءِ وَلُو ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي، اسان ٻنهي ڏي ڏسندي صدر صاحب کي چوڻ لڳو،

”صدر صاحب، تحصيل روڊ هڪ مهينو اڳ ٺيڪيدار امداد ٺهرايو. اهو هاڻي ڪان ئي اکڙي ويو آهي. ٺيڪيدار امداد، ڊانيئر جا پئسا ڪائي ڪرپشن ڪئي آهي. صدر صاحب ان کي به جيل ۾ وجهراءِ.“

ائين وَلُو، صدر صاحب ڏي فون ڪري هڪ روپيو ڪيسي مان ڪڍيو. ۽ ڊسڪنيڪٽيڊ رسيور رکي پنهنجي لٺ ۽ ڳنڍ ڪٽي روانو ٿي ويو.

ائين وَلُو اڪثر ٽيليفون ايڪسچينج تي ايندو هو ۽ ايڪسچينج مان 'ڊسڪنيڪٽيند رسيور' ڪٽي صدر صاحب کي ٽيليفون ڪندو هو. هن جو اهم مسئلو مير اسلم خان، سردار قادر ۽ ستائيندڙ زيادتي ڪندڙ پوليس وارا هئا. پر ان سان گڏ هو سماج ۾ ٿيندڙ ٻين زيادتين جي دانهن به صدرصاحب کي ڏيندو هو. هن هڪ دفعي هڪ تفصيلي ڪال صدر کي ڪئي جيڪا هن طرح هئي،

”هيلو، صدر صاحب، السلام عليڪم، مير اسلم خان اڃان زور آوري تي اڙيو ويٺو آهي ۽ ٻيا سموا ڪرپٽ ۽ زيادتي ڪندڙ ماڻهو به نه ٻڌا ويا آهن. مون اڳ به اوهان کي دانهن ڏني هئي ۽ انهن جي گرفتاري جو مطالبو به ڪيو هو. پر ڪلهه هڪ پٺاڻ زمرد خان گڏهه کي ڦٽ ۾ لڪڻ هڻي رهيو هو. اڄ وري اهو ساڳيو پٺاڻ زمرد خان جيپ تي چڙهي آيو ۽ تعليم کاتي جو عملدار سڏائي سندس محلي جو اسڪول وزٽ ڪري رهيو هو. صدر صاحب، مون کي خطرو آهي ته زمرد خان ٻارڙن جي ڳٽن ۾ به ڦٽ ڪري اتي لڪڻ هڻندن. سو زمرد خان کي به گرفتار ڪيو وڃي.“

”...“

”صدر صاحب، پاڙي جي ملان نصيرالدين پيٽ اڳتي وڌائي مڱٽهارن جو پلاٽ قبضي ڪيو آهي، ان کي به جيل ۾ وجهه.“

وَلُو 'ڊسڪنيڪٽيڊ رسيور' رکيو ۽ رپيو ڪڍي، منهنجي سامهون واري ٽيبل تي اڇلايو ۽ لٺ ۽ ڳنڍ ڪٽي منڊڪائيندو ٽيليفون ايڪسچينج مان ٻاهر نڪري ويو.

وَلُو هزارن جي تعداد ۾ ڪالون ڪيون. هن جي شڪايت جو خاص مرڪز، 'مير اسلم خان' ۽ ٻيا 'زيادتي ڪندڙ' هئا. باقي ان ڪان علاوه به هن ڪيترن ئي عملدارن، پوليس وارن، ڪلارڪن، ٺيڪيدارن، وڏيرن، صحافين، مولوين، ٽريڊ يونين اڳواڻن، پر نه ڄاڻ ته الائي ڪيترن ماڻهن خلاف صدر کي شڪايتون ڪيون.

ان عرصي ۾ اتفاق سان وَلوءَ جو ڪو مخالفت، حاڪم، ڪلارڪ، زميندار، مولوي ۽ جيڪو پير گرفتار ٿيندو هو. يا ڪنهن ٻئي حڪومتي مصيبت جو شڪار ٿيندو هو، ته وَلُو سوير سوير ڏاڍو خوش خوش مون وٽ ايندو هو ۽ سامهون واري ڪرسي تي ويهي چوندو هو،

”صاحب، ٻڌو آ فلاڻو گرفتار ٿي ويو آهي؟“

مان وري خوش ڪرڻ لاءِ چوندو هيومانس،

”وَلُو پڪ تو واري فون اثر ڪيو. ۽ صدر صاحب ٻڌرايو اٿس.“

اتي وَلُو اٿڄاڻ ٿي ويندو هو. ۽ چوندو هو،

”صاحب، مون کي خبر ئي نه آهي. بازار ۾ ماڻهو پيا چون.“ ۽ ائين چهري مان مرڪ پئي ٻڪندي هئس.

”...“

”صاحب، ڏسو ته ملڪ ۾ ڪيڏي نه بدامني آهي؟“ وَلُو سنجيدگيءَ سان چيو، جنهن ۾ ڏاڍو درد سمايل هو.

”ها، ولڻ.“

”صاحب، ويچاري جانڻ جو اڪيلو پٽ، ڏاڙيلن پُنگ نه پري سگهڻ جي صورت ۾ قتل ڪري ڇڏيو.“

”...“

”رسولي مريءَ وارن کي ڪيئن نه ڦري ماري ناس ڪيو ويو؟“

”...“

”علائقي جي دربدري. ماڻهن جي بک، بيروزگاري، ناانصافي ته اصل حدون ئي ٽپي وئي آهي.“

”پوءِ صدر صاحب کي چئين چو نه ٿو؟“

”...“

علائقي جي حالتن جي ڪري وَلُو گھڻو بي چين هو. تان جو وري هن جي بي چيني ۾ شڪايت اهو ٻڌي ويتر وڌي ويئي، جو شهر جي مختلف چوُنڪن تان نوجوان ڪنيجڻ لڳا هئا. ۽ موٽ ۾ انهن جا چچريل لاش ملڻ لڳا هئا. ائين شهر جا ڪيترائي نوجوان شهر جي مختلف چوُنڪن تان گم ٿيا. ۽ وري انهن جا چچريل لاش مليا. ۽ وَلُو جي محلي جا ٻه نوجوان ڪنيجي ويا.

هاڻي وَلُو ڏينهن ۾ ڪيترائي دفعه فون ڪري صدر کي نوجوان موٽرائڻ ۽ ڪٽندڙ چمڙا پوشن جي گرفتاري جي گهر ڪرڻ لڳو هو. هن کي نه ڄاڻ ڇو يقين هو ته ڪجي ويل نوجوان، صدر واپس ڪرائيندو ۽ چمڙا پوشن کي گرفتار ڪرائيندو.

پر هڪ ڏينهن اها خبر ٻڌي وَلُو تمام بي چين ٿي ويو، اغوا ٿيل سندس محلي جي نوجوانن جا لاش باءِ پاس تي اڇلايا ويا. جيڪي پوليس سول اسپتال ڪٽائي اچي رکيا. سڄو شهر نوجوانن جا لاش ڏسڻ اسپتال پهتو. وَلُو ٻه نوجوانن جا لاش ڏسڻ منڊڪائيندو، لٺ ٽيڪيندو اسپتال پهچي ويو ۽ نوجوانن جا لاش اسپتال ۾ رکيل ڏسي، اداس واپس ٽيليفون ايڪسچينج تي اچي ويهي رهيو.

مون وَلُو کي اداس ڏسي چيو،

”وَلُو چا ڳالهه آهي. صدر ڏي فون نه ڪندين ڇا؟ پر وَلُو ورندي نه ڏني. خاموش ۽ اداس ويٺو رهيو. ايتري ۾ ڪجهه نوجوان ايڪسچينج ۾ گهري آيا، تن مان هڪ نوجوان فون ڪري ٻئي ساٿي، نوجوان کي ٻڌائڻ لڳو،

”شاهد، ساٿي نوجوان، جن جا چچريل لاش مليا آهن، سندس پارٽي جا ڪارڪن آهن، هنن کي ڪجهه ڏينهن اڳ چمڙا پوش ڌرين اغوا ڪيو هو، هنن کي اذيت گهر ۾ ڪٽي وڃي سخت اذيت ڏيئي ماريو. ۽ سندن چچريل لاش باءِ پاس تي اڇلايا ويا، جن جا لاش لوڪل انتظاميه ڪٽائي اسپتال ۾ رکيا آهن. توهان ساٿين سميت اڄ جو ته شام جو احتجاج ڪنداسين.“

ٽيليفون تي ٿيندڙ گفتگو وَلُو وڏي ڌيان سان ٻڌي رهيو هو، جڏهن نوجوان ڳالهه پوري ڪري ايڪسچينج مان نڪتا ته وَلُو به ڪَڍ لٺ ٽيڪيندو منڊڪائيندو ويو. هن پيري هُن صدر کي فون نه ڪيو.

ڪجهه ڪلاڪن ڪانپوءِ نوجوانن جو جلوس ايڪسچينج اڳيان گذريو. ڪيترن ئي نوجوانن جي ڪڍ وَلُو به هيو. شام جو دير سان جڏهن وَلُو موٽي ايڪسچينج تي آيو ته ڏاڍو هشاش بشاش ۽ خوش هو. ۽ منهنجي سامهون ويهي ڪرسي تي احتجاجي جلوس متعلق ٻڌائڻ لڳو،

”وڏن وارن واري نوجوان واهه جو تقرير ڪئي. چيائين، ملڪ ۾ نه ڪو آئين آ نه ڪو قانون آ. پرمار قوتون اسان کي لُٺفي به رهيون آهن ته ماري به رهيون آهن. هاڻي صرف مزاحمت جو عمل جاري رهندو.“

مون کيس ياد ڏياريو،

”ولو، اڄ صدر صاحب سان نه ڳالهائيندين ڇا؟“

پر اڄ وَلُو منهنجي ڳالهه کي اڻ ٻُڌو ڪري بار بار نوجوان جي تقرير جي تعريف ڪري رهيو هو، ڄڻ صدر کان دلچسپي ختم ٿي ويئي هجيس. ■

# شيام ڪمار
## جوُن ٽيُيون ڪهاڻيون



### پيس ميڪر...

ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي هڪ نيڪ، انسان دوست ۽ بي انتها محبت ڪندڙ، مهانَ سنت نما صورت ۽ سيرت سان هر ڏس ۾ پنهنجي شخصيت جو ڏاڪو ڄمائي چڪو هو.

پر، گذريل ڪجهه ورهين کان سندس سانتيڪي سياءُ ۽ طبيعت ۾ پستي جا نمايان آثار پسجندا محسوس ڪيا ويا هئا. هينئر هن جي ذات اندر نيڪي، انسان دوستي پاڇي جيان ٻي ڪئي ۽ عارضي پاسجي رهي هئي ۽ محبت اندر به ساڳي رواني ۽ خلوص، بدران 'مايا' جو ڪرشمو لڳي رهيو هو.

جڏهن هن جي خاص، ويجهي يار کان ان 'اڻ وٽندڙ بدلاءُ' جي ڪارڻ بابت دريافت ڪيو ويو ته هن 'چور نظرن' سان هيڏي هوڏي تڪيندي رازداراڻا لهجي ۾ چيو، 'ڊاڪٽر صاحب، دل جي اوڏو پيس ميڪر فٽ ڪرايو آهي.'

### سمئي پراٽو پاپي...

جنهن تيز رفتار سان 'ڪل يگ' موجودات اندر سمائجي رهيو آهي، ساڳئي اُبتي وهندڙ شان سان لوڪن جون عادتون، سياءُ ۽ ڪيفيتون به 'ارتقائي درجا' طئه ڪندا پسجندا ڏيکارجن ٿا.

ڌرمي يا مذهبي اُتسويا تقريب ۾ صاف ڏسبو آهي ته شرڌالو يا پيروڪار مقرر وقت کان گهڻو اڳ پهچي ويندا آهن. پر، گُرو يا مرشد 'مقرر' سمئي ۽ 'انت' ٿيندڙ وقت جي وچ واري 'سنهي ليڪ' مهل پهچندا. ۽ براجمان ٿيندي نظر اآهن.

اهڙيءَ ريت سياسي ۽ سماجي رهنما پڻ جمع ٿيل ماڻهن جي انبوهه جي ڊگهي سمئي ڪانپوءِ ايندي پسبا آهن.

نتيجي طور، مشاهدي موجب، شرڌالو، پيروڪار يا حاضر لوڪ، پنهنجي گذريل عمر کي صدائون ڏيندا، 'موافق ميدانن' کي تلانجلي ڏئي 'مخالف خيمن' ۾ شامل ٿيندا ڏيکاربا آهن.

ڪجهه سمئي اڳ پي داس ٽري سوال ڪندي پڇيو هو،

”ارجن داس بگٽي عرف سامري جادو گر چونڊن ۾ چو ڪين ڪٽي سگهيو؟“

سندس من جي شنڪا دور ڪندي کيس جواب ڏيندي ٻڌايم،

”سامري جادو گر سائين بابا ڊيرا بگٽوي جي 'رچنا' هيو. پر، پنهنجي راڄ نيتي چمتڪار ڪارڻ پنهنجي گرو کي تپرس ۾ وجهي اڳتي نڪري ويو. جڏهن راڄ نيتي ۾ شامل ٿيو هو تڏهن سندس روپ ۾ سروپ سمئه جي هر بدلاءُ کان بچيا رهيا. پر سندس سيئي سنگي ساٿي 'بدلاءُ' کان پاڻ بچائي ڪين سگهيا. جڏهن هنن سندس 'خيمي' اندر پرورش ڪيو هو ته سندن وار ڪارا هئا پر ان مان ٻاهر ايندي ئي هو سيئي ڪير جهڙا اڇا ٿي چڪا ها.

عام طور چيو ويجي ٿو ته جڏهن 'راجا جئچند' سوئمبر رچايو هو ته 'اصلي راجڪمار' شاهي درٻار تائين پهچڻ ۾ چڱي خاصي دير ڪري چڏي هئي. ۽ 'پرٿوي راڄ چوهاڻ' جيڪو اصل ۾ 'ولين' هو شاهي درٻار اندر مقرر ٿيل وقت تي پهچي ويو. ۽ راجڪماري 'سنجوگتا' کي ٻَڪُ وجهي گهوڙي تي چاڙهي واءُ جيان ويندو رهيو. ۽ راجڪماريءَ به کيس 'دل' سان پنهنجو 'هيرو' تسليم ڪري ورتو ڇو جو کيس سُڌِ هئي ته جيڪو 'هيرو' وقت جو پابند ڪونهي، ان مان اميدون رکڻ عبث آهي.

ان روش کي پسندي ادارن اندر به ان جي تقليد ۾ ڪافي حد تائين واڌاري جو لاڙو پسبو رهي ٿو.

ڪجهه ڏينهن اڳ جي ڳالهه آهي ته لاهور جي پسگردائي ۾ ڪنهن ريل اندر 'ايس ٽي اي' ٽڪيٽُن چيڪ ڪرڻ مهل هڪ وچولي عمر جي اچي مٿي واري مسافر کان ٽڪيٽ گهري. هن هڪدم 'اڌ ٽڪيٽ' سندس حوالي ڪئي. 'ايس ٽي اي' کيس دٻ ڪيندي چيو، 'هي ڪهڙو مذاق آهي؟ اها ٽڪيٽ ته ٻارن واسطي هوندي آهي؟' مسافر کيس جواب ڏيندي وراڻيو، 'سائين منهنجا، جنهن وقت آئون ٽرين تي سوار ٿيو هيس ته ان سمئِ منهنجي عمر ٻارهن ورهين کان به گهٽ هئي.'

### خلائي نظرون...

لوڌي گارڊن جي هڪ خوشنما ڪنڊ ۾ نوجوان حسينه کي پاڪر ۾ پيڪوڙيندي چُمي ورتي.

”ڪهڙي عجيب حرڪت پيو ڪرين، سيني ڏسندڙ جون نظرون اسان مٿان ڪُتل آهن؟“ حسينه پاڻ کي نوجوان جي پاڪر مان جدا ڪندي احتجاجي لهجي ۾ چيو،

”اهي سيئي ماڻهو اسان کي ڪين ڏسي سگهندا.“

”ڇو؟“

”هنن اهڙو عمل، ڊگهي عرصي کان، بيشمار پيرا ڏٺو آهي. هينئر ڪوشش جي باوجود 'اهو' سندن نظرن ۾ سمائجي ڪين سگهندو. انڪري گهٻرائڻ يا شرمائڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي.“

”پر، ظاهري طور سندن نظرن جو رُخ اسان ڏانهن آهي؟“

”تون غلط سمجهين ٿي. دراصل هو 'هن ڪنڊ' کان مٿيرو خلا طرف تَڪي رهيا آهن، ڇو جو سندن ڏسڻ لاءِ هتي ڪجهه به ڪين رهيو آهي.“ ■

# هڪ فينٽسي



شيام ڪمار

الحاج خان محمد قنڌاري جو پراڻو رفيق ۽ ساٿي حاجي ستار خان جنهن جي افغانستان جي پڪتيہ صوبي اندر پست جي ڏوڏي (Poppy) جي وڏي زمين آهي ۽ گولڊن ٽرائنگل جي علائقي سان سندس تعلق گهرو ۽ پراڻو ٻڌايو ويندو آهي ۽ هن جو شمار بہ تنهنجي ويجهي پيروڪارن ۾ ٿئي ٿو!

توکي ياد هوندو تہ هڪ ڏينهن الحاج خان محمد جي محل جهڙي رهائش گاهہ جي ڇت تي ”سوئمنگ پول، لڳ حاجي ستار خان تنهنجي ”بخشيل“ دوا شڪتي يوڳ سگريٽ جي پاڪيٽ جي پنيءَ اندر ويڙهي پنهنجي ننڍڙي چلم جي آگرن تي گرم ڪري ان مان خارج ٿيندڙ دونهين جي مرغولن کي پنهنجي ساهہ جي نالي وسيلي وجود ۾ ”زلزلو“ پيدا ڪرڻ خاطر داخل ڪري رهيو هو. ان مهل سندس سمورو بدن قلعي گرجي دهڪٽي جيان لڏندو لمندو ڏيڪارجي رهيو هو. سندس اکين جون ماٽڪيون ننڍين بيدن يا بلوري ڇڏن جيان ٻاهر نڪرڻ لاءِ بيتاب نظر اچي رهيون ۽ سندس چهرو فرانسسي سرخ شراب وانگر بلڪ وهندڙ لاوا جيان پاسي رهيو هو. اهو سمورو مانداڻ ان لاءِ ڪيو پئي ويو جو حاجي ستار خان تازو پنهنجي چوٿين زال کي طالق ڏئي پنهنجي پنجين شادي ارڙهن ورهين جي هڪ گداز جسم دوشيزه سان رچائي هئي!

هيءُ بہ عجب اتفاق آهي جو هڪ ڏينهن مان تنهنجي ڪلينڪ ”هولشافي هو الباقي“ اندر ويٺو هئس تہ هڪ صحت مند ڏنڊو مشٽنڊو پٺاڻ پنهنجي ڪمزور، ناتوان ۽ هڏائون پڃرو نما زال سان اندر داخل ٿيو، تنهنجي سوال پڇڻ تي هٻڪندي هن مون طرف ڏٺو، تون ڪيس دلداري ڏيندي چيو هو تہ مان تنهنجو انڪل هئس ۽ ان ڪري ڪنهن پردي داري جي ضرورت ڪونہ هئي. هن پنهنجي روئداد ٻڌائيندي چيو هو، ”ڊاڪٽر صاحب، مان پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ ”اسپين بلڊڪ“ سان ڳنڍيل ”عالم برزخ“ (limbo land) جو نا قومي باشنو ۽ اٺاويهن ٻارن جو پيءُ آهيان! منهنجي پاڙي ۾ تنگ دل خان نالي هڪ ناخن تراش ڪافي عرصي کان رهيو پيو آهي ۽ هو ستاويهن ٻارن جو پيءُ هو پر، منهنجي بدقسمتي سان بہ ڏينهن اڳ ڪيس هڪ عدد ٻار پيدا ٿيو آهي، ان لعنتي گهڙي کان وٺي منهنجي وڇون نما مڇ مٿان ڪان هيٺ جهڪي آئي آهي، هينئر اهو منهنجي غيرت جو ماعمل وٽجي چڪو آهي ڇو جو مونکي منظور ڪونهي تہ هڪ ڪمي ۽ ماڪوڙيچ هڙوم ماڻهو منهنجي همسري ڪري! مونکي هڪ ٻئي ٻار جي اشد ضرورت آهي تہ جيئن مان ٻيهر پنهنجي محور تي بيهي سگهان، هاڻي اهو ٻار الله کان ڏسل ”راهہ“ ذريعي وارد ٿئي يا... مون کي ٻئي طريقا منظور آهن. جيڪڏهن اهو ممڪن ڪونهي تہ مان ٻيو نڪاح ڪرڻ لاءِ بہ راضي آهيان؟“

تون ان جوالا مکي جي درديلي وارتا ٻڌي ڪيس مڪمل آٿت ڏيندي چيو هو تہ نڪاح جي ڪا ضرورت ڪون پوندي ۽ اهو چمتڪار ان هڏين مُدَ مان رونما ٿيندو .ان مهل ئي تو پنهنجي پولو نما پياري پٽ توکي بہ عدد برازيلي ڪافي جا مگ آڻڻ جو حڪم ڏنو ۽ اها بہ هدايت ڪئي تہ مٿئين ڪمري جي ساڄي پاسي واري الماڙي ۾ موجود شيشي جي برني مان چار عدد سفيد ڪيوبز (Cubes) بہ کڻندو اچي.

تون ڪافيءَ جي انهن ٻنهي مگن ۾ ٻہ ٻہ ڪيوبز ملائي چمچي سان حل ڪيا ۽ ان بعد پنهنجي چپن کي حرڪت ڏيندي انهن مٿان ڪو سنسڪرت جو اشلوڪ پڙهي ڦوڪيو هو ۽ پوءِ اها منتر زده ڪافي پٺاڻ ۽ سندس زال کي پيئاري هيئين، ان بعد بہ ڇتي تي موجود زهريلي ٻوٽن ۽ ٻوٽين جي باغ مان ڪجهہ سفوف جون پڙيون ڪجهہ گوريون ۽ جسم جي خفيہ حصن تي مهٽڻ لاءِ طلائي ٽيوب گهرائي ترڪيت استعمال سميت سندس حوالي ڪيا ويا هئا. انهن سڀني هربل دوائن جي قيمت اٽڪل ارڙهن هزار رپيا ۽ ٻہ هزار رپيا ڪافي جي مگن جا بہ ڪانئس وصول ڪيا ويا هئا ۽ ڪيس اهو بہ چيو هيائين تہ انشا الله نوَن مهينن کان اڳ ۾ ئي انهن دوائن جو چمتڪار مادي شڪل ۾ ظاهر ٿي ڪري سندس خواهش ۽ خوشي جو سبب بڻبو.

ڪيوبز بابت پٺاڻ جي سوال جو جواب ڏيندي چيو هيئين تہ اهي ڪرشماتي ڪيوبز سعوديہ جي مقدس سرزمين اندر مدينتہ منوره جي ٻاهران ريگستاني پٽي تي صدين کان موجود خودرو درخت منجهان حاصل ڪيل اچي ڪونئر کي آب زم زم ۽ گنگاجل ۾ مڪس ڪري ٺاهيا ويندا آهن ۽ ان نيڪ ڪم جي ذميداري سندس دوست الحاج خان محمد قنڌاري جي ذريعي ڪيس سپرد ڪئي وئي هئي. قديم زماني ۾ اسلام جا شاهين انهيءَ وڻ جي ڇانوَ ۾ آرام ڪندا هئا. هيءَ هڪ مقدس ۽ دعا ڏيندڙ وڻ آهي!

(پر الحاج خان محمد قنڌاري انهن ڪيوبز ڊاهڻ جو طريقو مختلف ٻڌايو هئم! اصل ڳالهہ هينئن هئي تہ هڪ پيري سندس ننڍو پٽ سخت بيمار ٿي پيو هو. نامي گرامي ڊاڪٽرن ويدن حڪيمن جون دوائونڪ، علاج ڪيائين پر مرض وڌندو رهيو. ان وچ ۾ ڪنهن ڪيس صلاح ڏني تہ جيڪڏهن منهنجي ٻارن جا پراڻا اڌوراڻا لاٽل ڪپڙا ۽ سندس جوتي ماني ٻار کي ڏني وڃي تہ هو تندرست ٿي پوندو! هن هٿ ٻڌي مونکي انهن شين ڏيڻ جي وينتي ڪئي هئي ۽ مان بنان هٻڪ اهي سسندس حوالي ڪيون هيون. قدرت جو عجب ڪرشمو رونما ٿيو جو ٻار جلد ئي صحتياب ٿي ويو! ان وقت کان وٺي هو منهنجو معتقد ٿي ويو ۽ مون کان ڪا ڳالهہ ڪو راز ڪونہ لڪائيندو هو. منهنجي پڇا ڪرڻ تي هن رازداري واري انداز ۾ ٻڌايو هو ت هاهي ڪيوبز قنڌار ۾ قائم ٿيل سندس ڪارخاني اندر مصر، نبات، ڪمنڊ جي چاشني ۽ ڪجهہ نباتاتي ٻوٽين جي مرڪب وسيلي تيار ڪيا ويندا هئا ۽ ايڪسپورٽ ڪوالٽي جا هوندا هئا. هن پنهنجي احسان مندي ظاهر ڪندي انهن سان ڀريل هڪ عدد برني مون کي بہ ڏني هئي.

ان گفتگو دوران الحاج خان محمد قنڌاري ٿورڙي وٿيءَ تي ويهندي هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي سرگوشي جي انداز ۾ اظهاريندي ٻڌايو هئم، سائين منهنجا توهان کي شايد اها سُڌ ڪونهي تہ منهنجو تعلق ملڪ جي خفيہ ايجنسين جي وڏن عملدارن سان بہ گهرو آهي. بلوچستان مان ماڻهن جي جيڪا اڪثريت غائب ٿيندي رهي ٿي يا جن فردن سان منهنجا ناتا اڻ وڻندڙ هوندا آهن انهن کي گم ڪرائڻ ۾ منهنجو وڏو هٿ رهي ٿو ۽ انهن مان وڏو تعداد ڀڳوان پرشوتم جي نوشڪي ۾ موجود ”ڪوديجا هائوس“ منتقل ڪيو ويندو آهي، اهو آستان سڀ کان وڌيڪ محفوظ ۽ طلسماتي قسم جو آهي!

منهنجي منهن تي اڻ ويساهي ۽ اچرج جا گاڏڙ آثار ڏسي پانپي ورتائين ۽ ڪجهہ وڌيڪ ڇٽائي ۽ ڪليل انداز ۾ وضاحت ڪندي چوڻ لڳو، ”انڪل جي، اوهان کي بلڪل ڄاڻ ڪونهي تہ ”ڪوديجا هائوس“ ڪيڏو ڪشادو، بي انت، طلسمي ۽ اپار آهي. اهو نوشڪي اندر ائٽلانٽڪ سمنڊ جيان آهي!؟ ان اندر موجود سوڙهيون ويڪريون ڳليون، هڪ ٻئي کان ناواقف ڪمرن، منجهيل ست جهڙن دالانن، چبوترن ۽ تهخانن اندر تهخانن جي ڦهليل ڄار آڏو لکنو جي پول پليان، جئپور جو تاريخي اسرار ۽ پراسراريت سان ڀرور ڪل جا سم سم جهڙو عقل چرخ ڪندڙ آمر فورٽ، پيرس جو جڳ پر سڌ تاريخي پيچ دار تهخانن سان پُ ”بسائل“ (Bastile) جيل خانون ۽ يا ڪريٽ جي ٻيٽ ۾ ديو مالائي فنڪار ڊائيڊالوس (Dydalos) جي تعمير ڪيل حيرت ناڪ ۽ خوفناڪ پول پليان وغيره تيچ ۽ ٻي وقت پاسندا آهن.“

پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي حاجيءَ ان پراسرار ”هائوس“ جي تاريخ تي نظر ڊوڙائيندي چيو هو، ”محترم بزرگوار، ڀڳوان پرشوتم جي قديم بزرگن مان ڪنهن هڪ پنهنجي ڪشادي ۽ وسيع زمين جي ڪوٺائي هلندي زمين جي گهرن تهن مان ڪجهہ ٺهيڪ ٺڪيل ڪمرا دريافت ڪيا هئا، ان کان پوءِ سندس پر پر ڏاڏو، پر ڏاڏو، ڏاڏو ۽ بعد ۾ سندس پٽارنتن چند ڪوديجا ۽ سندس پائر بہ اهڙيون ڪوٺايون ڪندا رهيا هئا ۽ ان بعد ڀڳوان پرشوتم ۽ سندس پائرن کي بہ اهي ڪوٺايون باقي ”عادتن“ جيان ورثي“ ۾ مليون هيون ۽ هينئر اها جاءِ توهان آڏو ”ڪوديجا هائوس“ جي نانءَ سان موجود آهي ۽ ان هائوس جي نسبت سان هنن پنهنجي ذات (Surname) بہ ”ڪوديجا“ رکي ڇڏي آهي.

ان ڪوديجا هائوس ۾ انيڪ قيدخي جيو جيڪي سرڪاري تابعداري کان قاصر هوندا آهن يا تاوان جي رقم ڪونه ڏئي سگهن ٿا اهي جنسي تلاش بٽيل اُڄ ۽ بک ۾ پاهه ٿي ڦٿڪي ڦٿڪي اتي دفن ٿيو ويندا آهن!

هن انڪشاف ڪندي وڌيڪ ٻڌايو هو محترم توهين ڊاڪٽر غٽ غٽ پاڻيه ڪي ته چڱي ريت سڃاڻيندا آهيو. هڪ ڀيري هو مختلف برادرين سان لاڳاپيل ستن حسينائن سان ڏکي ٿيپي، دوران رنگ رليون منائيندي پڪڙجي پيو هو، پر قسمت جي وا وري سبب بچي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڀڳوان پرشوتم ڪيس ڪوديجا هوائس ۾ پناهه ڏياري هئي چو جو اها بلوچن جي رويت ليکبي آهي، پر ڪجهه ڏينهن جي ڪوتائيءَ ڪيس هيٺو ۽ مايوس ڪري ڇڏيو هو ۽ اتان ڀڃي واپس موٽي آيو ۽ چوڻ لڳو:

”ڪوتائي گورڪن جو پيشو آهي، منهنجو ڪسب ۽ ڪرت ته جسم جا لاها چاڙها ڏسڻ، ۾ ان جي اڻڏٺل ۽ اڻ ٻڌل ڪندن، زاوين، پيچدار ماترين ۽ ٽڪندي مرڪبن جي جستجو ئي مسلسل ڪرڻ آهي!“

اهو چوندي هن موقعي جي مناسب سان هيٺيان شعر ٻڌائيندي پنهنجي ڏانوَ ۽ ذات جي وضاحت ڪئي هئي.

*جنت میں شرابِ ارغواں بھی ہے یہی، اور مصرفِ خوراں جنان بھی ہے یہی*
*ترکِ مئ وشاہد سے یہاں کیا حاصل، جب عاقبتِ کار وہاں بھی ہے یہی*
*دو دن میں بھی گر میسر آئی اک ناں، اک مئ کا سبو اک بکری کی ران*
*اک گوشۂ خلوت اور اک محبوب، پھر تو کوئی شاہ ہے نہ مجھ سا سلطان*
*جو کہتی ہیں، خُلد عشرت افزا گھری، اور مرکزی حوراں مئ وساغر ہے*
*یارو! انھیں کہنے بھی دو، تم جام اٹھاؤ، اک نقد ہزار اُدھار سے بہتر ہے*

ان دوران الحاج خان محمد قنڌاري جي ذهن تي هڪ بي پراڻي يادگيري ٻڌندڙ ٻيڙي جيان ذهن جي پردي تي ايري آئي ۽ چوڻ لڳو، محترم سائين هڪ ڀيري ڪنهن جي ڇٽي جي موقتي جي دعوت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڀڳوان پرشوتم جو بيٽيويو ڊاڪٽر وچايل آسمان پير ڳوٺي ۽ سندس ڌرم پتني شريمتي سڪمني ديوي ڪوديجا ۽ ڀڳوان جو سنڌو ۽ ڪنڌ ڪوٽ جو مشهور ويد چتر پتي مهاراڻا پرتاب سنگهه ۽ سندس ڌرم پتني شريمتي درگا ديوي ڪتار والي ڪوديجا هائوس نوشڪي پهچي ويا. اها سندس بدقسمتي هئي جو ڇٽي جي رسم کان اڳ ۾ ئي ڳالهين ڳالهين ۾ هو ان ”ممنوع علائقي“ اندر پهچي ويا، جنهن ۾ جيڪڏهن حضرت آدم به زنده هجي ها ته ڪيس به داخل ٿيڻ ڪونه ڏنو وڃي ها ۽ گم ٿي ويا. ڪوديجا ڪٽنب جي سپني پاتين سندن ڳولا ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو، الائجي ڪٿان ڪٿا نپيرو ۽ ڪوجي گهرايا ويا پر گم ٿيل ٻئي جوڙا ڪين لڀي سگهيا، آخر ويهن ڏينهن جي مٿاڪٽ بعد آمريڪي سفارتخاني ڪي عرض ڪيو ويو جنهن هيروئن سنگهڻ وارا ست عدد ڪتا سندن حوالي ڪيا. آخر ڪلر انهن ڪتن جي نوس نوسي مدد سان ٻئي جوڙا اهڙي درگتي ۾ مليا جنهن حالت ۾ شرومني گردواره پر ٻنڌ ڪاميٽي جو اڳوٽي انقلابي ليڊر ماستر تارا سنگهه پنهنجي مرڻ ورت دوران ڏنو ويو هو، پروفيسر گم گشته جمالديني چواڻي ”جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن وڌيڪ اوير ٿئي ها ته وڏو ويل ۽ انڌير ٿي وڃي ها“.

هنن ٻنهي مخدوش جوڙن کي هڪ پل جي ويرم کان سواءِ پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن Despatch ڪيو ويو هو، پر ان ڊرامي جو ڊراپ سين اهو ٿيو جو ست ئي آمريڪي ڪتا، ان ٽڪائيندڙ ۽ اڻ ڪٿ تلاش دوران ڪوديجا هائوس جي الائجي ڪهڙي تهخاني، ٻارهه دري، چوباري ۾ وڃائجي ويا ۽ اڃا تائين ڪونه لڀي سگهيا آهن!

مون ۾ هڪ چڱي يا بري عادت آهي ته گفتگو دوران مختلف موضعن يا سرن بابت ڪئي ڳالهيون، يادون لاشعور مان شعوري سطح تي اڀرڻ لڳنديون آهن ۽ جيڪڏهن انهن ڪي لکت جي پڪڙ کان ٻاهر رکبو ته من هنجي خيال مطابق، اها ادبي بد ديانتي تصور ڪئي ويندي. ان ڪري ڀڳوان پرشوتم متعلق اهي يادون جيڪي Dorment حالت ۾ ڪنڌ پاسيرو هيون سامهون اچيو بيٺيون آهن ته انهن ڪي به لکت جي پڪڙ ۾ آڻڻ لازم آهي.

اهو سوچيندي مون ڀڳوان سان پنهنجي ڳالهه ٻولهه جو سلسلو جاري رکندي چيو، ”ڀڳوان جي، مون کي چڱي ريت سڌ آهي ته تو کي اڇين يا سفيد شين سان گهڻو چاهه آهي، جهڙوڪ اڇو هاٿي، اڇو ٻگهلو، اڇو بوٽ، اڇو رڇ، اڇو واڳڻ، اڇو گهوڙو، اڇو اُٺ ۽ اڇو ڪوڙ!

اهو ئي ڪارڻ آهي جو جڏهن تو ستي سيتا ديوي سنا شادي ڪئي ته سندس گلابي مائل اڇي رنگت تي موهجي ويو هئين ۽ تنهنجي پنهنجي رنگت ڪاراڻ مائل سانوري هئي“. (هڪ ڀيري جو ذڪر آهي ته جڏهن گوسوامي پي داس نتا سنگهوي ساٽس ملڻ لاءِ سندس گهر ويو هو ته دروازو اندران بند هو. هن جيئن دروازي کڙڪائڻ لاءِ هٿ وڌايو ته اندران سڏڪن ۾ جهونگهارڻ جو پڙلاءُ سندس ڪنن تي پيو، هن دروازي جي ڀڳل وٿي مان پنهنجي گناهگار اکين سنا ڏٺو ته ڀڳوان پرشوتم ڪٽ جي سيرانڌي کان فاتحانا انداز ۾ وينو هو ۽ پاپي سيتا پيرانڌي کان ويٺي سڏڪا ڀريندي ۽ ٻئي هٿ مٿي ڪنيون ڀڳوان جي منهن ڪي تڪيندي درديلي نوع ۾ جهونگاري رهي هئي:

*میں نے چاند اور ستاروں کی تمنا کی تھی*
*مجھے راتوں کی سیاہی کے سوا کچھ نہ ملا*

اها به ٻڌائڻ جوڳي ڳالهه آهي ته پاپي سيتا انگريزي ادب ۾ ماسٽرس جي ڊگري يافته آهي. مندر ۾ داخل ٿيندي ئي ايشور جي مورتي آڏو هٿ جوڙي انگريزي زبان ۾ پرارٿنا کي ترجيح ڏيندي آهي. هيٺ ڄاڻايل انگريزي گيت بلند سر ۾ جهونگاريندي ڏسي سگهجي ٿي:

(O, I will drink of the wan water,
And eat of the bread of bran
And aye will I bless the happy hour
That ever I loved a man.)

اهي ٻئي شعر ٻڌڻ بعد ايئن ٿو لڳي ڄڻ ستي سيتا جي شخصيت به ڀڳوان پرشوتم وانگر تضادن جو عجب مرڪب ۽ مجموعو آهي.

”ڀڳوان تنهنجو مسئلو قطعي طور ’موروثي‘ ۽ موتمار آهي، اها ڳالهه مان ايمانداري، تجربي، سچائي ۽ ڪنهن رک رکاءَ کان سواءِ ان ڪري چٽيءَ طور چئي رهيو آهيا نته جيڪڏهن ڪا ڀُل چُڪَ يا دير ٿي وڃي ته منهنجي ضمير منهنجو من مونکي ڪڏهن معاف ڪين ڪندو“ اهو ٻيو ڌماڪو ڪرڻ بعد مون ڪيس وڌيڪ چيو، ”مان اها رات ڪڏهن وساري ڪونه سگهندم جڏهن تون مونکي ۽ ڊاڪٽر ساري گاما قلاتي کي دوستي جي ناتي زور ڀريندي چيو هو ته ڪنهن دواساز ڪمپني پاران ڪنهن هوٽل اندر ڊنر جو بندوبست ڪيو ويو هو ۽ سندن طرفان ذهين ۽ دانشور دوستن کي به مدعو ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو، ان سبب ڊنر ۾ اسان جي شامل ٿيڻ تي بيحد زو ڏنو ويو هو. جيتوڻيڪ اسان پنهنجي معذوري ظاهر ڪئي هئي سون، پر تون زور ڀريندي چيو هو ته اسان کي پنهنجي گهرن مان Pick ڪرڻ لاءِ پاڻ ايندين.

اسان گهر ۾ ماني لاءِ منع ڪري ڇڏيو سين ۽ جڏهن ڏهين بجي تائين ڪونه آئين ته ستي سيتا کان فون تي پڇڻ سان سُڌ پئي ته تون اٺين بجي ئي هوٽل لاءِ روانو ٿيو هئين! ۽ اسين ڪڪاوڪا ٿي لنگهڻ ڪيندي سمهي رهيا سون!

ٻيءَ صبح جڏهن اسين ٻئي ڄڻان مايوسي ڪاوڙ ۽ بي عزتي جي گڏيل احساس سان تنهنجي مطب اندر داخل ٿيا سون ته دستور مطابق تون پنهنجي پيروڪارن، شاگردن ۽ شرڌالن جي وچ ۾ راجا اندر جيان براجمان هئين. جڏهن گذري رات جي واقعي جي شڪايت شروع ئي ڪئي سون ته اسان جي ڳالهه وچ ۾ ڪٽيندي چيو هيائين، ”انڪل جي، ۽ ڊاڪٽر صاحب مان ته ازخود پاڻ توهان ٻنهي کي گهران ڪٽي پنهنجي گاڏي ۾ هوٽل وٺي آيو هئس، هتي سپني گڏجي ماني کاڌي سون ۽ سٺي تز دانشوراڻا گفتگو به ٿي هئي، هنن سپني کان پڇي ڏسو، هي سپئي به موجود هئا!“ ان ڳالهه تي سپني گڏجي، ساٽس يڪراءِ ٿيندي اسان جي موجودگي جي تصديق ڪئي هئي!

”هڪ بي ڳالهه ياد آئي اٿم، گذريل سال لاهور ويو هئس جتي تنهنجا پائيوار روشن منار صديقي سان ملاقات ٿيم جيڪو پنهنجي گهر وٺي ويو هو ۽ اهو به ٻڌايو هئائين ته تون به ڪنهن سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڊاڪٽر تڪ ڏنا ڏن قلاتي، ڊاڪٽر بدحال جيڪب آبادي ۽ ڊاڪٽر گرو گهنٽال ڪاشموري سان گڏ آيل هئين ۽ رات جي ماني جو اهتمام روشن منار جي گهر تي ٿيل هو ۽ مون کي خلوص ۽ پيار سان شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو ويو هو، ان کان اڳ ۾ مون روشن منار صديقي کان پڇيو هو ته آيا اهو بنگلو ڀڳوان ۽ سندس گڏيل ملڪيت هو؟ جواب ۾ وراڻيو هئائين ته پنجويهه هزار رپيه ماهاني پاڙي تي ورتل هو.

رات جو ڊنر ٽيبل تي جيئن ئي سڀ ويهجي ويا سون ته تون وڏي واڪي اعلان ڪندي ٻڌايو هو ته هيءُ بنگلو ۽ ان اندر ڪمپني جو دفتر اسي لک رپني ۾ خريد ڪيو اٿم! ويچارو روشن منار حضور شرمي سبب ان جي ترديد ڪونه ڪري سگهيو هو“.

”هڪ ڀيري تنهنجو ننڍو ڀاءُ شاباش ڪوديجا پنهنجي ۽ پنهنجي زال ٻارن جي ويرا وٺڻ لاءِ اسلام آباد وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو، مون به ڪيس عرض ڪيو ته منهنجي ڌرم پتني جا ڪاغذ به پاڻ سان ڪنيون وڃي ۽ هن امالڪ حامي ڀري ورتي، مون ڪيس اهو به چيو هو ته ڀرپائين پنهنجي ويزا حاصل ڪري ۽ پوءِ منهنجا ڪاغذ جمعي ڪرائي. جيڪڏهن ويزا نه ملي سگهي ته ڪا فڪر جي ڳالهه محسوس ڪونه ڪبي. صرف اسلام آباد اسهڻ کان هڪ به ڏينهن اڳ ۾ ٻڌايو وڃي ته جيئن ڪاغذ سندس حوالي ڪيا وڃن. ان کان پوءِ اسين اڪثر رابطي ۾ رهندا هئاسون.

هڪ ڏينهن شاباش جي ڌرم پتنيءَ ذاتي ڪم سانگي فون ڪيو. منهنجي پتني جي پڇڻ تي سادگي ۾ ٻڌايائينس ته شاباش سياڻي اسلام آباد وڃي رهيو هو. اسين ڪڪاوڪا ٿي وياسون. صبح جو شاباش سان رابطو ڪيم ته اچرج ۾ پئجي ويو ته سندس وڃڻ جي خبر ڪيئن پئي هئم. هن پاڻ کي Recompose ڪندي چيو، انڪل ٽڪيٽون ضرور بڪ ڪرايون اٿم پر، ارادو ڪچو پڪو آهي! ۽ هو هليو ويو!!"

يادون مينهن ڦڙن جيان بي روڪ ايندي رهيون.

"ڀڳوان جي، هڪ ڀيري تنهنجو پتامهاشيه رتن چند ڪوديجا نوشڪي مان ڪوئٽه آيو هو. مون محبت ۽ لاڳاپيداري جي خيال کان خلوص نيت سان ڪيس شام جي چانهه پاڻي جي دعوت ڏني هئي جيڪا قبول ڪئي هئي. دستور موجب ان دعوت جو شايان شان بندوبست ڪيو ويو. پر حيرت جي ڳالهه آهي جو رات جو ڏهين بجي تائين سندس انتظار ڪيو ويو پر هو نه اچي نه آيو! اڳئين صبح سندس پٽ ڪالو رام دارو والا سان شڪايت ڪئي وئي ته سندس ئي وسيلي عذرِ لنگ سان گڏ "بي جان" معافي جو اظهار ڪيو ويو ۽ ان سان گڏ ساڳي شام جو ٻيهر چانهه پاڻي جي رعوت قبول ڪئي وئي. ٻيهر "ايڪشن ري پلي" ورجايو ويو ۽ ٻيهر شريمان رتن چند ڪوديجا رات جي ٻارهين بجي تائين به ڪونه آيو ۽ نه ئي فون تي ڪونه اچڻ جو اطلاع ڏنو ويو! تڪليف ۽ بي عزتي جي گڏيل جذبن دماغ کي بي حال کان بدحال ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ٻيءَ صبح جو ڪالو رام دارو والي سان سخت لفظن ۾ سندس پيءُ جي بدعهدي ۽ بدتميزي جي شڪايت ڪئي وئي ته هن ٻٽيهي جي نمائش ڪندي چيو هو. "انڪل جي، ڊيڊي ته ڪالهه صبح جو ئي نوشڪي روانو ٿي ويو هو. شام جو توهان وٽ ڪيئن اچي سگهي ها!؟"

جهڙي ريت حيات جي advanced stage تي متعدي بيماريون لاعلاج ٿي ويندي آهن تيئن هيءَ Hereditary malady ڪنهن به طور پنهنجي جسماني ۽ ذهني ناڪاري، گهاتڪ، تڪليف ڏيندڙ ۽ بُرن اثرن جي لحاظ کان ڪنهن طرح گهٽ ڪونهي! هتڙي مونکي مشهور اديب ۽ دانشور خوشونت سنگهه ياد اچيم پيو جنهن اهڙي قسم جي ماڻهن لاءِ name-dropper لفظ استعمال ڪيو آهي ۽ سندس چواڻي اهڙا ماڻهو حد درجي خود غرض، ڪوڙا، اڻ ويساها ۽ ٺڳ هوندا آهن.

مون پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو. "ادا ڪجهه ڏينهن اڳ ڊاڪٽر تڪ ڏنا ڏن قلاتي جو پيٽيو گذاري ويو هو. اوهان جو ننڍو ڀاءُ هِپ هِپ هُري ڪوديجا نوشڪي کان ڪوئٽه آيو هو ۽ هن ڊاڪٽر موصوف کي فون ذريعي اطلاع ڏنو ته هو رات جو ٻارهين بجي سندس گهر تي افسوس ۽ پرچائي ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندو پر سڄي رات گذري وئي، صبح صادق به نمودار ٿيو پر هپ هپ هري جو ڪٿي نانءُ نشان ۽ بوءِ باس نظر ڪونه آئي! البت ڪالو رام دارو والي ٻڌايو هو ته هو صبح جو ڪرٽو ڦٽندي ئي ذاتي ڪم سان دبئي لاءِ روانو ٿي ويو هو!!"

ڀڳوان پرشوتم جي وڏي ڀيڻ شريمتي گهپلا ديوي ڪوديجا پنهنجي پتي ديو شريمان وڏروهي ڪتاريه سان ناراض ٿي ڪري گهر کان بي گهر ٿي هري دورار جي هر جي پوڙي پوئتان پهاڙي تي جوڙيل منشا ديوي جي مهامندر کان ڳپل پنڌ تي هڪ ويران جابلو گفا ۾ آباد ٿي وئي آهي! ان گفا اندر ڏينهن رات ڪيرتن ۽ هٺ يوگا، پراڻا يام يوگا، ڪنول يوگا، ضيش ناگ يوگا، شيرس آسن يوگا، ناپا يوگا، گنڌروا يوگا، اپسرائي يوگا، ڌيان منگلم يوگا وغيره ۾ منوڪامنائون پوريون ٿيڻ تائين بقول شخصي ڪئي ورهين کان مگن آهي، پر بدقسمتي سنا اجا تائين موروثي ڪوڙ (Genetic lie) جي پٽڙي ۽ جميل مادي اندر ننهن کان چوٽي تائين گُتل آهي. هن پوتر آستان جو اثر به ڪيس ڇوٽڪاري ڏيارڻ ۾ اجا تائين ڪارگر ثابت ڪين ٿي سگهيو آهي. هڪ ڏينهن مان ساڻس ملڻ لاءِ گفا جي اندر هليو ويو هئس ۽ ڏٺم ته گفا اندر اڪيون ٻوٽي هڪ ٿنگ تي ٻگهلي پڳت جيان بيٺي هئي، ڏکها ڏکها ساهه ڪٽي رهي هئي ۽ هر نڪرندڙ ساهه جي جهوٽي مانب هر هر مهاديو، جي ڌوني وهندڙ مادي جيان وهي رهي هئي! جڏهن پنهنجي يوگ آسڻ مان بيدار ٿي هئي ته مون ڪيس چيو. "گهپلا ديوي، تون هن مسئلي ڪي سلجهائڻ لاءِ ڪو ٻيو مضبوط ۽ شڌ اپاءُ ڇو نه ٿي اختيار ڪرين؟" اهو ٻڌندي ئي هن اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي چيو هو. "انڪل جي، هيءَ روڳ منهنجي نس نس ۾ ڪاري نانگڻ جي زهر وانگر ڦهلجي ويو آهي، جيستائين ڪوڙ نه ڳالهيايان، ڪنهن جي گهر ڪي چوچڙي نه ڏيان، ڪنهن جي گلا غيبت نه ڪريان، شانتي ڪونه ملندي اٿم، دل ۽ دماغ تي ڄڻ ڀاري بوجهه هوندو اٿم. رات جو خواب ۾، هر سمئي، بي جمالو يا نارد منيءَ کي ڏسندي آهيان جيڪي هينئر منهنجا آدرش بڻجي چڪا آهن. هن اپار دک جي مهاساگر ۾ غُطا ڪائيندي هر وقت پنهنجي دل کي ڪرچيون ڪرچيون ٿيندي ڏسندي رهان ٿي ۽ ٻليءَ جيان پنهنجي پيڙا جي تسري ڇتيندي رهان ٿي! مان لاچار ۽ بي وس آهيان!!" ۽ پوءِ بي اختيار روئڻ لڳي. ان سلسلي ۾ هن انڪشاف ڪندي اهو به ٻڌايو هو ته ، "انڪل جي، ڪنهن ماڻهوءِ هري دورا واري گروشري رامديو سان به صلاح ڪرڻ لاءِ چيو هو. سوامي رامديو ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو ته ڪنهن طرح ان ندوري بيماري کان جان آجي ٿئيم پر ڪو ڪلياڻ ڪين ٿي سگهيو، بلڪ هينئر سوامي رام ديو پاڻ خود ان متعدي بيماري ۾ جڪڙجي ويو آهي! هينئر جنهن مهل ڪو ماڻهو ساڻس ملڻ لاءِ ويندو آهي ته صرف سندس منڊي نظر ايندي آهي باقي سمورو ڌڙ ان پٽڙي مادي ۾ ڇڙيون هڻندو نظر انيدو اٿس!"

ارڙهين صدي ۾ پولنڊ جي اڳوڻي جلاوطن بادشاهه "اسٽينس لازيڪزنسڪي" فرانس جي شهنشاهه "لوئي پندرهين" جيڪو سندس ناٺي به هو، جي شان ۾ سندس خوشنودي لاءِ مارسيلز جي پسگردائي ۾ هڪ خوبصورت محل تعمير ڪرايو هو جنهن جي ڇٽني ڏسائن کان "لوئيءَ" جا سنگمرمر مان تراشيل سهڻا مجسما نصب ٿيل هئا ۽ هر هڪ تي الڳ الڳ لفظ اُڪريل هئا: شڪتي، ڏاهپ، انصاف ۽ شانتي!.

پر ڀڳوان پرشوتم جي وڏي ڀيڻ گهپلا ديوي جي ناراض پتي وڏروهي ڪتاريه پنهنجي خواهش جو اظهار ڪندي رشي ڪيش اندر پنهنجي گهر جي ڇت تي سندس صرف هڪ مجسمو ڪڙو ڪرايو آهي جنهن جي ڇٽني ڪندن کان هيءَ عبارت اُڪريل آهي! ڪوڙ، رياڪاري، دوکو ۽ غيبت!

هڪ ڀيري ستي سيتا چڱي موڊ ۾ هئي ۽ انڪشاف ڪندي ٻڌايو هئائين. "محترم انڪل، ڀڳوان جي وجود ۾ سندس پرکن جي گردش ڪندڙ گهاتي رت هينئر پاٽياٽ ۽ پٽري ٿي وئي آهي ۽ هڪ ڏينهن زور زور سان رڙيون ڪندي چئي رهي هئي، "ڪوڙ ڳالهائڻ جو منهنجوي هيءُ "کهنوروڳ" منهنجي وجود اندر "وراثت" ذريعي منتقل ٿيو آهي، مان ويچارو بلڪل بي وس ۽ لاچار آهيان!" مان ڪو وڏاءُ نٿي ڪريان، اها درد ڀري پڪار منهنجي گناهگار ڪنن ٻڌي هئي".

هڪ ٻئي دفعي ڪجهه هٻڪندي ستي سيتا کان پڇيو هئم "توهين اهو ٻڌايو ته جڏهن ڀڳوان جي باطن اندر "غير معمولي" رت ڇوليو پئي هني ته اهن کي ڪهڙي شئي مان آنند ۽ شانتي ملندي آهي: دولت، شهرت، اولاد يا پرکن کان رڳن ۾ گردش ڪندڙ رت سان؟" هن مرڪندي ،اُمالڪ چئي جواب ڏيندي چيو هو "دولت مان!"

اهو انڪشاف ڪندي هينئر ڪجهه بي ڊپي نظر اچڻ لڳي ۽ ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چوڻ لڳي، "انڪل جي، هيءَ ڪافي پراڻي ڳالهه آهي، ڀڳواڻ گردي جي تڪليف ۾ ونجي ويو هو، پر جڏهن ڊاڪٽر غٽ غٽ پاڻيه سندس الٽرا سائونڊ جي رپورٽ ۾ جاڻايو ته سندس بُڪي ۾ ڪرسٽل نما ڪا شاهي پٿري موجود هئي ته افسوس مان هٿ مهٽيندي چيو هئائين: ڪاش! اها ڊائمنڊ هجي!!"

ان گفتگو مان پنهنجي ذات اندر جرئت رندانه محسوس ڪندي ستي سيتا ڀڳوان پرشوتم جي "تاريڪ رخ" تي وڏيڪ روشني وجهندي چيو هو. "انڪل جي، زندگي اندر "ماياوي جيون" جو نڪتو يا سوچ سڀ کان وڏيڪ ٻلوان، پر اثر ۽ حقيقي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ باهه جي گرمي، زوراور لهرن جو شور، برف جي ٿڌاڻ يا بارش جي آلاڻ جي ڪا حيثيت ڪونهي، ڀڳوان جو مياوي جيون دولت سان بي پناهه لڳاءُ ۽ چاهت سان جڙي لاهي!" اهو چوندي سندس انداز فلسفياڻو رنگ اختيار ڪري چڪو هو. ڳالهه جاري رکندي پنهنجي پتي ديو جي بچاءَ ۾ ڪنهن حد تائين نرالي انداز ۾ قلابازي ڪائيندي ساڳئي فلسفياڻا انداز ۾ چوڻ شروع ڪيائين رهندو ته ڌرم اندر پتورتا استري لاءِ اهڙي قسم جي ناڪاري تابعداري لازمي ڪرم جو درجو رکي ٿي! "انڪل، اڪثر حساس سياءُ وارا ماڻهو ٽن قسمن جي خوف ۾ ورتل هوندا آهن: جسماني خوف، ذهني يا نفسياتي خوف ۽ ٿيون اهو جنهن کي گهريلو محاوري ۾ پيانڪ ڊيڄاريندڙ سپنن سان سمهندي جاڳندي واسطو هئڻ چئجي ٿو. اهي خوف ڪيس پراسرار هيجان ۽ پنهنجي ذات سان انو کي نفرت ۾ مبتلا ڪري رکندا آهن. انهن سان ويڙهاند خاطر سياڻا ماڻهو پاڻ کي مهاياري ڪمن ۽ برداشت کان ٻاهر عملن ۾ مصروف رکندا آهن. ڀڳوان به پنهنجي انهن بُلائن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ڏينهن رات ٿڪائيندڙ ۽ هڄائيندڙ ڪمن ۾ وڪوڙيل ۽ مصروف رکندو آهي. هيءَ ايئن ٿيو جيئن ٻلي کي ڏسي ڪبوتر پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيندو آهي.

(هلندڙ)

# پاتم جهاتي جهان ۾...




وجهه ۾ لڇمي جي وحشياڻا روئي ڪي پسي ان نڪتي ۾ ڏارا ڦاٽ ڪاڏو هو. هنن منهجي (بلڪ اسانجي) معصوم چاهت ۾ آزادي سان ويساهه گهاتي ڪئي. هڪ جي ذات ۾ ميداني علائقي جي آلودگي ۾ ٻئي جي بڻ ۾ وارياسي ڌرتي جي منافقت ۾ دولاب شامل آهن. سندن پيشانين تي ’سزا‘ ڪي آڪار وڻندي ڏٺو اٿم.

پل پل جي ڏيکاءُ ۾ جيئڻ جو مطلب آهي پنهنجي ذات سان، پنهنجي ئي هٿن ۾ ارادن ذريعي ٺڳي ۾ دوکو ڪرڻ. هونءَ چيو ويندو آهي ته پاڻ ڪي فقط پنهنجي پيارن آڏو ’ظاهر‘ ڪجي. ڪيڏي نه تنگ نظر سوچ آهي. جڏهن عام طور سموي انسان ذات ڪي پنهنجو سمجهجي ٿو ته پوءِ لِڪَ لِڪاءُ عبث ٿيو پوي ٿو. ان طريقي سان پاڻ ’ظاهر‘ ڪرڻ بي مقصد ڪونه هوندو آهي بلڪ ڪجهه ’ڏيڻ‘ جي آرزو اڃلون ڏيندي نظر ايندي آهي. ان عمل ذريعي ماڻهو جي سگهه، قوتِ ارادي ۾ ڪپٽ سان مهاڏو اٽڪائڻ جو عزم به بڪندو آهي جيڪو هر اوچي آفاقي قدر، آدرش ۾ حق جي حفاظت لاءِ ڪائناتي اصول ۾ عمل ليڪيو وڃي ٿو ۾ اهڙن ٻين ڪمزور ’ڀوڳنا ۾ مبتلا روحن‘ لاءِ به اُتساهه جو باعث بڻجي سگهي ٿو.

مون حيات اندر ’اڪيلائپ‘ سبب گهڻو ڀوڳيو آهي. پر، پنهنجي ’ڳُجهه‘ ڪي اندر ۾ سانڍڻ سبب اڪيلائپ جي ڀوڳنا يقيني طور پنهنجي شدت ۾ گهٽجي ضرور وئي هئي پر ڊبيل ۾ وڌندڙ اڳهائپ جي صورت ۾ وجود ڪي اڌوهي جيان لاڳيتو کائيندي، کوريندي به رهي آهي. هينئر ضروري آهي ته ’پاڻ پلٽي‘ ان بيهودي چڪر کان ’نروان‘ حاصل ڪرڻ جو جتن ڪريان. هينئر مان هر حال ۾ ’اڪيلو يا نا اڪيلو‘ پاڻ اٿلائيندو چوري وارن پساهن ڪٽڻ کان پاسو ڪري قلم جو ساٿ ۾ سنگ قائم رکڻ جو عزم ڪيو آهي. پوءِ نتيجو کهڙو به نڪري!! روشن ضميري ۾ زندگي لاءِ Thurst & Thirst (تاس ئي تاس) جي به ته اهائي تقاضا آهي.

سري رامڪرشن پر مهنس موجب، ”سچو ڏاهو انسان ڪنهن لاءِ به نفرت جي ڀاوَنا ڪونه رکندو آهي. ۾ پوترتا ڪي ڇُسائپ سان سلهاڙجڻ جو جتن ڪڏهن نه ڪرڻ جڳائي.“

ڏاهي انسانن بلڪ ديوتائن ڪي به جڏهن پنهنجن ۾ پراوَن کان رسيل چڪندڙ ڦٽ گهرا ٿي پيڙت ڪندا هئا، يا ويجهن کان پهتل رسوايون سندن آتمائن تي ناسورن وانگر چهٽي سمڻ لڳنديون هيون ته آپي کان نڪري انهن جي ’محرڪن‘ جو اگر تگر ناس ڪرڻ ۾ ڪا ويرم ڪونه وجهندا هئا. انهن مان ڪجهه ڀڄ ڀڄ ڪندڙ نانءُ هن ريت آهن:

آسڪروائلڊ، سيفو، لينن، موپسان، بالزاڪ، گاتيئر ، وسلر، گاگين، جارج سئنڊ، اندرديوتا، دروااسارشي، ڀڳوان پرسورام، ڀارگوَ رشي، سري رامچندر جي، ڪرشن مهراج، زيوس، شِوَ، اپولو، ڪالي ديوي، ايفروڊائٽي وغيره. هينئر اڄوڪي ڏاهي انسان لاءِ دنيا مخفي يا اسرار جيان ڪونه رهي آهي. پوءِ به الائجي ڇو هُو پاڻي تي ڦوٽي مثل ابديت ۾ پر مهنسي قسم جي آدرشواد جي تلاش ۾ سرگردان آهي.

هن مڙهه جهڙي ٻڻاس ۾ ساهه ٻوساٽجي ٿو...

ڪڏهن مجازي عشق جو جذبو ڦوهه تي پهچندو محسوس ٿيندو اٿم ۾ اڃهل خواهش جنم وٺندي ڏيکاربي آهي ته جيڪر حسين پيڪرن ۾ ائين جذب ٿي وڃجي جيئن روشني جي الڳ الڳ گولاين ۾ وجود ڪي وهندو محسوس ڪندو آهيان، سج جي ٽڏيرڙي نورانيت ۾ ماس جي گداز ملائمت ۾ پاڻ ڪي ڀوڳنائن سميت پگهرڻ جا چاهت ڪر ڪٽندي رهندي اٿم. سچي تمدن جو وارث، آلائشن کان پاڪ، صرف انساني بدن ئي آهي جيڪو اسان ڪي پنهنجي محدود حدن کان آگاهي بخشيندو رهي ٿو.

هڪ ياد ڪناري پيڙي تي اٿم. هڪ لڳا هماليه جي دامن ۾ ردر پرياگ ۾ سري نگر (گڙوال) جي وچ تي ايفروڊائٽي جهڙي حسين گنگا جي ايڪانت ۾ وهنتل ڪنٺي تي پاڻ ڪي بي لباسي ۾ اشنان ڪرڻ جي شديد خواهش اُڀري آئي هئم.

آلڊس هڪسلي جو خيال ڪيڏو نه دلڪش آهي، ”ڪنهن بري بوهيمئين، جڙتو امير ۾ ٻئي درجي واري دانشور جي پيٽ ۾ سنو نيڪ ’بورجوازي‘ ٿيڻ وڌيڪ بهتر آهي.“

اڄوڪي سياست ۾ انسان جي قسمت اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ آهي جيڪي ڪنهن آدرش يا عظمت کان وانجهيل آهن. اسان ڪي پنهنجي آدرشوادي سپنن جيان زندگي گهاري انهن ڪي عملي صورتگري ڏيڻ جڳائي.

انسان جي بري دردشا خلاف اٿاريل احتجاج اندر ئي انقلاب جو جوهر سمايل ٿئي ٿو. ان انقلاب جي گهڻ پاسائين رخ اندر فن ۾ مذهب جو ازلي متو ۾ متن به موجود هوندو آهي. انقلاب هميشه ديوتائن يا خدا خلاف ايندو رهيو آهي جهڙوڪ پروميٿس (انقلاب جو لازوال آدرش) ڪانپوءِ وغيره. دراصل اهو ماڻهو پاران انساني مقدر خلاف احتجاج هوندو آهي، تانا شاهه (ڊڪٽيٽر) يا سرمائيدار وغيره صرف ڪٺ پتليون ۾ بهانا هوندا آهن.

انقلاب جي روح يا جوهر ڪي سندن تاريخي صورتن ۾ به ماپي سگهجي ٿو. پر، ان لاءِ مارڪس جي جذبي ۾ عمل جي اشد ضرورت محسوس ٿيندي جنهن اندر صرف خواهش ذريعي ثابت ڪرڻ جي سختي سان منع ٿيل آهي. ان ڪي ان جي جوهر ۾ سَتَ ۾ سولائي سان پروڙي سگهجي ٿو. ان نقطي نظر موجب ڪو به فني شاهڪار جيڪو خوشي ۾ خوشحالي جو پيغام بخشي ٿو ان ڪي به انقلابي قرار ڏئي سگهجي ٿو.

هڪ چوٽي موجب عورت جو وات، جوانڻ ڇوڪريءَ جي ڇاتي، ٻالڪ جي پرارٿنا ۾ هَوَنَ جي اگن مان اٿندڙ لوباني دونهون نه صرف سدا پوتر ڄاتا وڃن ٿا

بلڪ انو ڪي انداز ۾ انقلابي بہ آهن.

ساڳيءَ طور جڏهن ڪو ماڻهو وقت جي ڪنهن ماپي ۾ پنهنجي ذات کان اوچو اُٿي فنڪار جي پد تي رسائي حاصل ڪري وٺي ٿو تہ ان بدلاءُ ڪي بہ انقلابي قرار ڏيڻ غلط ڪونہ ٿيندو جيڪڏهن تياڳ جي فڪر ۽ فلسفي ڪي بنان ڪنهن هٻڪ جي ناڪامي ۽ بزدلي سان تعبير ڪيو وڃي تہ ان عمل ڪي بہ انقلابي قرار ڏئي سگهجي ٿو. انقلاب تي ويچاريندي بادليئر ياد اچيم پيو جنهن، 'انساني حقن جي پڏرنامي' تي راءِ زني ڪندي آکيو هو تہ ان اندر بہ حق درج ڪرڻ وسري ويا هئن، "هڪ پنهنجي ذات جي ترديد ڪرڻ." ۽ ٻيو سنسار ڇڏڻ جو حق."

اسان ڪي جڳائي تہ ڪامياب انقلاب جي شڪتي ڪنهن طبقي ڪي سونپڻ بجاءِ زندگي ڪي اوسر جو موقعو ڏيڻ لاءِ عطا ڪئي وڃي.

قديم ڪورنٿ شهر ۾ بہ اڏيت عبادتگاهون هڪٻئي سان گڏ بيٺيون نظر اينديون هيون. ٻيهر هنسا (تشدد) جو مندر ۽ ٻي 'ضرورت' جي عبادت گاهہ. اهو بہ ذري گهٽ، ناڪاري قسم جو، انقلابي منظر هو.

ڪٿي پڙهيو هئم تہ هڪ ڀيري روينا (Ravena) شحر جا رهواسي مقدس alter تان ٻرندڙ موم بتيو لاهي شاعر ڊانتي جي قبر تي آيا ۽ اهو چوندي ان مٿان روشن ڪيون هئائون، "اي شاعر، تون مصلوب ٿيل عظيم انسان کان مٿيرو آهين." اها بہ هڪ انقلابي ٻرانگهہ هئي.

'نراسائي' جي جڪڙ ۾ ڦاسي- ۽ ڪٿان روشني جو ڇٽي ايندڙ تروروپسي سوچيندو آهيان تہ اها ندوري شيءِ 'احساس' جو درجو رکي ٿي، انڪري ڪيس دائمي حالت قرار ڏيڻ ڀُلَ آهي. ڪوئي بہ جيوَ عام طور مايوسي جي گهيرا بندي ۾ هميشہ ڪونہ هوندو آهي. احساسن جي اجهل رواني شين جا رجاعي ۽ تابناڪ رخ پسائيندي رهندي آهي. گهڻو ڪري عام چُسائپ، رت پياڪ بزدلي ۽ حد کان وڌيڪ سادگي وچڙيل انساني مسئلن جو حل رتوڇاڻ ۾ تلاش ڪندي رهي ٿي.

موت کان 'پو' جي عنصر، يا ان خصيص 'بدلاءُ جي پاڇي' ڪي ضرورت کان وڌيڪ عزت افزائي بخشڻ ٿيندو، جنهن ڪي مناسب نٿو چئي سگهجي. گستاوَ فلابيئر پنهنجي پياري دوست 'لي پوئيتون' جي موت تي چيو هو، 'دري بند ڪري ڇڏيو، ٻاهريون ڏِکُ گهڻو حسين آهي."

'پؤ' جي بنياد تي قائم ڪرايل 'عزت' کان وڌيڪ نفرت جو ٻُو ٻيو ڪو عمل ڪونهي. ٽي.اي لارينس ڪيڏو نہ وٽندڙ سپنو ساپيان جيان پيش ڪري ڏيکاريو آهي، 'المئي ڪي ايڏو عظيم بڻايو جو بدقسمتي ڪي لت هڻندو ڏيکارجي.'

موت، پؤ ۽ الميئي جي پردي مان پٽو (ذوالفقار) ۽ نيپولين نروار ٿيندا ڏيکار جنم تا.

"فانٽينيز، سُڌِ اٿئي تہ دنيا ۾ ڪهڙي شيءِ وڌيڪ اڇرجدائڪ لڳندي اٿم؟"

نيپولين چيو، "ڪنهن شيءِ يا نظام ڪي قائم رکڻ ۾ فوج جي نااهليت! دنيا اندر صرف بہ قوتون آهن: تلوار ۽ ذهن. لاڳيتي جدوجهد جي آخري نتيجي ۾ ذهن هميشہ تلوار مٿان سوپارو ٿيندو رهندو." ڪيڏو نہ املهہ خيال آهي. ٻئي طرف اَپوَترتا، ڏانڌلي، زورازوري ۽ ڪنهن حد تائين سياسي ساجاهہ ۽ دانشوراڻا ڪلچر پٽو جي فطرت ۽ سياءُ جا ائين اڻ ٽٽ جزا هئا جيئن ڪائنس گهڻو اڳ ۾ (1417ع) اٽلي جي ڪنهن رياستي حاڪم جي ملاتيستا (J.Malatesta) جي وجود جو حصو هوندا هئا. هونءَ بہ گهڻن ماڻهن ڪي اها سُڌِ ڪونهي تہ سياست اندر 'برابري' (Equality) واري متي جا اهڙا انيڪ قسم آهن جيڪي آزادي جي نفي ڪندڙ ٿين ٿا. جيئن قديم يونان اندر آزاد انسان موجود هو پر، ساڻس گڏ غلامن جو بہ انبوهہ هوندو هو. ڪڏهن بہ انسان جي آزادي جي خواهش ڪي ان بهاني راد نہ ڪرڻ جڳائي تہ هُو ان جو استعمال صحيح ڪونہ ڪندو. شايد اهو ئي ڪارڻ هو جو گوئٽي سياست ڪي شاعري جو موضوع بڻائڻ کان نابري واري.

ڪراچي جي ڇچريون ڇچريون زندگي ۾ پنهنجو حال بہ گهڻو مختلف ڪونهي. ڪيئي عڪس ٺهندا ڊُڙندا نمودار ٿيندا رهن ٿا. ممبي جي ياد تري آئي اٿم. جوهُو جي ساحل تي چانڊوڪي رات جي ڪوريل خاموشي ۾ سمنڊ جا اُپريل اُرهہ جا بجا چلڪندا پئي نظر آيا ۽ پرسان نازڪ چيلهہ جهڙن ناريل جي نچندڙ وڻن جو ڪتڪتائي پيدا ڪندڙ منظر ۽ چادر جيان وچايل واري مان اٿندڙ عجب خوشبو نشي آور ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي هئي.

اسلام آباد جي پٿر ۽ ڪانڪريٽ مان جوڙيل فيصل مسجد ڊگهي ٿيندڙ آڱر جيان اُڀ ڏانهن، خار مان، اُگرو اشارو ڪندي ڀاسندي اٿم! ان اندر مابعد الطبيعاتي، اخلاقي ۽ عباسي دور واري جمالياتي ڪيفيت بہ جهلڪندي ڏيکاربي اٿم.

قديم يوناني شاعر پندار (ڇهہ سو ق.م) جو هيٺيون شعر جڻ ويدڪ سلوڪ پيو ڀاسي:

"او منهنجي زندگي! غير فاني رهڻ جي چاهت ڪي پٺي ڦِٽو ڪر، صرف ممڪنات جي حدن ڪي ڇُهڻ جو سعيو ڪندي رهہ."

ههڙي من موهن مُڪَ ڪي زندگي گهارڻ جو موقعو ئي ڪين ملي سگهيو. سندس اڻ ڳاتل گيت ۽ دلڪش هرو، اونهاين مان وهندڙ سندس سُريلو آواز، پکيءَ جهڙي سندس آزاد زندگي- مان بہ تہ اهائي ٿي چاهيم.

انهن انسن ۽ سوچن کان آجڪائي؟ هن جهان ۾ ناشدني. اڳتي بي انت گهگهہ اونڌهہ! سنسار اهڙو منظرنامو بڻجي ويو آهي جيڪو سمورو ئي اجنبي ۽ اوپرو ٿو لڳيم.

هن جڳ مان حاصل ٿيل موڙي: جم ۽ موت- ۽ وچ واري وٿي ۾ ڏور ٿيندڙ 'حسن' ۽ اوڏو ايندڙ 'اُداسي'.

مون مٿان عيسائيت جو گهرو اثر ان ڪري ڪونهي تہ اهو دنيا جو عظيم، يڪوجوديت ۾ ايمان رکندڙ مذهب آهي. بلڪ انڪري آهي جو ان 'انسان' ڪي خدا ڪري پيش ڪيو. پر افسوس جو ان جي سچائي ۽ عظمت صليب واري واقعي ڏنڌلائي ڇڏي. جنهن ۾ ڪيس 'پاڻ، پنهنجي ذات ڪي وسارڻ' جي سلسلي ۾ ٻاڌائيندي ڏيکاريو ويو آهي. اگر اسين نئين عهدنامي جي آخري صفحن ڪي 'ڊِڪي' ڇڏيون تہ پوءِ عيسائيت 'تنهائي ۽ انساني دٻدٻي' وارو مذهب نظر ايندو.






## منتظر گولو

نہ بدلائي سگهيو ڪوئي، اسان جي زندگي جانان
اسان جو روح مهڪايو، اوهان جي سادگي جانان
اسان جي سوچ جي ٻڪ ۾ سدائين جا رهي آهي
اها سهٽي، ۽ من مُهٽي، اوهان جي دلڪشي جانان
نہ سپنا ٿا جڙن هاٽي نہ ئي آزار ٿو چپڪي
نہ ٿو ڇاٽان قحط ۾ چوهان، رٺي ٿو شاعري جانان
چپن ڪي ڪجهہ تہ ڪر ويجهو، چپن جا چنڊ ڪر روشن
انڌيري رات من ۾ آ، ڪيو ڪا روشني جانان
نہ ڪنهن جي ياد جي سردي، نہ ڪنهن جي پيار جو تڙڪو
اهو ماڻهو نہ ماڻهو آ، نہ ڪئي جنهن عاشقي جانان
پکي، ماڻهو، سڳنڌ، ساوڪ، چميون، پاڪر وچوڙاڪي
سدا پر ۾ ڪٽي هلندي، اسان جي شاعري جانان.

"پاپ کان آجڪائي حاصل ڪري ماڻهو ڪڏهن جيئرو رهي ڪين سگهندو. سندس جياپو تقدس کان چوٽڪاري سان سلهاڙيل آهي." ان نڪتي ڪي ائين ڪري سمجهجي جيئن 'جاودانيت'، 'ابديت' ۽ 'لافانيت' واري سوچ يا نظرئي جو مستقبل واري جي گهر جيان آهي. ان کان علاوه آدم ۽ حوا جي ابتدا بہ تہ پاپ تي بيٺل سوچ سان ئي تہ ٿي هئي.

جيڪڏهن مغربي فن ڪي ڳوڙهائي سان ڏسبو تہ هو اسا جي تصور ڪي 'نمونن' جو اڻ کٽ ڀنڊار پهچائيندو رهيو آهي. ۽ عام طور ان جي ادبي تاريخ ڪي بہ واچڻ سان سُڌِ پوي ٿي تہ اها بہ اهڙن نمونن تي بيٺل مختلف لاڙن روين ۽ موضوعن جو اظهار ڪرڻ ۾ ڪائنس پٺتي ڪونهي. گهڻو ڪري اولهہ زندگي جي جزيات ڪي بہ انهن مهانَ ۽ نامياري نمونن ۽ عڪسن ڪي تقويت بخشيندو ڏيکارجي ٿو. جهڙوڪ، فائوسٽ، منفريڊ، يا وان، نارسيسس وغيره. بعض اوقات انهن عڪسن سان نباهہ ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب ڪونہ ڏيکاربو آهي. صرف انهن سان ايڪي ۽ اتحاد جي پريت لڙي قائم رکڻ جي جستجو ۾ يڪساهي هلندو ڏيکاربو رهي ٿو. ان پٽ ڪوهہ ۾ انيڪ فلمي هيرو جهڙا ڪردار بہ سرجيندو رهي ٿو.

قديم يوناني ڏاهي ۽ دانشور پلوٽارڪ مشهور يوناني سورمي ۽ ساجاهہ وند 'السي بيئيڊسن' جي حيات بابت ڄاڻائيندي لکيو هو، 'اسپارٽا ۾ رهائش دوران هو ڪسرتن ۽ بدن جي ورزشن ڏانهن هڪ منو ٿي ڌيان ڏيندو هو انڪري سندس جسم ڦڙتيلو ۽ رڪ جيان سخت هو. 'آيونا' ۾ رهڻ دوران عياشي راڳ رنگ ۽ بدمستي سندس سنگي ۽ ساٿي هوندا هئا. 'ٿريس' وارن ڏينهن ۾ 'پيئوڙي يار جيئوڙي يار' سندس متو هوندو هو. 'ٿيسلي' ۾ قيام دوران گهوڙي سواري ۽ پاڻ هم معنيٰ بڻيل رهيا ۽ جڏهن ايراني امير ۽ حاڪم 'ٽيسافرنيس' سان هم مشرب بڻيو هو تہ ايرانين جي

ڏبدبي، جاهه ۽ شان ۾ ڪائنئن گوءِ ڪٽندو ڏيکاربو هو.“

هڪ فرق ڪان علاوه اياز جي شڪارپور، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ گذاريل زندگي ’السي‘ جي حيات سان ڪيڏي نہ مشابهت رکي ٿي. ڪراچي وارن ڏهاڙن ۾ هن حضرت دائود وانگر مولود مناجات لکيا ۽ موت جي پوَ ۾ ڪنبندي سندس نڙي ۾ ’واڳهه نڪ‘ ڦاسي پيو.

منهنجي حيات ۾ تہ اهي اندلني رنگ، لاها چاڙها ۽ بدلائُ پاٽي تي ڦوٽي جيان سطحي، ڪاغذي ۽ مايا وي بلڪ ’هڪ ڪرا‘ رهيا آهن. تڏهن تہ رشيد ڀٽي چيو هو، ’واهه ڙي رنگي تنهنجي رنگ، ڪٿي ٿو خلقين بوتل جاجن، ڪٿي حنيف ملنگ‘

زندگي جي ڪنهن موڙ تي اهڙو پل بہ ايندو آهي جڏهن محبت جو سلو ڪومائجي ويندو آهي. ۽ ان جي نويڪلي جاءِ ’الميو‘ اچيو والاري ٿو. ڪنهن لاءِ جيئڻ، يا ڪنهن مقصد لاءِ پساهہ کڻڻ جڻ بي معني بڻجيو وڃي ٿو. صرف، شايد، ڪنهن لاءِ مرڻ جي خفيف خواهش پتڪڙي روپ ۾ رهجيو وڃي ٿي.

29 مارچ (خميس) وارو ڏينهن منهنجي روح تي بدبودار ناسور جيان ڇهٽيل آهي ۽ رهندو. ان نامراد ڏينهن ’پنهنجي رت‘- جيڪا آلوده نظر آئي هئم. طرفان ويساهه گهاتي، دوکي ۽ نسوري ڪوڙ ۾ ٻڌل اندر وانگر هلايل Thunder Bolt جڻ سموري وجود کي ڇچري ڇڏيو هو. جڻ پاڙ کي طوفاني اونڌاين، گردابن ۾ گولاٽيون کائيندو، پاتال جي اونهاين ۾ لهندو محسوس ڪيو هيم. اکين آڏو اونڌهہ ۽ هوش حواس گم ٿيندا محسوس ٿي رهيا هئا. پنهنجي شناخت کي اڻ چٽائي سان ڏنڌ ۾ ويڙهجندو وڪوڙجندو پسي رهيو هئس. جسم پڳهر ۾ شل ۽ نڙي سڪي ٺوٺ ٿي وئي هئي. ائين پئي سمجهيم جڻ دهلي وارو سنہ 2005ع (آچر) جولائي جو شديد دل جي دوري وارو واقعو ۽ منظر ورجائجي رهيو هو.

نر ۽ مادي جي روپ ۾ پرسان وينل ٻن بدبودار ’وجودن‘ جڻ دماغ مائوف ڪري ڇڏيو هو ۽ اُپ ساهي سبب ساهہ کڻڻ ۾ سخت تڪليف محسوس ڪري رهيو هئس. زبان جڻ چمڙي جيان ٺوٺ ۽ اسپنج وانگر سڄندي محسوس ڪيم ۽ ڳلي مان آواز جهڪو اُلٽي وانگر نڪري بي ساهو ڪندو پئي ويو. اِهي وجود سينائي ريگستان اندر عيسيٰ سان وڙهندڙ ٻن شيطانن جيان پاسي رهيا هئا. پنهنجي شديد نامرادي کي پسي جڻ ڳوڙها بہ خشڪ ٿي ويا هئا. پاسا بدلائيندو پئي رهيس تہ مبادا متو شديد سور سبب ڏري نہ پوي.

پنهنجي وجود جي ٻن، بظاهر هاڪاري، حصن جي آمد بعد هوريان هوريان سامت ۾ ايندو رهيس. پر، نظرن آڏو پنهنجي سڃاڻپ جي اڻ چٽائي، سامهون موجود بدبو ۽ پشاچانہ وايومنڊل جڻ منهنجي وجود کي ميساري، ريٽي رهيا هئا. چوطرف مايوسي نامرادي بدمعاشي جو وحشيانہ راڄ هو. ويساهه گهاتي جي ان اپار رڻ پٽ ۾ ڪو چانورو، خياباني ٽڪرو نٽي نظر آيم. چٽني ڏسائن ڪان ’پاڙ ميسارڻ‘ (Renunciation) يا (Mortifying the Body) جون آڪار وٺندڙ صدائون بلند ٿي رهيون هيون: نارمل خواهشون پنهنجا جائز حق، پنهنجون ننڍڙيون چاهتون، پنهنجو ڪامن سينس، ڏاهپ، ذهن، قلم- پنهنجي حيات، ٻنان پساهہ. بدبودار وجودن جي ’شيطاني چڪر‘ مٿان قربان ڪرڻ جي اجهل فرعوني تقاضا! ان ’احساس‘ اندر گهارڻ جو حڪم جنهن کي ’محسوس‘ ڪرڻ جي سخت منع ٿيل هئي!! مان جڻ هڪ نہ ٻڌجندڙ ’رڙ‘ جي روپ ۾ بدلجي ويو هئس!!! هڏماس جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ کان ڇرڪي رهيو هئس. ان پليد جوڙي جي اکين ۾ اُڇلون ڏيندڙ بي غيرتي ۽ نرلجائي پاڪستاني وئشا گهرن ۾ گهمندڙ ’دلن‘ جي اکين ۾ بہ ڳولهيو ڪين ليندي. اهو سمورو ’سچ‘ عيسيٰ جي مصلوبيت واري منظر جي وقت جي ساعتن سان مشابهت وٺندو، ڏيکاريندو محسوس ڪيو هئم. ائين پئي لڳو جڻ سينٽ اِگناشيئس (St.Ignatius) زوريءَ چورائي رهيو هو،

”اي خدا، هيءُ سيڪجهہ: پنهنجي آزادي، پنهنجي سوچ، پنهنجي يادداشت، دماغ، پنهنجو عزم تنهنجي آڏو پيٽا رکان ٿو. جيڪو مون وٽ آهي، جيڪو مان آهيان، سو سڀ تنهنجو ئي تہ ڏنل آهي. ۽ تو کي ئي موٽايان پيو تہ جيئن تنهنجي ئي مرضي مطابق محڪومي ۾ رهان. صرف تنهنجي پيار ۽ رضا جي ضرورت اٿم. انهن پلاين ڪانسواءِ ڪا چاهنا ڪونہ اٿم.“

حيات جا اِهي لمحا ايذائيندڙ ۽ اپار آهن جن کي موت بہ ماري ڪين سگهندو. انهن ساعتن ۾ منهنجي ذات جي اجهل ۽ ڦهلجندڙ پو ڳٽا تجسيم ۽ آڪار وٺندي نظر آيم. جيڪا بدقسمتي سان پراوَن پاران پلئہ ڪين پئي هئي.

ياد پويم ٿو تہ چوٿين صدي قبل مسيح جي جهوني يُگ ۾ يونان جو مشهور ڀهڳٽو شاعر الميہ نگار سوفوڪلس (Sophocles) ۽ مدبر ناميارو مقرر، قانوندان، فن شناس ۽ جنرل پيري ڪلس (Pericles) بہ پنهنجي زندگي جي آخري ڏهاڙن ۾ نرينہ اولاد جي ڪُڌين ۽ ويساهہ گهاتي چالبازين ڪارڻ بيحد ڏُکي ٿيا هئا. شاهه جهان بہ پنهنجي حيات جا آخري ورهيہ آگري جي قلعي جي ڪال ڪوٺڙي ۾ اورنگزيبي اذيت ۽ دائمي اڪيلائپ ۾ گذاريان. ۽ سندن جيون گوتم ٻُڌ جي ’سروَ دڪم دڪم‘ جي پرسوز تصوير بڻيل رهيو.

غلاظت ۾ ٿُڦيل سندس زندگي تي ويچاريندي اولهائين ملڪن جي پهاڪي نما هڪ روايت ياد آئي اٿم:

My son is my son till he gets him a wife,
But my daughter‘s my daughter for all her life.

”منهنجو پٽ ايستائين پٽ رهي ٿو جيستائين شادي
ڪونہ ڪئي اٿس. پر منهنجي ڌيءَ پنهنجي سموري
ڄمار ڌيءَ جو درجو ماٽي ٿي.“

سندس ڪلهٽي ارڏانگي بابت سوچيندي جيمس باسويل (James Boswell) جي پينٽنگ نما مختصر نظم ياد اچيم پئي جيڪا مذڪور ترياٽي جي باري ۾ اڳڪٽي جيان پاسي ٿي:

”هني مون جي سُماين راتين ۾،
آءُ ’ڪيٽ‘ جي ناز ۽ ادائن جي گهيري هيٺ،
منڙي ’ٻلونگڙي‘ جي نانءُ سان سڏيندو هئس.“

*(هلندڙ)*



## منور ملاح

نڌاڪيل اکين جي درن جي ڪهاڻي
ڀِني رات ساري رڳن جي ڪهاڻي
ڀِرين ياد تنهنجي جا طوفان موٽيا
اجهاميو ٻري ٿي ڏيئن جي ڪهاڻي
پکين جا فسانا ٻرن ۾ رلن ٿا
هلي پيئي جڳ ۾ وڻن جي ڪهاڻي
لڪيرن جا رستا بہ گُمنام آهن
گلابي ڪٿي آ هٿن جي ڪهاڻي
ڪڏهن ساز آواز شبنم جيان آ
ڪڏهن آهہ شعلا اکين جي ڪهاڻي
اڌوراڪي سپنا ۽ تصويرون ڏنڌليون
لفافي ۾ ويڙهيل خطن جي ڪهاڻي
وڻا جيڪي پٽر، منور سي وسريا
گلن سان ڏکي ٿي بدن جي ڪهاڻي.



## نماڻو صديق مهيسر

سدا مون تہ ڳايا ترانا اوهان جا
مليا درد مون کي زمانا اوهان جا
هنيان تير دل ۾ اسان کي سڌا تو
گُسائي نہ سگهيس نشانا اوهان جا
ملي ڪونہ سگهبو اوهان ئي چيو پئي
هيا روز مون سان بهانا اوهان جا
رڳو چاهہ طلبيو، ٿيو ڪين حاصل
مليا نفرتن جا خزانا اوهان جا.



## بيتاب ناپر

تنهنجي نظرن جي مهرباني ٿئي
عشق جي شوق جي جواني ٿئي
اکڙيون اکڙين سان ڳالهائينديون
عاشقي شل نہ ئي زباني ٿئي
پهڻ پيهڻ جي سگهہ نہ آ، مون کان
باغ تنهنجي جي باغباني ٿئي
نہ بچيون، نہ بچيون بچي نہ سگهيون
باز ٿو بلبلين جو باني ٿئي
نوٽ ڪيسي ۾ جيڪڏهن آهن
حق وٺڻ ۾ ٿي پوءِ آساني ٿئي
اي خدايا! اسان جي سنڌڙيءَ ۾
سوڳ جي جاءِ شادماني ٿئي.



## حسين جاگيراڻي



اميدن تي دنيا جو قائم هجڻ ڪيڏو حيران ڪُن آ
۽ پنهنجو بہ هن ڳالهہ تي خوش رهڻ ڪيڏو حيران ڪُن آ
اهو جو هر وقت، بروقت ڪلندو رهيو آ مگر اڄ
هي بي وقت ان آدمي جو ڪلڻ ڪيڏو حيران ڪن آ
بيابان ۾ ڪنهن جنوني جي آوارگي ٺيڪ ليڪن
ڪنهن سالڪ جو تنهنجي ڳلي ۾ رُلڻ ڪيڏو حيران ڪن آ
جڏهن خواب ۾ توسان جانان ملون ٿا لڳي ٿو تہ سچ پچ
اندر جي اڪين سان پرين ڪي ڏسڻ ڪيڏو حيران ڪُن آ
اسان جي سهي ڳالهہ ڪي هر دفعي رد ڪرڻ وارا ماڻهو
۽ تنهنجي غلط ڳالهہ ڪي پيي مڃڻ ڪيڏو حيران ڪن آ
پراين جي ڄڃ ۾ گهٽن احمقن ڪي ڏٺو آهي نچندي
۽ ساڳين جو پنهنجن جي ڄڃ ۾ نچڻ ڪيڏو حيران ڪن آ
اسان لئہ پريشان ڪيڏو پريشان 'جانُل' تون آهين
'نہ حيران' تو لئہ اسان جو هجڻ ڪيڏو حيران ڪُن آ.

هتي بہ چا ڪيو اٿم هتي بہ چا وڃي ڪندس
هتي بہ ٿو رُلان پيو هتي وڃي بہ پٽڪندس
جڏهن ڪو رهنمائي ناهہ تہ تون ئي چئہ او زندگي
نہ پٽڪندس تہ چا ڪندس ڪندس تہ نيٺ چا ڪندس
الائي ڪيترا ڏيئا اجهڻ ڪان اڳ ٻري ويا
ڏيئي ڏيئي ڪي ڦوڪ ڏئي مان پچرندس مان ڪامندس
چرين جي وچم مان ڏاهو ٿي رهان قبول پر
پو تنهنجو چا ردعمل هوندو اگر نہ ڪجهہ ڪندس
ضرور منهنجي نالي ۾ اوهان جي ڳالهہ ڳائبي
مان پنهنجي بيوفائي تي اڪيون جهڪائي مرڪندس
پري نہ آ اهو بہ ڏينهن او گر تون ئي خريد جان
مان پنهنجي عاشقي سميت ٽڪي جي ملهہ وڪامندس
هزار اختلاف توکي پل هجن 'حسين' سان
لهوءَ جي مست مهڪ آ، لهو جي مُهڪيو مان بہ مهڪندس.

روز مهڪي ٿي رات جي راڻي
منهنجي سپني ۾ منهنجي ساپيان ۾
عارضي طور تي ڪپي سپ ڪجهہ
ڪين ڪجهہ پيي ڪپي هميشا ۾
مون ۾ دنيا اڪيلي آ، سچ آ
مان اڪيلو نہ آهيان دنيا ۾
دوستو، هڪ عميق پياس آهي
ڏُڪُ پاڻي نہ آهہ دريا ۾
مون ستارا سجايا ها ڪيڏا
پنهنجي پاڙيسري 'ستارا' ۾
ڪوبہ دوکو نہ ڪو فريب آهي
حق ئي حق آهہ مايا ۾
جڻ تہ مون ئي ڪيو ۽ مونسان ٿيو
جو بہ ٿيو ڪربلا معلا ۾
تنهنجا ٿورا او منهنجي محبوبا
روح ڦوڪيو تو جسم مردا ۾.

دانا ٿي وياسين ۽ ناداني نہ وئي
مطمئن دل جي پريشاني نہ وئي
مفلسي ۽ غريبي ۾ ڪَٽي زندگي
پر طبيعت پنهنجي سلطاني نہ وئي
بزرگي آئي ۽ ٿي ڏاڙهي سفيد
پر اها باطن مان شيطاني نہ وئي
منهنجي هر هڪ ڳالهہ مان جانان وئي
هن جي ڪنهن پيي ڳالهہ مان جاني نہ وئي
حسن ڪي هڪڙي شڪايت ئي رهي
عشق تنهنجي بيقدرداني نہ وئي
پردي جو مطلب ڪُلي بي پردگي
پر تلفظ مان بہ عُرياني نہ وئي
آخري ساهن ۾ پيي ايماندار
تو منجهان افسوس بي ايماني نہ وئي.

سک يا سور زمانا ڳالهہ تہ ساڳي آ
تو يا منهنجي جانا ڳالهہ تہ ساڳي آ
ڪجهہ بہ نئون يا ڪجهہ بہ پراڻو ناهہ رهيو
بتخانا مئخانا ڳالهہ تہ ساڳي آ
سپ ڪجهہ ٺيڪ آهي پر ٺيڪ نہ آ ڪجهہ پيي
دانا يا ديوانا ڳالهہ تہ ساڳي آ
زنده مرده فرق پيو ناهي ڪنهن ۾
ڪاٺيون ڪوڏر ڪانا ڳالهہ تہ ساڳي آ
ڏٺم پُنيري جنهن ڪي سمجهيم تون آهين
تون نہ هئينءَ پر جانا ڳالهہ تہ ساڳي آ
ورهيہ ويا گذري جو ڪين وري آئي
خوشبوءِ رخسانا ڳالهہ تہ ساڳي آ
جي نہ مُئين 'ڪربل' ۾ 'هارُورا' ❶ ۾ئي
او 'ابن مرجانا' ڳالهہ تہ ساڳي آ.

❶ *ڪربلا جو هڪ منفي ڪردار.*

ڪم جا نہ رهيا آهيون
ڪنهن جا نہ رهيا آهيون
ڪنهن جا تہ ڪٽي ٺيڪ آ
پنهنجا نہ رهيا آهيون
پنهنجا بہ سهي ليڪن
تنهنجا نہ رهيا آهيون
عزت بہ هلي ويئي
رسوا نہ رهيا آهيون
چپ آڇ نہ تون موکي
پياسا نہ رهيا آهيون
جهڙا بہ هئاسين ڪلهہ
اهڙا نہ رهيا آهيون
هونئن ڪلهہ تائين سهڻا
ڪهڙا نہ رهيا آهيون.
شڪ جو جهان آهيان
مان بدگمان آهيان
جنهن جي زمين ناهي
سو آسمان آهيان
اوُ تيرباز تنهنجو
گُسيل نشان آهيان
تون امتحان آهين
مان امتحان آهيان
توڙي ڏيان آهي
پر بي ڏيان آهيان
ڪجهہ پيي نہ آ حقيقي
غالب گمان آهيان
جي تون مهانَ آهين
مان پيي مهانَ آهيان
جڻ اڪَ ۾ ڪک آهيان
جڻ ڪک ۾ ڪان آهيان.



## شيخ فرازي

ٻرندڙ ٻٽي نہ ٿي
ايڏو ڏکي نہ ٿي
جيئڻ مان پڙهي سگهان
ڦاٽل چٽي نہ ٿي
ٿهنديڻءِ نہ هيئن تون
ڪاٽي پٽي نہ ٿي
ميسارجين نہ تون
ايڏو جڏي نہ ٿي
ڪنهن جي نہ ڪم اچين
اهڙي تتي نہ ٿي.

احساس گلن جهڙو
آويس ڏکن جهڙو
هر صبح ڪيو آهي
ويران ڏڳن جهڙو
هر ٿهڪ ٻٽائي وئي
بي داد ڏکن جهڙو
آ تنهنجو ملڻ بارش
مان ٿاڪ ٿرن جهڙو
تو آئي ٿيو ڏاپيل
ڪو خواب ٻکن جهڙو
اڄ ٿيڙِ فرازيءَ تان
هر وار وڍن جهڙو.

# تخليقيت جو پرسپيڪٽو ۽ نوان ڪتاب...



تاج بلوچ

ڏيساور جو گهاڙيٽو هجي يا لوڪيل فارميٽ، اهو شديد حسي تجربي هيٺ، شاعر جي ذهن ڪي ولوڙي ٿو. ولوڙ- معنيٰ حسي تجربي جو نفسياتي دٻاءُ جيڪو ڪنٽينٽ جي Adjustment ۾، جذبي جي اڇل ڪي هڪ عڪس بخشي ٿو. اهو عڪس، جڏهن ڪنهن ٻوليندڙ پيڪر يا Image جي صورت اختيار ڪري ٿو. تڏهن ڊڪشن جي رعنائي يا لڳاءُ/ لمس/ڇهاءُ ليڪڪ جي وجدان، سان هم آهنگ ٿيو شاعر جي ڪرافٽمئنشپ جو اظهار بڻجي تخليق جو بنياد بڻجي ٿو ۽ اهائي تخليقيت آهي، جيڪا عام مقبوليت جو درجو ماڻي ٿي. ۽ اهڙو عمل هر ملڪ جي ادب ۾ هر شاعر سان درپيش ايندو هوندو!! پر افسوس جي ڳالهه آهي ته جديد سنڌي شاعري اهڙي پروسيز مان گذرندي به فڪر ۽ ڊڪشن جي سطح تي سٺي شاعري يا ڪلاسيڪل شاعريءَ جي رس-چس يا موضوع جي variation يا تخليقيت جي آبجيڪٽوي ڪي احساساتي سطح تي عام قاري ڪي نه موهي سگهي آهي.

اسانجي جديد شاعريءَ جي گهٽائي شايد ڪم توجهي يا سخت پورهئي ڪان لنوائيندي اهڙي مظهر ڪي نه ڇُهي سگهي آهي ر ڳو هڪ اڌ شاعرن ڪانسواءِ!! ان لاءِ مون وٽ جيڪو اهم ڪارڻ موجود آهي، جنهن بابت آئون شايد اڳ به ڪنهن مضمون يا انٽرويو ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان.

60 سالن جو ڊگهو عرصو گذرڻ بعد به سنڌي جي اڪثر شاعرن جي شاعري ۾ اچارن جي غلطي يا فونيٽڪ ردم جي شديد کوٽ نظر اچي ٿي. ٻوليءَ جي اچارن جي درست ڄاڻ نه هئڻ ڪري اڄ به ڪيترائي سينئر شاعر اچارن جو غلط واهپو ڪري رهيا آهن، جنهن باعث شاعريءَ ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو تصور ئي معدوم ٿي چڪو آهي. ملاحت جو تصور ته پنهنجي جاءِ تي. غلط اچارن جي ڪري، شعر جي غنايت ۽ رواني زخم زخم ڏسجي ٿي. ادبي سنگت جي تنقيدي ڪلاسز جي ڪارڪردگي به هاڻ ٻڙيءَ تي وڃي پهتي آهي. ۽ اهو سڀ ڪجهه ماضيءَ جي ڇتڪتائي ۽ انانيت باعث، علم بدران، 'انا' تي زور ڏيڻ جي ڪري ممڪن ٿيو. ڪاپي ڪلچر ڪي به نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي.

عروضي عهد جي شدت پسند دور ۾ جيڪو جهيڙو هليو ۽ جنهن جهڳڙي ڪي ترقي پسندي ۽ رجعت پسندي جو حوالو ڏيئي، سنڌي معاشري ۾ انتشار ڪي اوج ڏنو ويو. ان جنگ ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جا ڪيترائي مامرا گنجرجي پيا ۽ سنڌ ڪي زبردست ڇيهو رسيو. حالانڪ ٻنهي ڌرين فڪري طور ڪو به ادبي ڪارنامو سرانجام نه ڏنو، ڇاڪاڻ ته زيرِ اضافت ۽ فارسي-عربي ٻنهي ڌرين جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿي رهي هئي. البت ڪهاڻي جي ڪيتر ۾ اها صورتحال نه هئي. ۽ سنڌي افسانو اڇو اجرو رهيو. ۽ اڄ به اها روايت موجود آهي. البت شاعريءَ جو حال معقول ناهي. اڄ به ڪيترائي شاعر عروض جي سکيا ڪي عيب سمجهن ٿا.

ماضيءَ جو ادبي جهيڙو انفرادي جهيڙو هو. سائين ابراهيم جويو صاحب، شيخ اياز ڪانسواءِ ڪنهن ڪي به برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. جيتوڻيڪ شيخ اياز ڪوالفائيڊ هو پر سنڌ ۾ پنهنجو ذاتي اميج نه ٺاهي سگهيو، جڏهن ته انجي مقابلي ۾ رشيد لاشاري جو ڪردار به ڪو ساراهڻ جوڳو نه هو (پر هن جي ٻچڙي تشريح مشهور نه هئي) پر هو گهڻ- ٻولائتو ۽ باصلاحيت فنڪار هو. جمعيت الشعراءَ سان واسطو هوس. جڏهن ته جمعيت وارا گهڻ-پڙهيا ۽ ادب ۾ گهڻ رخا ڪونه هئا. پر انهن جي ذات هاڪاري ضرور هئي. ادبي ڪردار جي غير اجرائي/ ذاتي انا جهيڙي جو ڪارڻ بڻي. ۽ شيخ اياز جي شعري حيثيت تي خراب اثر مرتب ٿي رهيا هئا. ۽ هوڏانهن انڪئاليفائيڊ رشيد لاشاري نئين امنگ سان فائين آرٽ جي هڪ طاقتور شعبي فلم سان واڳجي وڏي واڪاڻ جوڳو ڪردار ادا ڪيو. هن ڪي ڪٽي ڪنيو جو بک وگهي جويو صاحب جي بورڊ ۾ نوڪري حاصل ڪئي. ۽ پاڻ لاءِ ۽ ادب لاءِ ڏچو بڻيو.

گند پڪيڙڻ ۾ رشيد لاشاري به گهٽايو ڪونه. ۽ هاڻي جڏهن ڪمپيوٽر جون سهولتون ميسر ٿيون آهن تڏهن به صورتحال ڪو ڏاهپ وارو رخ اختيار نه ڪيو آهي. هر متشاعر هڪ ٻن هفتن ۾ خوبصورت ٽائيٽل ۽ اوچي ڪاغذ تي پڪي بائينڊنگ سان ڪتاب مارڪيٽ ۾ آڻي رهيو آهي. پر 'اندر رڳو اگڙيون' آهن. ۽ انهن اڳڙين ۾، هٿ ٺوڪئي مهاڳ نويسن جو خوبصورت ۽ هڪ پاسائون 'خطبو' ضرور موجود هجي ٿو. جنهن ۾ ان متشاعر جي شان ۾ واڪاڻ/ عظمت جون نديون وهايون وڃن ٿيون. (اڳ تعريف جون سرڪيون پربيون هيون) ڪو پڇڻ وارو ناهي. اصلاحي ۽ تنقيدي پهلو ڪي نظر انداز ڪيو گمراهي پکڙجي رهي آهي.

15-20 سال اڳ، مهاڳ لکڻ وارو ڊڄي ڊڄي ۽ ڏاڍي احتياط سان راءِ ڏيندو هو. تخليقيت جي گهرائي، غنايت، ڊڪشن جي معنويت، اڏمي، خيال ۽ اظهار جي شائستگي ۽ تنقيدي تجريديت جي گسن ڏانهن ڪن ڪڙا ڪندو هو. ۽ هاڻي اها روايت تبديل ٿي چڪي آهي. ليکڪ پاڻ بابت جو ڪجهه به چوڻ چاهي ٿو. اهو پاڻ به لکي ئي لکي ٿو پر ان ڪان وڏو 'خطبو' مهاڳ نويس ڪان لکائي ٿو.

اڳي ادب جي آئيندي ۽ ليکڪ جي اؤسر لاءِ مهاڳ لکيو ويندو هو. ۽ هاڻ... تيليءَ مان ٿنڀ ٺاهيو ٿو وڃي. اڄ اڪين سان ڏسون ٿا. هڪڙا گروپ ٺهي پيا آهن. ليڪن ۽ مهاڳ نگارن جا- ڏاڍا من موهيندڙ ڪتاب شايع پيا ٿين، پر 'اندر مڙيوئي اڳڙيون' آهن.

"پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ سان، ٻاهران آيلن کي، سنڌ جي هر طرح جي زرخيز ذريعن، معدنيات، پورٽ جي آمدني سميت سستي مزدور جو هڪيو تڪيو هجڻ. يا نئين يونٽ جي سياسي بيگانگي ۽ سياسي ڇنڊاڇٽ جو منظرنامو آڏو هو، تن اندر ويٺلن، ٻاهران آيلن، بيرو ڪريسي سان ٻٽ ٿي، سنڌ صوبي جي قدرتي وسيلن ۽ سهولتن جي والار ڪرڻ لاءِ، سازشن جو ڄار اڻيو. ۽ سنڌي قوم ڪي حيلن بهانن سان مختلف اشوز تي پاڻ ۾ اٽڪائي ڇير ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏيئي چڪي. يعني پاڻيءَ جي ورڇ جو معاملو، پاور پلانٽس جي انسٽاليشن، ڪالاباغ ڊئم جي ناپاڪ رٿا، وڏن ۽ سرحدي شهرن جي ويجهو فوجي ڇانوڻيون اڏڻ جا انتظام، غلام محمد ٻئراج جي اڏاوت ۽ اتي غير حاضر ۽ غير سنڌي آبادگارن جي آباديءَ جي رٿا، 4 مارچ جي قصي کان اڳ ونيونٽ جي جوڙڻ جي پليت رٿا ۽ اهڙيون پيون ڪيئي اڻ لکيون سازشي رٿائون.

ٻي سيڪنڊ ورلڊ وار ۾ ذلت جو طوق ڳچي ۾ پائي اينڊڙ جي دل رکڻ لاءِ، پاڪستان جي انتهائي اهم حصي کي جنهن شوق مسلماني ۾ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ بحال ڪيو، جنهن جي ٻي حس، اڳواڻن جي اڪثريت اڳتي هلي ون يونٽ جو لعنتاڻو ڪنيو. سنڌ جا اڪثر اڳواڻ انگريزن جي اوبر ڪائڻ ۽ انهن جا جوتا چڪ ۾ ڪٽي هلڻ جا عادي هئا. انهن ون يونٽ جو بل سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرايو.

سنڌ جي ڪجهه ڏٽين قانوني جنگ جا سانپاها ڪيا. ڪي ته جنبي به پيا. پر بيروڪريسي اهڙو منافقاڻو ڄار وڇايو ۽ طرح طرح جا حيلا هلايا جو سچو قانون، سنڌ لاءِ نابينو ئي رهيو.

غدار، سنڌ جا ئي فرد هئا. انهن پنهنجي غيرت کي پرچائڻ لاءِ، سنڌ جو ڪيس، سنڌي عوام آڏو آندو. سنڌي عوام بهادر ۽ سياڻو ضرور هو، پر هڪ دائري تائين. طويل قانوني جنگ لاءِ وٽن ذريعا ئي نه هئا. هنن هر مامري جي حوالي سان هاءِ گهوڙا ڪئي. پر مالڪي نه هئڻ ڪري انهيءَ هاءِ گهوڙا ڪو ٻوٿو نه ٻاريو ۽ سنڌ جو هر پراڻو ۽ قانون موجب، آئيني مامرو، درد جي انگاس تي چڙهي ويو. ڪيئي تحريڪون هليون. اهي سڀ بي اثر رهيون، ڇاڪاڻ ته قانوني مالڪي لاءِ وٽن ڪو برجستو وڪيل ئي نه هو. انهيءَ ڏماچوڪڙي ۾ ٻن سنڌي پيڙهين جا تعليمي، زرعي، پاڻيءَ جي ورڇ وارا فارمولا، زمينن جو سروي، ڪوڙن ڪليمن جي حملي سازي، شهرن ۾ سنڌي هندن جي ڇڏي ويل اسڪولن، اسپتالن، ڌرمشالن، مٺاڻن ۽ ٻين خيراتي ملڪيتن ۽ گهرن تي سي.پي.يو.پي جي غنڊن جي مالڪي بڻجي وئي. نقوي، هاشم رضا ۽ ڪاظم رضا جهڙا منافق پاڪستان ڏانهن لڏي آيل متعصب ڪامورا، ڪراچي ۾ خاص پوسٽن تي فائز ڪيا ويا، جن سنڌين جي ملڪيتن سان جاوا ڪيا. سنڌري، موهن گيهاڻي، سندر آگناڻي،

گوبند خوشحالاڻي، ڪلاپرڪاش ۽ موتي پرڪاش، نند جويري، گوبند پنجابي ۽ ٻيا بي شمار جڏهن هتي مليا ۽ پنهنجون شاهي جايون ڏيڪاريائون ته ڏک جي اهڙي لهر اٿي، جو سنڌ دشمني جو منظرنامو هڪ سوچيل سمجهيل ۽ سازشي رٿا جو حصو لڳو. اسين اڳ ئي علم ڪوڙيو، پڙ ڪڍيو، ڪهڙي ڪربلا تي ماتم ۾ مصروف هئاسين. ۽ هوڏانهن هنن کي وارو مليو، 'وٺو ڙي وٺو. هي سڀ پارت جا چاڙتا آهن.' اسان اڃا تائين موچڙن ۾ آهيون. ۽ موچڙن وارو اهو سمورو عرصو اسانجي مزاحمت جو عرصو آهي. انهيءَ مزاحمت ۾ اسان کي مالي ۽ اخلاقي نقصان کان سواءِ ڪجھ به پلئه نه پيو. نندڏڪا گهوڙا ۽ غيباڻا هموار وارو مامرو آهي.

اسانجا رسالا، اسانجون اخبارون، ڪراچيءَ کان ٻولهاڙيءَ تائين نه پهچنديون هيون. ۽ هوڏانهن اسانجا اڳواڻ، ڪلمو پڙهي چوندا هئا، 'سائين ڪا ڳالهه آهي؟ واٽر ڪميشن جڙي آهي. تاس معاهدي هيٺ، پارت اڏ پاڻي نه ڇوڙيندو. توهان ڪالاباغ ناهيو، پنجاب واهه نه کوٽيندو.' خبر پئي ڪالاباغ، ڪالابڙاج جي صورت ۾ جڙي رهي آهي.

جمال ابڙي کان پهرين سوجهرو وارن ڏينهن ۾ مون سوال پڇيو، "سائين، ادب ۾ سيڪس جي موضوع بابت لکڻ بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟"

مرحوم جمال جيترو وڏو ڪهاڻيڪار هو، تيترو ئي وڏو ماڻهو به هو. گهٽ ۽ تز گفتگو ڪندڙ. نرم ۽ ٻاجهاري لهجي ۾ جواب ڏيندڙ شخص هو. مون کي بدر ابڙي جي دوستيءَ کان اڳ ئي سڃاڻندو هو. ۽ مونکي ڏاڍو مان ڏيندو هو. مون سان ڪڏهن به منهه گهنجائي به نه ڳالهائيندو هو. آئون ساڻس، شيخ اياز وانگيان گستاخ ۽ پيارو هوس، انٽرويو سنڌس باٿ آئلئنڊ واري سرڪاري رهائش گاهه تي هلي رهيو هو.

منهن گهنجائي ڪاوڙ پي ويو. چيائين، "تنهنجي شخصي ڪردار کان واقف نه هجان ها ته ڏکيو جواب ڏيانءِ ها... پر ياد رک جنهن قوم جي مقدر ۾ رڳو اجايا پادر لکيا ويا آهن. ان کي sex تي لکڻ جو اختيار آهي؟"

آئون خاموش تي جمال جي رمز کي سمجهي ويو هوس. سٽ ۾، مون سان گڏ سرڳواسي دادا ڏي. کي مهتاڻي ۽ پيڻ مسز گلبانو سلطان هئا. انهن جمال جي جلوي کي ساراهيو هو.

سنڌ جي اها صورتحال هئي. 1973ع ۾ ڀٽو صاحب، سنڌ ٿرو دي سينچريز جي نالي سان، عالمي سيمينار جو اعلان ڪيو. مرحوم غلام علي الانا، پوئيٽ لاريٽ جي الانا جو فرزند هو. ۽ آئون غلام علي جي الانا صاحب جي پرخلوص دعوت تي هر سال سنڌن گهر تي ڪوناپل بين الاقوامي مشاعرن ۾ شاعري پڙهندو هوس. ۽ پڪوڙن، سموسن، بهترين ڪافي ۽ بي مثال انگريزي ڪتابن جا تحفا کنيو ايندو هوس. الانا صاحب جو ورهاڱي کان اڳ لڪشمي بلڊنگ بولٽن مارڪيٽ ۾ Al-sons واچن جي ايجنسي هئي. ۽ اتي پاڻ ويهندو هو. بابا جو دوست هو. اڪثر اسانجي پيت جي گهڙيالن جو پينڊولم لڏڻ کان نابري واري بيهندو هو. ۽ بابا سوٽو کڻي گهڙيال اوڏانهن موڪلائيندو هو. ۽ موٽ تي پاڻ وٽن وڃي ڪڙي ڪڙي ڪچهري به ڪندو هو، "Hello Mr Waichman" بابو ٻاجهاري لهجي ۾ چوندو هو. ۽ آئون ڏڄي ويندو هوس.

"ويلڪم ويلڪم مسٽر بيئرڊ، پرسن وٿ ٽرڪش ڪئپ..."

۽ پوءِ ٻيئي ڄڻا وڏو ٺهڪ ڏيئي ڀاڪرين پئجي ويندا هئا.. ۽ مونکي وال ونڊو جو نئون ڪوڪو به ملي ويندو هو.

ڳالهه اجايو ڏگهي پئي ٿيندي وڃي. مختصر اهو ته دادا منگهارام مهتاڻي (جيڪو سيڪنڊ ورلڊ وار ۾ جنگي قيدي رهيو- سريلي ڳائڻي سشيلا مهتاڻي جي ڀاءُ هوتو جي پٽ ڪمار جي ڌرم پتني هئي.)

دادا کان مذاڪري بابت پڇيو هو ته اچرج جوڳو سياسي جواب ڏنو هئائين، "پنجابي، ان نوعيت جو عالمگير سيمينار افورڊ ئي نه ٿا ڪري سگهن." ۽ وڌيڪ سوال پڇڻ تي پنجابي ماڻهن ۽ فوجي سائيڪي جو اهڙو تجزيو ڪندو هو جو ٻيهر سوال پڇڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ٿي.

دادا منگهارام جي چوڻ موجب، مجوزه 'مذاڪرو' مشروط ٿيو. ۽ انهن ڏينهن ۾ ئي دادا جو ديهانت ٿيو. پر سنڌس اڪيلي اولا ديويءَ کي ڪرياڪرم جي ڪاروائين ۾ شرڪت لاءِ دهليءَ کان ڪراچي اچڻ جي ويزا ئي نه ملي. ۽ هوءَ وايا دبئي ٽن ڏينهن کانپوءِ، راڪ هائوس پهتي.

اهڙي عالم ۾ ادب جي نواڻ ۽ پراڻ. سنڌ جا بنيادي ۽ فطري حق حاصل ڪرڻ سمجهو ٿا، اڪ جي ماکي ته نه هئي؟

دلاليءَ جو هوڪا پئي هليا.

رسول بخش پليجو چوندو هو، مسٽر تاج، هر ڪو سياسي ماڻهو هتي جهول جهليو بيٺو آهي. ڪو چوي ٿو، "سائين فلاڻو رپئي ۾ دلالي قبولي ٿو، آئون ٻارنهين آني ۾ ڪٽڻ لاءِ واڪ ڏيان ٿو."

سامهون بيٺل دلال چوندو هو، "سائين، لٽي پٽي 6 آنا منهنجي به آخر اٿو."

اهڙي ريت اهي دلاليون پڇاڙيءَ جو ٽنگر پئسن تي وڪاڻيون.

11 مئي 1975ع تي سهڻي، سوجهرو ۽ سنڌين جو 30 کان مٿي پريسون بند ٿيون. مونکي، طارق اشرف، سرويچ سجاولي، ابراهيم منشي ۽ ٻين گهڻن کي گرفتار ڪيو ويو، مونکي پريڊي ٿاڻي تي 6 ڏينهن تائين رکيو ويو. پوءِ 22 ڏينهن تائين لانڍي جيل ۾ بينام قيدي طور بند رهيس. بعد ۾ سرڪي صاحب بيل تي مونکي آزاد ڪرايو. سڀ پريسون، پرچا بحال ٿي ويا. سوجهرو ۽ سهڻي آزاد نه ٿيا. قاضي اڪبر مرحوم جي سربراهي ۾ ڪميشن قائم ٿي. ان اسان کان ان دور ۾ لک رپين جي بدلي ۾ سوجهرو جي بحالي جي منائي گهري. طارق اشرف 22 مهينا جيل ڪاٽيو. ۽ مون ڏگهي عرصي جي جنگ کانپوءِ 17.2.1998 تي سوجهرو قانوني طور بحال ڪرائي، پاڻ لاءِ نئون جيل قائم ڪيو.

ورهاڱي کان اڳ، موزون شاعريءَ ۾ گل هالائي جي تسلسل ۾ محمد خان غني، ڪشچند بيوس، فاني، هري دريائي دلگير هوند راج دکايل، مراد علي ڪاظم، شيخ راز، قيوم تراز، بردو، تنوير ۽ ٻيا ڪيترائي نالا وٺي سگهجن ٿا، جن نواڻ آندي. ۽ subjectivism کان پاسو ڪيو. ۽ فني معروضيت سان گڏوگڏ روايت به برقرار رکي.

پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ سنڌ اندر سياسي اٿل پٿل باعث، 'سنڌ' يا 'سنڌ خلاف' سازشون، سنڌي شاعري ۽ نثر جا اهم موضوع بڻجي پيا. هڪ هنيوچي طور. نتيجي ۾ شاعريءَ ۽ نثر وارو پيغام بااختيار ماڻهن تائين، ٻوليءَ جي محدوديت باعث نارسائي ڪري ذهني انتشار کي جنم ڏنو. اهڙي انتشار شاعريءَ مان معروضيت کي خارج ڪري ڇڏيو ۽ نعريبازي شاعريءَ يا ادب جو حصو بڻجي پئي. نعري بازي ۽ لکتن مان 'ادبيت'، 'علميت' ۽ معروضيت نڪري ويون. ۽ ادب جو شعوري اوسر وارو وڏو خواب، 'چڪڙ' ۾ ڦاسي پيو. اهڙي صورتحال ۾ ڪجھ ماڻهن موزون شاعريءَ بابت هيڏي هوڏي لڙڪو ڦيري دنيا جهان جي ادب جو جائزو ورتو ۽ ٻين جي ورتل جائزي کي نظر هيٺ آندو ته ڪين ادب ۾ 'غير تخليقيت' جو ادراڪ ٿيو. يا ان لاءِ سنڌي ادبي سنگت جاڪوڙ هلائي ته ٻه واضح اسڪول آف ٿاٽ آڏو آيا. 'قديم اسڪول ۽ جديد اسڪول.' اها جنگ به هلي پوري ٿي. پر ادب/ شاعري جي اوسر اجا اڻپوري ۽ نواڻ کان پري آهي. ليکڪن جي گهڻائي اڄ تائين جديد مطالعي ۽ 'خودتنقيدي' واري احساس کان لاپرواهه آهي. ۽ انهيءَ لاپرواهي ٽنن جي حساب سان شعر ۽ نثر ۾ واڌارو آندو آهي. پر تخليقيت لاءِ گهربل شيون اڃا هٿ نه ڪري سگهيا آهيون. يا انهن لاءِ رغبت به پيدا نه ٿي آهي.

ڏنو وڃي ته اڄوڪي دور ۾ هر طرح جي گهرج پوري ٿيڻ جا وڏا امڪان موجود آهن. پر سنڌي ليکڪ پنهنجي 'خاص مزاج-(هرشيءَ کي رد ڪرڻ) ۽ اڳتي وڌي پورهئي سان انهن گهربل شين کي حاصل نه ٿو ڪرڻ چاهي. جيڪي عوامل هن کي اوج ڏيئي سگهن ٿا.

21هين صديءَ ۾ به سنڌي قلمڪار، 20هين صديءَ جي حاصلات يا سينٿيسز کي اينٽي ٿيسز ڪرڻ جو ساهس ئي نه ڏاريو. ۽ معاشري کي درپيش قدرتي يا هٿرادو ڏکيائون، هن جي ادب جو 'سرچشمو' بڻجي پيون. لفاظي جي حد تائين ۽ غنائي مزاج رهڻجي پيو. 'سر' ته رهيو الائي نه پر 'چشمو' موجود آهي، جيڪو ڏپ هٽي ويو آهي. طوفان ۽ ٻوڏ جي گذريل ٽن سالن جي تباهين جي منظرنامي ۾ جيڪي ڪجھ گهٽو لکيو ويو اهي ٺلها نولا خالي کوکلا لفظ آهن جنهن مان فنڪار جي تخليقي يا تجريدي درد جو احساس ئي نه ٿو اڀري. فنڪار جڏهن درد جو ڪٿارسز ڪندو آهي، تڏهن ئي فن کي عروج ۽ ڪلاسڪس جو درجو ملندو آهي. يا اها لکڻي ڳٽائڻ جوڳي بڻجندي آهي.

70 واري ڏهاڪي ۾، سنڌي ڪهاڻي يا شاعري ۾ نئين حسيت جي حوالي سان جيڪو اظهار ٿيو، اهو هاڻ مدي خارج ٿيڻ لڳو آهي. جڏهن ته 21هين صدي جي

هلندڙ ڏهاڪي ۾ نئين حسيت هڪ خاص تجربي ۽ نوع جي لذت سان اڀري رهي آهي. جڏهن تہ 70 واري ڏهاڪي جي حيسيت، پرايو تجربو محسوس ٿي رهي آهي. ورجاءُ فطري عمل آهي. مهڙ ڪان ئي جاري آهي. انگريزي ادب جي تاريخ ۾، ورڊ سورٿ جي تخليقي ڄمار ڏهہ سال ڄاڻائي وئي آهي. ۽ ان کي ان دور جي نئين حسيت جي حوالي سان اهميت جو ڳوڙو روماني شاعر قرار ڏنو ويو. پر ورڊسورٿ، ڏهن سالن جي تخليقي عمل مان، پنج سال پنهنجو ئي ورجاءُ ڪيو. جيئن اڄڪلهہ ماضيءَ جا نواڻ پسند پنهنجو ئي ورجاءُ ڪري رهيا آهن. نہ رڳو ورجاءُ، پر انهن جو حسي تجربو بہ پرايو ۽ اباڻڪو محسوس ٿي رهيو آهي. ۽ هو نيو سينسيبلٽيءَ جي مهم کي سمجهن ئي نہ ٿا. ۽ نئين حيثيت جي نالي ۾ 'هو پراڻي تجربي' کي بيان ڪري نواڻ پسنديءَ جو احساس ڏياري رهيا آهن. اها ڳالهہ سول سوسائٽي جي شعري دلچسپي ڏاهن عدم دلچسپي نہ ٿي چئي سگهجي. پراهاان قلمڪار جي سنڌ تي وچڻ ڏانهن اشارو ڪري ٿي.

عمارت کي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ پُٺتو ٽيڪو آهي. پُٺي عمارت کي ٽيڪا ۽ پشتا ڏيئي ڪجهہ وقت تائين ڍهي پوڻ کان بچائي سگهجي ٿو. پر انجي جوڙجڪ واري سونهن سلامت نہ ٿي رکي سگهجي. پراڻي عمارت کي ڍهٽو پوندو ۽ نئين ماڙي، نئين آرڪيٽيڪچرنگ احساس سان ٻيهر جوڙڻي پوندي. تخليقي عمل جو پروسيز بہ اهڙو ئي آهي. ان کي ڪنهن بہ صورت ۾ پراڻو ناهي ٿيڻو. چاڪاڻ تہ هر ايندڙ دور، نواڻ جا نرالا ۽ عجب رنگ ساڻ ڪنيو ايندو آهي. پئچنگ، پشتا، ٽيڪا ۽ ان کي ڪچا رنگ ڏيئي ان عمارت کي اوريجنل عمارت جي صورت ڏيڻ مشڪل آهي. اڻ ڳٽائڻ جوڳي آهي.

ادبي تنقيد ۾ بہ اسان وٽ پسند ۽ ناپسند جو عمل رهيو. ادبي رليونسي تنقيد لاءِ لازمي امر آهي. اسان وٽ تخليق تي تنقيد بدران، ليکڪ جي ذاتي ڪاروهنوار ۽ ڪردار تي طنز ڪئي وئي. رسول بخش پليجو اسان وٽ اڪيلو نقاد هو. پر هن کي سياست کائي ويئي. ڊاڪٽر شمس سومرو جلدي گذاري ويو. ڊاڪٽر شمس عرساڻي، جرئت جو ساهس نہ ذاري سگهيو. ۽ ٻيا نقاد، M.A ۽ B.A جي نصابي گائيڊس تيار ڪرڻ ۾ مشغول رهيا. سُڄي سنڌ ۾ مهانگو ادبي ڪلچر آيو، جيڪو لڳاتار 'سياسي ڏچن' جي غبار ۾ ڍڪجي ويو. ۽ 'مهاڳ نويسن' جي اڏايل ڏڏڙ ان ادبي ڪلچر جو گس ئي ڏونهاڻي گمراهي پيدا ڪئي. اڳ سنڌي ادب، پاڪستان/ سنڌ جي سياسي ڪلچر کي متاثر ڪري گس ڏنو. ڳالهہ ٻڏي ويئي ۽ انداڪاٽا گهربل نتيجا بہ مليا. پر هاڻ سڀ ڪجهہ ابتو ٿي چڪو آهي. 'سنڌ اديب'، 'شاهہ لطيف' جي نالي ۾، سندس شاعريءَ جو ڄاڻ ۾ نہ ايندڙ ٻولين ۾ ترجمي جو هٽ ڪوليو ويٺا آهن. ۽ اسڪالرچوائن ٿا. سرڪاري اسڪالر. ۽ ٻيا لکڻ بدران، 'چئنلز' تي 'طوطا' بڻيو ويٺا آهن. سنڌ جو بنيادي مسئلو، 'تعليم' آهي. ان ڏانهن ڪو ڌيان ڏيڻ وارو ئي ڪونهي. ادبي تاريخ ۽ تحقيق ڪفن چورن جي حوالي ٿي چڪي آهي.

انگريزي تہ ڇڏيو، نوجوان، سنڌيءَ ۾ صحيح جملو بہ لکڻ لائق نہ رهيا آهن. پر ان هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪٿان ڏکڻ جي هير جو جهوٽو گهلندو آهي. پل اپل لاءِ ساهہ سڌير ٿيو پوي. پر نيرن ڪوٽ جي جادو ۾ جڪڙڻ وارين هوائن جا گس بند ٿي چڪا آهن.

هيٺ ڄاڻايل فهرست ۾ تبصري لاءِ آيل ڪتابن بابت پنهنجي راءِ ڏيئي رهيو آهيان.




1. آتم ڪٿائون (سرڪش سنڌي، خاڪي جويو، لائق زرداري ۽ ٻيا)
- ناز سنائي

رايو: جرئتمند جراح جو سنڌ جي مردار وجود جو پوسٽ مارٽم



2. اڏ خيال جي خاڪ (شاعري)
- سعيد سومرو

رايو: غنائيت ۽ نئين حسيت هوندي بہ فونيٽيڪ رِدم جي ڪوٽ




3. چنڊ اکين اندر (نظم ۽ نثر)
- ڊاڪٽر محمد علي ماڻڪ ميمڻ

رايو: سڄاڻپ جو رڻ جهاڳڻ. (اکيون ٻوٽي)



4. ميلي ۾ تنهائي (شاعري)- اياز گل

رايو: ڪنهن اڻڄاتل موهہ ۾ رسي و... ذات کي ريجهائڻ جا جتن!!



5. نيڻ آلا ٿي ويا (شاعري)
- رحمت سومرو

رايو: بڙ هيڻيان ٻوٽي جي نسرڻ جي جاکوڙ




6. هٿا اڳهين ڳڏ (ناوليٽ)
- حيسب ڪانِهيو

رايو: خوبصورت ماڻهوءَ جي نج رومانوي ۽ غير تجريدي تخليق



7. اڇو تہ هندستان گهمون (مسافرنامو - آغا ثناءُ الله خان)

رايو: شوقڻ ميلي دي...




8. يادن جا ورق (آتم ڪٿا)
- علي احمد قريشي

رايو: سياست، ادب، تاريخ ۽ سنڌ سان هاڃن جو سچو/اڻپورو داستان




9. ڪلاچي (لطيف چيئر ڪراچي جو تحقيقي جنرل)

رايو: وجوديت ۽ شاهہ لطيف (مضمون) ڪانسواءِ ڊنگرن تي اٽو هارڻ.




10. سنڌي ٻولي (تحقيقي جنرل)

رايو: ٻاهران مکي چکيءَ اندران ٻُڙ ٻُڙ ڪِي




11. پُڙ جهڻ (ڪالم)- انور پيرزادو

رايو: اخباري ڏاهپ جو جهان



12. انٽرويو ۽ تقريرون- انور پيرزادو

رايو: سنڌ جي جياپي جي امنگ لاءِ وڙ جو منظرنامو



13. عشق ٿو مون ۾ نچي (شاعري)
- مرتضيٰ ڦل

رايو: ڪچڙي عشق جو ڪچڙو داستان. رِدم جي ڪوٽ.




14. نيرا خواب- (شاعري)
-مير حاجن مير.

رايو: ڏکئي منزل جو ڪمزور پر باهمت مسافر.



15. عشق (شاعري) - امر پيرزادو

رايو: نئين شاعريءَ جي رعنائي ۽ ثقافتي وحدت سان سلهاڙيل شاعري (ٻهرين ٻُڪي ڪير-پري...)




## پچن لال، ڪراچي.

سرورق سوجهرو ماهه ڊسمبر هڪ اوچو آرٽ آهي، نومبر ۾ پڻ چرڪائيندڙ ۽ منجهائيندڙ آرٽ جو تصويرون هيون. ٽچ مي پليز ۾ لطيف سرڪار جو بيت پلو آهي پر عجيب ايندو آهي ته پنجاب جي گرونانڪ صاحب جو گرنٿ صاحب پنجابي زبان ۽ گرمکي ٻولي ۾ آراڌاسوامي مت آگره وارن جي ٻاڻي V.P جي هندي ٻولي ۽ هندي زبان ۾ آهي ۽ پاڪ ڪتاب قرآن شريف به عربي ٻولي ۽ عربي زبان ۾ آهن اسانکي انهن ڪتابن کي سمجهڻ ۾ ترجمي يا گائيڊ جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. پر شاهه صاحب ڀٽائيؒ ته سنڌ جو هالا جي تر جو هو ۽ ڪو وڏو عرصو به نه ٿيو آهي. رڳو 70 سال ٿيا آهن ته به هن جي بيتن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. آيا ان وقت ٻولي سنڌ ۾ ايڏي ڏکي هئي؟ ج.ع.منگهاڻي صاحب جو غزل صفحي تي پڙهيم، هانوُ ٺاريءَ پيو. شوڪت لوهار جو ڄامشوري طرف وڪ وڌائيندڙ لئه خط خطرناڪ آهي. شاگرد نوان ۽ پراڻا پڙهن ۽ عمل ڪن. هلندڙ حر گوريلا جنگ سائين رکيي صاحب جڻ فلم پيش ڪيو آهي مبارڪ هجيس. انور شيخ جي ڪهاڻي ڳاڙهي سٽڻ روزمره جي ڪاري ڪاري ڊرامن جي چٽي تصوير آهي. حيسب ڪانهيي صاحب جون ٻئي ڪهاڻيون جاڙا پائر ۽ ڏوڙو ٻيهر ٻيهر پڙهڻ جون آهن ٻار به راضي جوان به خوش. شيام ڪمار پاتم جهاتي جهان ۾ سٺي ۽ پراڻي معلومات فراهم ڪئي آهي ۽ هلندڙ قسط، لڳي ٿو جيسين جيئرا آهيون پيا پڙهنداسين.

## ايم. سلمان پٺاڻ، سکر.

ادبي دوستن جي معرفت، پهريون ڀيرو سوجهرو جو جنوري 2013ع جو پرچو نظرن مان نڪتو. پڙهي پورو ڪيم. ۽ ڏاڍي خوشي ٿي. اتساهه به مليو. رسالي جي انفراديت سندس لکڻيون هيون. شاعري، ڪهاڻين، مضمونن ۽ مقالن ۾ سٺي خوب نڀايو آهي. ڪتابن تي تبصرن مان نئين ڄاڻ ملي.

## حليم جوش، ڪراچي.

سليم نور حسين خواجه سان منهنجي پهرين ملاقات پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ٿي هئي. اهي ميڙ مرحوم ڊاڪٽر اياز قادريءَ جي جاءِ تي ٿيندا هئا. سندس ڄاڻ ۽ وسيع مطالعي جو قائل آهيان.

جنوري مهيني جي سوجهري ۾ سندس هڪ خط ڇپيو آهي، جنهن ۾ پنڊت جواهر لعل نهرو ۽ علامه اقبال جي ملاقات جو ذڪر ڪندي ايئن به چيو اٿس ته 'مفڪر پاڪستان ٻاسيو هو ته هو هاڻي هندستان جي مسلمانن لاءِ ڌار وطن جي فائدي ۾ نه آهي.'

مزي جي ڳالهه هي آهي ته منهنجي فاضل دوست مٿيان لفظ لکندي هڪ هنڌ سوال جي نشاني به ڏئي ڇڏي اٿس. مون به اٽڪل ٽيهارو ڪن سال اڳ نهرو جو ڪتاب Discovery of India پڙهيو هو. اُن ۾ ملاقات جو مختصر احوال آهي. جيڪا گفتگو ڏيان جوڳي آهي. سا هن ريت آهي:

شروعاتي رسمي ڳالهين ڪانپوءِ، علامه اقبال، جواهر لعل نهروءَ کان پڇيو،

What is the defferance between you and Mr. Jinnah?

پنڊت نهرو ان سوال جو ڪو جواب نه ڏنو ۽ خاموش رهيو. تنهن تي علامه اقبال وراڻيو،

You are a patriot and Mr. Jinnah is a politician.

انهن جملن ۾ ٻنهي ليڊرن جي سوچ سمايل آهي.

انڪانسواءِ علامه اقبال جي خواجه صاحب پاران ڏنل 'راءِ' ڪٿي به ڪتاب ۾ نظر ڪانه آئي. منهنجي عادت آهي ته ڪتاب پڙهندي، دلچسپ معلومات يا سٺا جملا ضرور نوٽ ڪندو آهيان.

هندستان جي ورهاڱي بابت به رايا هميشه رهيا آهن ۽ اڄ به ڪيترن ڄاڻو ماڻهن ۾ اختلاف موجود آهي. علامه اقبال ڏانهن، مٿي ڄاڻايل فرضي حوالو منسوب ڪرڻ بي انصافي چئبي.

## عزيز گل، حسين ڪالوني، جهڏو.

هيل هٿن جي حنا، حنا جي صدا، صدا جي صبا، صبا جو پڙلاءُ سڀ ڪجهه وڻواڳ ٿو لڳي. ائين ٿو لڳي ڄڻ سڄي انسانيت اڃي هڪڙي مسافر ۾ گڏ ٿي هجي، اهو ٽڪي پيل مسافر صحرا جي تتل واٽن تي ڳولي ڳولي ڪنهن اگهاڙي وڻ هيٺان وڃي ويٺو هجي جنهن جي مٿي ڪو ديهه چڙهيو ويٺو هجي. سوجهرا، ائين ٿو لڳي. ان سان گڏ تنهنجو ساٿ ڪنهن گهنگهور گهٽا جيان آهي جنهن تي جر به ويٺو ته ڇانورو به مليو.

سوجهرا، تنهنجي ساٿ ۽ ساٿ جي سونهن ۽ سونهن جي ورونهن ڪان ڀلا ڪير انڪار ڪندو؟ تو تان ڪير دستبردار ٿيندو؟ گهٽ ۾ گهٽ هي مسافر ته نه.

سوجهرا، مون جهڙي ماڻهن جي آدمشماري جڏهن، انڌيري ۽ مينهوڳي جي موسم ۾ آڪيرو ڀلجي ويل پکي جيئن، اڪيلائپ جي پولارن ۾ اٽڪي پئي آهي ته منهنجي روح مان رڙ نڪري ٿي وڃي، 'سوجهرا' رڙ ۽ سڏ سان گڏ تنهنجو سڏ ٿو اچي. اونداهيءَ ۾ ڏيئو ٻرندي محسوس ٿو ٿئي. اسان لاءِ ان ڪان مٿي ٻيو تنهنجو پيار ڀلا ڪهڙو گهرجي؟

سچي سوجهرا، اهو ته ٻڌاءِ، تنهنجي من جون موسمون ڪيئن آهن؟ ڪجهه پنهنجي اندر جو احوال ضرور لکجان. ٻيو ٻڌاءِ، سوجهرا، خوش ته آهين نه؟

شل پنهنجو ساٿ سلامت رهي. سنڌ جي مٽي جي ڳوٺن ڏانهن سفر ڪندي شل تنهنجي مسافر پيرن ۾ ڪڏهن به ڪو ڪنڊو نه لڳي، تو ڪي ڪوسو واءُ به نه لڳي، شيشي جي ڪا تيچ به نه لڳي. جڏهن به موٽين ته سنڌ جي سانورين جي بدن جي مهڪ مان وهنجي موٽين. منهنجي محبوبا جي اکين جو ڪجل ٿي موٽين.

*(ڪاش، اهڙي ڪيفيت جي شاعري به ڪري سگهو. ت.ب)*

# سنڌ ٽڪرن ۾ نه ٿيندي تقسيم...



تاج بلوچ

اجهو ٽڪرن ۾ ورهايو ويندس!!
ٻُوٽي ٻُوٽي ٿي الائي ڪاٿي
تُخم جي بيخ-ڪَنَي پئي ٿيندي
روح بي نام جزيرن ۾ پيو هيڪل رلندو
تيرَ نفرت جا وسايا ويندا
منهنجي زخمن کي نوان ڇهڪ ڏيئي
چاندي، جلون جي جواني جي اجاڙي ويندي
ماڻڪين ۾ جي فَروزان ٿي رهيا
عڪس سڀ ڊاهي مٽايا ويندا
ڇهري ڇهري تان سموريون مُرڪون
لِڪُ لوساٽي ٻنهه رک ڪندي
دَرَ رستن جي اکين ۾ لهندي
گس گلفام ڏِسائنُ جا فنا ٿي ويندا
شهر نابينا ۽ ٻوڙا هوندا
حرف جي ڪابه نه حُرمت هوندي
شهر جا ٻار هٿن ۾ ڪنيون مُٽڪا- پٿرا
منهنجي پويان ئي لڳا پيا هوندا
ڏينهن ۽ رات جو لاڳاپو اسيرن وانگيان
سج ۽ چنڊ جي گردش بدران
ڪنهن نئين طرز يا چوٻول ۽ چُرپُر سان
منهنجي تشخيص کي مسمار ڪندا
منهنجي جيوت جي جياپي جو حوالو بدلي
ان کي موهوم عبارت سان اچي پيٽيندا
ڪائي متروڪ ڪهاڻي به هُلائي ويندي
درد جي ريت، مگر سي نه سنڀالي سگهندا
ٻُوٽي ٻوٽي جا هئي منهنجي بدن جي پکڙيل
هڪڙي مرڪز تي اچي.
جسم جڙي جڻ ته جوالا ٿيندو
درد جي ڪوڪ جا سيني ۾ ٻٽي برف هئي
هڪ اڇل ساڻ سا ٻاهر ايندي
روح جي زخم کي مرهم ڏيندي
ٻيرا-ٻيرا جي هئا مون وانگيان
اهي مقتول نئين جُوڻ مٿائي ايندا
چاندي جلون جي طرحدار نموني مرڪي
ڇهري ڇهري کي ملاحت ڏيندي
درد کي درد جي طاقت ڏيندي
۽ ڏکڻ-هير ڪندي ساهَ سُڌيرَ
ٿيندي تبديل مٽيءَ جي تقديرَ
جند ٽڪرن ۾ نه ٿيندي تقسيم
سنڌ ٽڪرن ۾ نه ٿيندي تقسيم. ■